
مارکسزم

موجوده دور جو واحد سچ



ایلن وودز

مترجم: امر فیاض

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مارکسزم:
موجودہ دؤر جو واحد سچ

لیکک: **ایلن ووڈز**
مترجم: **امر فیاض**

لال سلام پبلیکیشنز
2020ع

دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو.

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: **مارڪسزم: موجوده دؤر جو واحد سچ**

ليکڪ: **ايلن ووڈز**

مترجم: **امر فياض**

ايڈيشن: پهريون، نومبر 2020ع

چپيندڙ: لال سلام پبلشرز، 10 ايبٽ روڈ، لاهور

فون: **042-36311122**

اي ميل: **editor@marist.pk**

www.marxist.pk

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڈيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت:

300 روپيه

ترجمي جوهي پورهيوا ربيم

انقلابي سفر ۾ الهڻ جواني ۾ ئي وڃڻي ويل انقلابي ساٿي

"مير مهراڻ خان جمالي"

کي

ـامر فياض

سٽاءُ

سنڌي ڇاپي جو مهاڳ: **بهارَ جا نقش** — **پارس جان** — 05

اردو ڇاپي جي مهاڳ جو ترجمو: — **آدم پال** — 32

- مارڪسي نظريي جي سچائي 61
- موجوده دؤر ۾ مارڪسزم جي افاديت 63
- بورجوا ماهرن جو نظرياتي ابهام 66
- عالمگيريت ۽ اٽبرابري 73
- بيروزگاري جي وبا 76
- واڌو پيداوار جو بحران 79
- بيگانگي 81
- طبقاتي جدوجهد 84
- خيال پرستي ۽ماديت پرستي 87
- مارڪس ۽ ڊارون 90
- تاريخي ماديت 92
- تاريخ جون محرڪ قوتون 95
- تاريخ جون رنگينيون 97
- سماجن جو عروج ۽ زوال 100
- رياست 105
- بورجوازي جو اپار 111
- مارڪسزم جي مسخ شده شڪل 114
- مارڪسي فلسفو 118
- مارڪس ۽ هيگل 120
- مارڪس جو فلسفياڻو انقلاب 122
- جدليات ڇا آهي؟ 125
- مقدار ۽ معيار 128
- جدليات بمقابلہ تجربيت 130
- جدليات ۽ سائنس 132
- ڏيوالو ٿيندڙ دنيا 137
- سمورا رستا تباهي طرف 140
- ثقافت کي درپيش خطرا 144
- منصوبہ بند معيشت جي ضرورت 148
- سوشلزم ۽ بين الاقواميت 152
- ڇا کوئي متبادل آهي؟؟ 155
- واحد رستو 158

بهارَ جا نقش

هلندڙ سال (2020ع) جديد عالمي تاريخ ۾ غير معمولي اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. گذريل سال پنهنجي بنيادن ۾ انتهائي تباهڪن ثابت ٿيو ۽ ان هلندڙ سال لاءِ ورثي ۾ جتي هڪ پاسي شديد معاشي ۽ سماجي عدم استحڪام ڇڏيو هيو تہ ٻئي پاسي ٻي عالمي جنگ کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ موتمار وبا ڪرونا بہ هلندڙ سال جي شروعات کان اڳ ئي جنم وني چڪي هئي ۽ جڏهن هاڻي هي غير معمولي سال پنهنجي پڄاڻي طرف وڌي رهيو آهي تہ نہ صرف اهو جو عالمي وبا جي ٻي مرحلي جي شروعات ٿي چڪي آهي پر ان عالمي معاشي، سياسي ۽ سماجي عدم استحڪام کي بہ انساني تاريخ جي بدترين سطح تي پهچڻ ۽ انساني تمدن کي انهدام جي خطرن جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. اها ڳالهہ واضح آهي تہ معاشي بحران ۽ وبا جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. پر حڪمران طبقي جا وظيفي خوار دانشور شعوري طور تي ان تعلق کي ابتو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهي پوري دنيا کي اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن تہ سندن حاڪميت ۽ نظام بيحد خوش اصلوبي سان ترقي جا ڏاڪا طئي ڪندي اڳتي وڌي رهيا هئا پر اوچتو هڪ آسماني آفت کين جڪڑي ورتو ۽ ڪيترن ئي ڏهاڪن جي محنت ذريعي حاصل ٿيل سهولتون ڏهي پٽ پيون. انهن سامراجي حڪمرانن جا پالتو پرچارڪ ان کان بہ ٻہ قدم اڳتي ان اوچتي آسماني آفت (سندن مطابق) جي ذميواري بہ عوام مٿان مڙهن ٿا تہ يقيناً اها (وبا) عوام جي ئي ڪرتوتن جي سزا آهي تنهن ڪري پنهنجي ڪردار ۽ عملن جي نظرثاني ڪندي خود احتسابي جي عمل منجهان گذرڻو پوندو تہ جيئن اهي فطرت جي ناراض ديوتا جي خوشنودي حاصل ڪري سگهن. ڪرونا کي ئي ان سموري معاشي بحران جو اصل سبب قرار ڏيڻ مان حڪمران طبقي جو اصل مقصد اهو آهي تہ جيڪا سماجي تباهي، افراتفري، بي روزگاري، مهانگائي ۽ غربت انهن جي

ڪري پيدا ٿي آهي ان مان پاڻ کي آجو قرار ڏئي سگهن. پر سندن ان حرفت ۾ کين ڪاميابي ملڻ جا امڪان تمام محدود آهن ڇو جو عوام جڏهن ان سماجي بربادي جي پلصراط تان گذرندي پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي رهيو آهي تہ انهيءَ دوران اهو ساڃيو حڪمران طبقو ۽ سندس زرخريد دانشور انهن سان گڏ بيٺل ڪونهن. اهي تہ هن ڏرتي تي ان سموري سماجي بربادي کان مڪمل طور تي محفوظ ۽ لاتعلق ڪنهن صحت مند ۽ محفوظ جڳهہ تي پنهنجي زندگي بيحد سڪون سان بسر ڪري رهيا آهن ۽ سمورا مزا ماڻي رهيا آهن نہ صرف ايترو پر ان سموري سماجي اذيت جنهن منجهان عوام گذري رهيو آهي، ان کي بہ جنس طور وڪٽي ڪري پنهنجي دولت ۾ بيحد اضافو ڪرڻ ۾ مگن آهن. ان ڪري عوام چاهيندي يا نہ چاهيندي بہ اهو سوال ڪرڻ تي مجبور آهي تہ جيڪڏهن ان آفت کي واقعي بہ آسماني مڃي بہ ونڃي تہ پوءِ جيڪي سموريون سهولتون ۽ وسيلا اسان نسلن کان محنت ڪندي خود تخليق ڪيا آهن، اسان جي نجات جي لاءِ اسان جي دسترس کان پري ڇو آهن؟

حقيقت ۾ هي بحران عالمي وبا جي پيداوار ناهي پر ان عالمي وبا سان حڪمران طبقي جي منهن ڏيڻ جي نااهلي جو نتيجو آهي ۽ اها نااهلي ڏاهڪو سالن کان وڌيڪ عرصي کان جاري معاشي بحران جو منطقي نتيجو آهي. چند خوش فهم معيشت دانن جي اندازن ۽ تجزين جي ابتڙ عالمي معيشت 2008ع جي معاشي بحران منجهان مڪمل طور تي ڪڏهن نڪري ئي ڪو نہ سگهي هئي، جيڪڏهن ان ۾ ڪنهن وقت ڪائي نسبتن بهتري نظر آئي پئي تہ ساڃي وقت ڪو واقعو پهرين کان وڌي ڏڇڪي جو سبب بڻيو پئي. معاشي جبريت پسندن ۽ انتظامي سڌارا آڻڻ جي وڪالت ڪندڙن جا سمورا اندازا غلط ثابت ٿيا ۽ انساني سماج ۽ ان جي ارتقا جي ڪليت جي جدلياتي فلسفي جي صداقت گذريل ڏهاڪي دوران پاڻ کي بار بار ورجائيندي رهي جڏهن نہ صرف معيشت جا داخلي تضاد کيس واپسي طرف ڌڪي رهيا هئا پر سياسي ۽ سماجي تضاد بہ سندس اڳتي وڌڻ جا رستا بند ڪندا پئي ويا. اهو ئي سبب هيو جو ڪرونا کان گهڻو اڳ مدل

ايسٽ کان ويندي آمريڪا ۽ يورپ کان ويندي ڏکڻ ايشيا تائين پوري دنيا مسلسل انتشار ۽ رياستي ۽ سفارتي بحرانن جو شڪار ٿي چڪي هئي. ڪرونا کان پهرين ئي نه رڳو اهي پوئتي پيل ۽ نام نهاد ترقي پذير ملڪ پر ترقي يافته سرمائيداراڻيون رياستون به قرضن جي گورک ڌندي ۾ ڦاسي ڪري سماج جي اجتماعي مفاد يا نجات جي لاءِ ڪجه به ڪري سگهڻ جي صلاحيت وڃائي چڪيون هيون. انهيءَ دوران جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن به خطي ۾ ماحولياتي تبديلين جي نتيجي ۾ زلزلا، ٻوڏون يا ٻيلن کي باهيون لڳڻ جهڙا سانحا رونما ٿيا تہ اهي رياستون رسمي قسم جي ڪاروائين کان اڳتي ڪو قدم نہ کڻي سگهيون ۽ عوام جي وڏي اڪثريت کي حالتن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو. بغير وڏاءَ جي اهو ڇئي سگهجي ٿو تہ ثقافت ۽ تهذيبي چوغي کي پهرين ئي باهه وڪوڙي چڪي هئي ان ۾ ڪورونا ٻرندي تي تيل جو ڪم ڪندي نام نهاد فلاحي رياستن جي بنيادن کي ڏوڏي ڇڏيو.

ان سان گڏوگڏ جتي ان بحران قومي رياستن جي فروعي پڻي کي مڪمل طور تي ننگو ڪري ڇڏيو آهي تہ ٻي پاسي نام نهاد عالمي برادري ۽ بين القوامي ادارن جي چهرن مٿان چڙهيل انسانيت ۽ مسيحائي جي نقاب کي به لاهي ڦٽو ڪيو آهي ۽ سندن سامراجي ۽ دلال هجڻ واري ڪردار کي سرعام وائکو ڪري ڇڏيو آهي. بين القوامي لاڳاپا تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن نہ ڏٺل ڏماڪا خيز مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن. عالمي سفارتڪاري ڏائنٽ جيان بکايل ۽ بيحال لکين نہ پر ڪروڙين انسانن جو ٻوٽيون پٽڻ لاءِ تيار آهي. مختلف معروضي ۽ موضوعي عنصرن جي ڳڏ جوڙ جتي ٽئين عالمي جنگ جي امڪانن کي محدود ڪري ڇڏيو آهي اتي ننڍي پيماني جون جنگيون، گهرو ويڑهه ۽ پراڪسي جنگيون هر روز ڪيترين ئي معصوم زندگين کي پنهنجو ڪاڄ بڻائي رهيون آهن. افغانستان ۾ نام نهاد امن معاهدي جي متوازي رت جي راند جاري آهي. تازو ئي چين ۽ پارت جي سرحد مٿان جنگ جا بادل لامارا ڏيندا رهيا آهن جڏهن تہ آذربائيجان ۽ آرمينيا وچ ۾ هڪ خوني راند ڪيترن ئي هفتن کان جاري آهي جنهن ۾ سوين عام ماڻهن سميت هزارين موت جو خاڄ بڻجي چڪا آهن. عالمي ۽

علاقائي سامراجي قوتون ان خوني راند ۾ شامل آهن جنهن ڪري اهو معاملو حل ٿيڻ بجاءِ ويتر بگڙجندو پيو وڃي. ترڪي، ايران ۽ روس سڀ پنهنجي پنهنجي سامراجي مفادن جي نقطہ نظر ان مسئلي ۾ مداخلت ڪري رهيا آهن. انساني زندگين جي حرمت انهن منجهان ڪنهن جي بہ ايجنڈا ۾ شامل ڪونهي. اها صورتحال ائين ئي جاري رهندي جيڪڏهن ان مسئلي ۾ گهٽتائي ايندي تہ پوءِ وري اهو سامراجي ٽڪراءُ ڪنهن بہ خطي ۾ هڪ مختلف شڪل ۾ ڪنهن نئين مسئلي کي جنم ڏيندو اهڙن مسئلن سان گڏوگڏ اها وبا (ڪورونا)بہ ايندڙ ڪيترن ئي مهينن يا وري سال کن تائين وڌيڪ انساني جانين سان کيڏندي رهندي. اهو پڻ ممڪن آهي تہ ان وبا جي ختم ٿيندي ئي ان جهڙي يا ان کان بہ وڌيڪ خطرناڪ وبا هن سياري (ڏرتي) کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي وڃي. انهن وبائن ۽ نظام جي بحران جو پاڻ ۾ هڪ جدلياتي تعلق آهي جنهن ۾ سبب اثر ۽ اثر سببن ۾ بدلجندا رهندا آهن. ڪورونا بحران جو سبب نہ هئي پر پيداوار هئي پر ان بحران کي وڌيڪ مشتعل ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي ريت ان مشتعل بحران عالمي وبا جي هاڻوڪي ٻي فيز جي لاءِ راهہ هموار ڪئي آهي. جيسيتائين هي نظام ۽ ان جي غير انساني اخلاقيات مڙهيل آهي، بربادي ۽ تباهي جي اها داستان ائين ئي جاري رهندي.

ان وبا جي ڪري هينئر تائين پوري دنيا ۾ 11 لک 31 هزار 2 سئو 90 ماڻهو زندگيون وڃائي وينا آهن. ڇٽن ڪروڙن کان مٿين ماڻهو ان وائرس جي انفيڪشن ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن جن منجهان وڌيڪ 72 هزار 800 زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهن. آمريڪا بهادر ۾ ان وائرس جي ڪري 2 لک جڏهن تہ ايشيا جي اڳواڻي ڪندڙ معيشت ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت انڊيا ۾ هڪ لک کان وڌيڪ انسان موت جو شڪار ٿي چڪا آهن. ساڳي صورتحال برازيل سميت ٻين ايرندڙ معيشتن جي آهي، نہ صرف اهو تہ ڪورونا کي بغير ڪنهن مزاحمت جي انسانين زندگين کي ڳڙڪائڻ جي لاءِ کليل ميدان ڏنو ويو پر ان سان گڏوگڏ پهرين کان ئي زبون حال صحت ۽ غذا جي انفرااسٽرڪچر مٿان اضافي دٻاءُ سبب

ٻين مرضن ۾ انهن سبب موت جي شرح ۾ بيحد اضافو ٿيو آهي. اڄ جي جديد دؤر ۾ ب ان بربادي جي دفاع ۾ جواز گهڙڻ جي لاءِ ڪجهه غليظ دانشور مالٿس جي رجعتي نظريي آبادي جو ب سهارو ونڻ پيا. سندن خيال مطابق ڪورونا سبب مري ويندڙن جو وڏو حصو شگر ۽ دل، گردن ۽ جگر جي مرض ۾ مبتلا ماڻهن تي مشتمل آهي. مطلب سندن خيال مطابق اهي ماڻهو پهرين ئي سماج مٿان بوجه هئا ۽ ڪنهن ب پيداواري سرگرمي ڪرڻ جي اهل نه هيا تنهن ڪري فطرت پنهنجي داخلي قانونن تحت زمين جو بو جهه گهٽائي ڇڏيو. اهڙي قسم جي سوچ ڪليل نموني جي حيوانيت کي ظاهر ڪري ٿي. هلو اسان ان کي درست مڃي ب ونون ته جتي شگر ۽ دل جي مرض ۾ ورتل پهريان کان موجود مريضن کي ماريندي فطرت انسانيت جي خدمت ڪئي آهي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ انهن بيمارين جي ڦهلاءَ کي ب روڪڻ لاءِ ڪجهه ڪري ها جيئن مستقبل قريب ۾ ته اهو بو جهه نه وڏي ها. پر ريورٽس منجهان صاف ظاهر ٿئي پيو ته جيترا انهن مرضن ۾ مبتلا ماڻهو ڪورونا جو شڪار ٿيا ان کان وڌيڪ نون مريضن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي، جيڪڏهن اها ئي رفتار رهي ته پوءِ هن ڌرتي تي صحت مند انسان تلاش ڪرڻ اتي ۾ لوڻ ڳولهڻ مثل هوندو. مالٿس جي مريدن مطابق پوءِ هي سياري صرف آڳرين تي ڳڻڻ جيترن سرمائيدارن کي ئي برداشت ڪرڻ جي اهل رهندو.

جتي ڪورونا مالٿس جو پيغمبر ٻڌجي موت جي راند کيڏي رهيو آهي ته بي پاسي بيروزگاري ۽ مهانگائي زنده لاشن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. 2018ع تائين پوري دنيا ۾ بيروزگارن جو تعداد 18 ڪروڙ 60 لک ٻڌايو ٿئي ويو ۽ اندازو لڳايو ٿئي ويو ته 2030ع تائين اهو تعداد وڌي ڪري لڳ ڀڳ 20 ڪروڙن تائين پڄندو. پر هاڻوڪي بحران انهن سمورن انداز کي ڏوڙ ڪري ڇڏيو. آمريڪا ۾ فيبروري جي مهيني تائين بيروزگاري جي شرح 3 ڀاڳي 5 سيڪڙو هئي پر اپريل تائين اها 14 ڀاڳي 7 سيڪڙو کان وڌي چڪي آهي. آمريڪي وزارت محنت جي مطابق آمريڪا ۾ مارچ جي آخر ۽ اپريل جي شروعات جي پهرين ٻن هفتن ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهو

بيروزگار ٿيا. تڏهن کان وٺي هينئر تائين آمريڪا ۾ بيروزگار ٿيندڙن جي تعداد سادين چئن ڪروڙن کان به وڌي چڪي آهي. پوري دنيا ۾ 40 ڪروڙن کان مٿين نوڪريون ختم ٿيون آهن جڏهن ته 43 ڪروڙ ننڍا ڪاروبار ٻڏي چڪا آهن جنهن سبب غذا جي قلت جي شڪار ماڻهن جي تعداد ۾ وڌيڪ 26 ڪروڙن جو اضافو ٿيو آهي. يورپ ۽ چين سميت باقي ترقي يافته دنيا ۾ به بيروزگاري جو جن بوتل منجهان ٻاهر نڪري آيو آهي. چين وڏي پيماني تي بيروني سرمايي ڪاري ۽ پوري دنيا اندر پنهنجي شرطن تحت پهاڙ جيڏن منصوبن ذريعي بيروزگاري (پنهنجي ملڪ جي) جي ان جن جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي پر وڌيڪ سنجيده ماهر ڄاڻن ٿا ته ان بحران کي وقتي طور ته ٽاري جا اڳتي ڪٽي وڃي سگهجي ٿو پر حتمي طور ان منجهان نڪرڻ مشڪل ئي نه پر ناممڪن آهي. ان جي ابتڙ اهڙين پاليسين سبب جتي چين جو رياستي قرض بي قابو ٿيندو پيو وڃي اتي ئي پوري دنيا ۾ نوان سفارتي مسئلا (جميڙا) ڪر ڪٽي رهيا آهن جن جي قيمت هڪ دفعو ٻيهر متاثر رياستن جي پورهيت عوام کي چڪائڻي پوندي.

هن ڏرتي تي جتي مٿي بيان ڪيل دوزخ ٻڙڪي رهي آهي اتي ٻي پاسي روحاني تسڪين ڏيندڙ جسماني راحت ڏيندڙ جنت به مهڪي رهي آهي. آڪسفيم جي هڪ رپورٽ ۾ اهو انڪشاف ڪيو ويو آهي ته هلندڙ سال دنيا جو 32 سڀ کان وڌيون ملٽي نيشنل ڪمپنيون هڪ سئو 9 ارب ڊالر ڪمائيندڙ ۽ 50 ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان به وڃي هيٺ ڪرندا. گوگل، ايپل، فيس بوڪ، ايمازون ۽ مائڪروسافٽ انهن پنجن ڪمپنين کي 40 ارب ڊالرن جو اضافي منافعو ٿيندو. دنيا جو 7 وڏيون دوا ناهيندڙ ڪمپنيون ايڪيه سيڪڙو وڌيڪ يعني 12 ارب ڊالر اضافي منافعو ڪمائيندڙ. هن ئي سال دنيا جي هڪ سئو سڀ کان وڌين ڪمپنين پنهنجي اسٽاڪ مالڪيت ۾ 3 ٽرلين يعني 3 هزار ارب ڊالر اضافو ڪيو. دنيا جي امير ترين شخص ايمازون جي مالڪ هيف بيزوس ڪورونا دوران پنهنجي دولت ۾ 92 ارب ڊالرن جو اضافو ڪيو آهي. ڪپڙن جي ريٽيل ڪمپني ڪوهلز هن سال 15 ڪروڙ ڊالرن جا آرڊر منسوخ ڪرڻ

باوجود 10.9 ڪروڙ ڊالرن جو منافعو پنهنجي سرمائي ڪارن ۾ تقسيم ڪيو جڏهن ته ان دوران انهيءَ ڪمپني منجهان لکين مزدورن کي پنهنجي نوڪرين تان هٿ کڻڻو پيو. صرف بنگلاديش ۾ متاثرن جو تعداد 22 لک ٻڌايو پيو وڃي. دنيا اندر ڪپڙي جون سڀ کان وڏيون ڏهه ڪمپنيون هن سال مجموعي طور تي پنهنجي شيئر هولڊرز ۾ 21 ارب ڊالر جو منافعو ورهائي چڪيون آهن. تيل تي هڪ هٽي قائم رکندڙ شيوران جي منافعن ۾ به تمام گهٽو اضافو ٿيو آهي پر ان باوجود ڏهن کان 15 سيڪڙو مزدورن کي سندن نوڪرين منجهان فارغ ڪيو ويو آهي. نائيجريا جي سيمينٽ جي سڀ کان وڏي ڪمپني ڊينگوٽ سمينٽ کي هن سال هڪ سئو 36 سيڪڙو اضافي منافعو ورهائڻو آهي ۽ ان حدف کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ 3 هزار مزدورن کي برطرف ڪيو ويو آهي. آڪسفيم جي انهيءَ رپورٽ جي مطابق آمريڪا جا ڏهه اميرترين فرد سمورين آمريڪي ڪمپنين جي حصص جي 89 سيڪڙو جا مالڪ آهن. اهڙي طرح برطانيه ۾ مجموعي پينشن فنڊ جو 46 سيڪڙو ملڪ جي ڏهن اميرترين ماڻهن جي ملڪيت آهي ۽ غريب ترين 50 سيڪڙو ماڻهو صرف ان فنڊ جي هڪ سيڪڙو جا مالڪ آهن. گذريل ڇهن سالن ۾ دنيا جي سڀ کان وڏيڪ منافع بخش ڪمپنين پنهنجي سرمائي ڪارن ۾ 2 ٽريلين يعني ٻه هزار ارب ڊالر ورهايا هئا.

ان سموري دولت جو جيڪڏهن هڪ ننڍڙو حصو به انفرادي منافعن جي هوس بجاءِ اجتماعي مفاد جي لاءِ ڪتب آندو وڃي ته پوري دنيا منجهان بک، بيماري، لاعلاجي، زبون حالي، جنگين ۽ افراتفري جو هميشه هميشه لاءِ خاتمو آڻي سگهجي ٿو. اهو ئي سوال هاڻي اجتماعي شعور جي سبقن جي فهرست ۾ سڀ کان مٿانهين جڳهه ولاڙڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهي. انهيءَ شعوري عمل جي انقلابي جست (چلانگ)مٿين بيان ڪيل آڳرن تي ڳٽڻ جيترن حرام خورن جون ننڍڙون حرام ڪري ڇڏيون آهن. سوشل ميڊيا يا اجتماعي رابطي جون ويب سائيٽس نه پر اهو ئي مٿي بيان ڪيل طبقاتي ۽ سماجي فرق ئي پوري دنيا ۾ انقلابي تحريڪن کي تازو رت ۽ جذبو فراهم ڪري رهيو آهي. حڪمران طبقو پنهنجي مخصوص

ميڪانڪي طرز فڪر ۽ عمل جي ڪري حالتن جي جوهر بجاءِ ظاهر کي ئي پسي سگهندو آهي. تنهن ڪري اهي سمجهن ٿا ته جيڪڏهن مخصوص ويب سائيٽس ۽ پروگرامن کي بند ڪيو وڃي ته تحريڪون ۽ انقلاب به ڏيجي ويندا. اها ڳالهه درست آهي ته سماجي رابطن جا پروگرام انقلابي عمل کي تيزي يا مدد ضرور ڏين ٿا پر اصل سبب اميري ۽ غريبي جي وچ ۾ وڌندڙ خليج ئي آهي جيڪا خود حڪمران طبقي جي پنهنجي تجزي نگارن جي بقول ته ايندڙ سالن ۾ ايجان وڌندي رهندي ۽ ان جي نتيجي ۾ انقلابي تحريڪون به وقفي وقفي سان نسبتي رڪجڻ بعد بار بار اپرنديون رهنديون. آمريڪا ۾ جارج فلوئيڊ جي قتل بعد اپرندڙ شاندار تحريڪ به وقتي ماڻ جو شڪار ته ٿي هئي پر بريونا ٽيلر جي قتل ان کي ٻيهر پڙڪائي وڏو. جيڪڏهن هاٿي ان ۾ ڪا وقتي ماڻ ايندي ته رياستي جبر ٻيهر ان کي پهرين کان وڌيڪ شدت سان ايارڻ ۾ راه هموار ڪندو. اهڙي طرح ئي فرانس ۾ پيلي جيڪيٽ وارن جي تحريڪ به ٿورو سستي جو شڪار آهي پر اها هڪ دفعو ٻيهر ڪنهن نئين شڪل ۾ تازه دم ٿي ڪري ظاهر ٿيندي. گذريل سال جي آخري حصي ۾ لبنان، عراق، چلي، سوڊان، ايڪوادور، هانگ ڪانگ وغيره جون بي مثال انقلابي تحريڪون به ٻيهر اپرنديون. لبنان ۽ هاٿي سوڊان ۾ ته. انهن جو ٻيو مرحلو ڪنهن حد تائين پهرين ئي شروع ٿي چڪو آهي. هاٿي ٿائليند، فلپائن، انڊونيشيا ۽ نائيجيريا به ان طويل فهرست جو حصو ٻڌجي چڪا آهن. ايندڙ سالن ۾ جتي عرب انقلاب هڪ دفعو ٻيهر تازي نموني ڪر موڙي اٿندا اتي ئي ٻي پاسي جرمني، آسٽريليا ۽ ڪينيڊا جهڙا بظاهر مستحڪم نظر ايندڙ ملڪ به ڏماڪيدار تبديلين جي عمل منجهان گذرندا، جڏهن ته چيني اشرافيه ته ويڙهه ئي بارود جي ڍير تي آهي.

اسان جن خطي ۾ رهون ٿا اهو به ڊرامائي طور تي تبديل ٿي چڪو آهي. انديا جيڪو اڳ آمريڪي سامراج جي مخالف بلاڪ جو هن خطي ۾ قائد هيو هاٿي هن خطي ۾ سامراجي دلالي جي ان منصب تي فائز ٿي چڪو آهي جتي ڪڏهن شاهه ايران ويڙهه هيو. سعودي عرب ۽ گڏيل

عرب امارات سميت تمام آمريڪي سامراج جو ڪٺ پتلي رياستون انڊيا جي هاٿوڪي وزيراعظم نريندر مودي کي سندس آمريڪي سامراج جي خدمتن (دلالي) عيوض پنهنجي پنهنجي اعليٰ سرڪاري اعزازن سان نوازي چڪيون آهن. پر بدقسمتي سان انڊيا جا شاگرد، مزدور، هاري، مظلوم عورتون، محڪوم قومون ۽ اقليتون انهن سامراجي ملڪن سان اتفاق نه ٿيون ڪن ۽ سندن پسنديده دلال يعني نريندر مودي کي ڪنهن ٻي ئي "اعزاز" سان نوازڻ جي تياري ڪري رهيون آهن. پارتي قبضي هيٺ ڪشمير ۾ تاريخ ساز جدوجهد جو ٻيو سال ٻه نه صرف جاري آهي پر انتهائي ڏکين حالتن باوجود ان پارتي حڪمرانن جي نڪ ۾ دم ڪري رکيو آهي. ملڪ جي باقي حصن ۾ به ان تحريڪ جي حمايت ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. خاص طور تي شاگرد تحريڪ ڪشمير جي مزاحمت منجهان بيحد طاقت حاصل ڪئي آهي. جيتوڻيڪ فوري مقصدن جي حاصل ٿيڻ ۾ ڪائي فيصلائتي ڪاميابي ناهي حاصل ٿي سگهي پر بيحد وثوق سان اهو چئي سگهجي ٿو ته پارتي شاگردن جي تحريڪ هاٿي معياري طور تي ٻهرين کان وڌيڪ مختلف ۽ تمام گهڻي تجرٻيڪار آهي. هاٿي اهو گهڻو عرصو مسخ ٿيل انقلابي نظرين جو لاشو پنهنجو ڪلهي تي کڻي هلڻ جي مود ۾ ناهي ۽ مارڪسزم جي عظيم روايتن تي جميل استالنزم ۽ مائوست مهم جوئي جي دز جي صفائي جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي. هندستاني هاري نام نهاد معاشي اپار جي دؤر ۾ به دوزخ جهڙي بدتر زندگي بسر ڪرڻ تي مجبور هئا. سندن برداشت جو پيمانو لبريز ٿي چڪو آهي ۽ اهي ڪيترائي وڏا وڏا لانگ مارچ به ڪري چڪا آهن. پورهيت طبقو ڪافي دفعا عام هڙتالن جي ذريعي پنهنجي پوٽينشل جو اظهار ڪري چڪو آهي پر قيادتن ان کي هميشه پوئتي ڌڪيو آهي. ڪورونا بحرانَ شاگردن، هارين ۽ مزدورن جي تحريڪن کي جتي معطل ڪيو هيو اهي تحريڪون ٻيهر ان نام نهاد ماٺ جي ڏينهن ۾ انهن تحريڪن جي تجربن منجهان سکندي هڪ نئين ۽ تازي ويڑهه جي صف بندي ڪري رهيون آهن. ايران ۾ به هلندڙ مهيني دوران هڙتالن جي نئين لهر حڪمرانن جي ايوانن کي ڏوڏي ڇڏيو

آهي. ڪورونا سبب ٿيندڙ معاشي بربادي جو سمورو بار پوري دنيا جيان ايراني حڪومت پاران بہ اڳ ئي سامراجي پابندين جي سزا پوڳيندڙ بي حال پورهيت طبقي مٿان وڏو پيو وڃي ۽ اهي پورهيت ان خلاف مزاحمت ڪري رهيا آهن. هن دفعي ايران ۾ شاگردن ۽ وچولي طبقي سان گڏوگڏ صنعتي مزدورن منجهہ بہ وڏي پيماني جي هلچل ڏسڻ ۾ اچي پئي ۽ اها ايران جي سياسي مستقبل جي سلسلي ۾ انتهائي اهم پيش رفت آهي.

پاڪستاني رياست عالمي ۽ علاقائي سياسي ۽ معاشي اٿل پٿل سبب شديد پريشاني ۾ پهرين کان وڌيڪ وحشي بڻجي چڪي آهي ۽ بيهودگي طرف وڌندي پئي وڃي. معيشت وينٽي ليٽر جي حوالي آهي ۽ رياستي ادارا بہ پوسٽ ۾ ورتل آهن ۽ اهي بہ مصنوعي ساهہ جي حوس ۾ معيشت کان اهو وينٽي ليٽر کسيندي پنهنجي زندگي کي طبعي عمر کان وڏائڻ جي لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن. مطلب جڏهن رياست جي ادارن ۽ معيشت ۾ تعلق جي نوعيت وڃي اتي پهچي جو پئي هڪ بي کي سهارو ڏيڻ بجاءِ هڪ بي لئہ مٽي جو سور بڻجي وڃن تہ سمجهي وڃ گهرجي تہ پل هينان تمام گهٽو پاڻي گذري چڪو آهي. جيڪڏهن ان ڳالهہ کي انتهائي سادي نموني پيش ڪجي تہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ سرمائيداراڻي حدبندين جي اندر معاشي استحڪام جي لئہ ضروري آهي تہ فوج، سول افسر شاهي ۽ سرمائيدار سڀ جيئن تہ ڪنهن پيداواري عمل جو حصو ناهن ۽ ملڪي معيشت منجهان ڪل پيداوار جو هڪ وڏو حصو هڙپ ڪري وڻندا آهن. پنهنجي خرچن ۽ مراعتن کي گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽي کان چار حصا گهٽ ڪن. ٻي صورت ۾ ملڪي خسارو ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ ٿيندو جيئن تہ حقيقت ۾ هي هڪ غلام رياست آهي تنهن ڪري سامراجي ادارن يعني آئي.ايم.ايف ۽ ورلڊ بينڪ ۽ سامراجي ڪمپنين جي ڌرلٽ ۾ تہ گهٽتائي جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. انڪري آئي ايم ايف جو دٻاءُ آهي تہ رياست ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجو مالياتي خسارو گهٽ ڪندي متاسٹا جي ذخيرن کي اطمينان بخش سطح تي برقرار رکي. هاڻي سرمائيدارن، فوج ۽ سول اشرافيہ منجهان هر ڪنهن جي اها ڪوشش آهي تہ اهي پنهنجي

مراعتن منجهان ڪجهه به نه وڃائن ۽ انڪري ئي هر ڏر ٻين ڏرين کي قومي مفاد تحت قرباني جو ٻڪرو ٻڌائڻ جي لاءِ تبليغ ۽ تلقين ڪري پئي. رياست جي ستن ڏاهڪن تي مشتمل ارتقا جي مخصوصيت سبب فوج فيصلا سازي اندر سڀ کان طاقتور حصيدار آهي. انڪري باقي حصيدارن ۾ ان جي (فوج) اثر رسوخ ۾ گهٽتائي جي خواهش پيدا ٿيڻ منطقي ۽ بلڪل فطري آهي. پر اها ڳالهه ذهن ۾ هجي ته ان خواهش جو بنيادي مقصد پنهنجي پنهنجي مراعتن ۽ پرآسائش زندگين جو دفاع ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي عياشين جي لاءِ وڏ کان وڏ ورثي کي محفوظ ۽ مظبوط ٻڌائڻو آهي. (مطلب ان خواهش ۽ سندن هڪ ٻي سان جهيڙي جو واسطو ڪنهن به صورت ۾ عوام سان ناهي:مترجم)اهو ئي اڄ ڪلهه ملڪي سياست جي سينيما ۾ "سول ملٽري ويڑهه" جي نالي سان هلندڙ فلم جو پلاٽ آهي ۽ هينئر "شاندار نمائش جاري آهي" جا سائن بورڊ هر طرف لڳل آهن.

سول اشرافيه وٽ سياسي پارٽين ۽ عدليه کان علاوه پنهنجي مفادن جي حق ۾ فيصلا سازي جي لاءِ دٻاءُ وڌائڻ يا وجهڻ جي لاءِ ڪي ٻيا ادارا يا اوزار ڪونهن. عدليه اندر انهن بنيادن تحت شديد قسم جي ٽوڙ ڦوڙ واري ڪيفيت هاڻي ڪنهن کان به لڪيل ڪونهي ڪا. انهيءَ دٻاءَ فوج جي پنهنجي اندر مختلف ايجنسيز جي وچ ۾ دفاعي بجيٽ، سي پيڪ جي ڪميشنز ۽ ڪڪ بيگز انفرااسٽرڪچر جي منصوبن ۾ ٺيڪن جي وند ورهاست ۽ عسڪري ڪارپوريشنز ۽ رئيل اسٽيٽ ۾ جاري ڦرلٽ بابت موجود داخلي مسئلي کي به پنهنجي انتها تي پهچائي ڇڏيو آهي. فوج جي ان اندروني مسئلي (جهيڙي) مان سول سپرميسي جي نالي تي پنهنجي ڦرلٽ کي تحفظ ڏيندڙ قوتون فائدو ونڻي رهيون آهن ۽ اهي رياستي ايجنسيز سان هڪ ئي وقت ويڑهه ۾ هجڻ باوجود نون قول قرارن جي لاءِ به راهه هموار ڪري رهيون آهن ۽ بدلي ۾ ضروري مالي لاجسٽڪ معاونت به حاصل ڪري رهيون آهن. ان نام نهاد ويڑهه جي سمورن حصيدارن جي وچ ۾ ٻن نقطن تي قطعي اتفاقِ راءِ موجود آهي. هڪ اها ته سامراجي ادارن جي ڦرلٽ بغير ڪنهن رنڊروڪ جي جاري رهڻ گهرجي ۽ ٻي اها ته محنت ڪش طبقي

جي هڏن منجهان جيتري مک نچوڙي سگهجي ٿي اها ان نوراڪشتي جي آڙ ۾ جلد کان جلد نچوڙي ونجي. پهرين ذڪر ڪيل نقطي تي وري به آمريڪي ۽ چيني سامراج سان وابستہ وفادارين جي بنياد تي ڪجهہ يا ڪڏهن ڪڏهن طئہ ٿيل حدن کان وڌي ڪري اختلافِ راءِ جنم ونڌي به سگهي ٿي پر آخري نقطي تي نہ اڳ ڪڏهن اختلافِ راءِ موجود هئي ۽ نہ ئي مستقبل ۾ اهڙو ڪجهہ ٿيندو. جيڪڏهن محنت ڪش طبقي جي تحريڪ جي دباءَ هيٺ ڪوئي هڪ حصيدار هڪ اڌ قدم کڻڻ جو ڊراموڪري به ٿو تہ ان جو مقصد صرف پورهيتن جي غصي کي ٺڏو ڪري سندن پٺي ۾ ڇرو وهائي ڪيڻ کان علاوه ڪجهہ نہ هوندو.

پاڪستان جنهن کي مملڪتِ خداداد چيو ويندو آهي، جي لاءِ هن وقت سڀ کان وڏو مسئلو اڳوٽي ورلڊ آرڊر جي ٽوڙ ڦوڙ آهي. ٻي عالمي جنگ کان پوءِ سامهون ايندڙ ورلڊ آرڊر تحت سوويت يونين جو رستو روڪڻ جي لاءِ مذهب جي نالي تي مصنوعي ئي صحيح پر بهرحال مملڪتِ خداداد جو سامراج لئہ هڪ ڪردار ۽ افاديت موجود هئي. نہ صرف اهو تہ آمريڪا کي سوويت يونين جي مقابلي ۾ پر سعودي عرب کي ايران سان طاقت جو توازن خطي ۾ پنهنجي حق ۾ رکڻ جي لاءِ هڪ اسلامي رياست گهربل هئي، تنهنڪري ٻئي گڏجي هن رياست کي پالينڊا تاتيندا رهيا. مٿي بيان ڪيل ڊرامائي تبديلين سبب آمريڪا بهادر پاڪستان جي معاشي ۽ فوجي امداد بند ڪري ڇڏي آهي، جڏهن تہ ٻي پاسي سعودي عرب به انڊيا سان ياري باشي شروع ڪري ورتي آهي. پاڪستاني رياست جا بنياد ئي پارت ۽ اسرائيل دشمني تي رکيا ويا هئا. هاڻي سعودي عرب ۽ آمريڪا پاڪستان کي به اسرائيل کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. گڏيل عرب امارت پهرين ئي اسرائيل سان فضائي رابطہ بحال ڪري چڪو آهي ۽ تازو ئي بحرين به اسرائيل سان سفارتي لاڳاپن جي شروعات ڪري چڪو آهي. ايندڙ وقت ۾ پاڪستان مٿان به ان حوالي سان دباءَ وڌندو ۽ اهو سوال پاڪستاني رياست جي لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي. پاڪستاني رياست جي تشخص جو بحران ان جي بقا جي سوال کي جنم ڏئي رهيو

آهي. حقيقت ۾ هاڻي جاگرافيائي ۽ سفارتي حوالي سان هن خطي ۾ هڪ اسلامي رياست ڪنهن به علاقائي ۽ عالمي طاقت جي مفاد ۾ ڪونهي. پاڪستاني رياست جي شديد ساڃي ڏر ۽ خاص طور تي پاڪستاني فوج اندر موجود بيحد رجعت پسند حصو بخوبي ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن پاڪستاني رياست جو مذهبي تشخص خطري ۾ پئجي وڃي ٿو. ته سندن رهڻ جو جواز به ختم ٿي ويندو انڪري اهي پنهنجي بقا جي جنگ ۾ تشددجي هر حد پار ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن مذهبي تشخص ۽ فوج جي ڪردار کي ختم ڪرڻو ئي آهي ته پوءِ متبادل ڪهڙو آ؟ ظاهر آهي ته اهو سوال قومي جمهوري انقلاب جو سوال آهي جنهن جي نتيجي ۾ رياست جو مذهبي تشخص ختم ڪندي هڪ سيڪيولر رياست قائم ڪئي وڃي. ڇا اهو پاڪستان ۾ ممڪن آهي؟

جي ها اهو ممڪن ئي نه پر ضروري به آهي ۽ هر انقلابي جو فرض آهي ته اهو هر ممڪن حد تائين ان خير جي ڪم ۾ پنهنجو حصو وجهي. پر ڪيئن؟ اسان جا لبرل ۽ اڳوڻي ڪاپي ڏر جا دوست سادو جواب ڏيندا آهن ته "هو ڏسو ملڪ ۾ پهرين ئي فوج کي آئيني اختيارن تائين محدود ڪرڻ جي لاءِ هڪ تحريڪ هلي رهي آهي جنهن ۾ 11 پارٽيون شامل آهن. جنهن جو نالو پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ آهي. اڳتي وڌو ۽ ان ۾ شامل ٿي وڃو. پنهنجي پنهنجي پارٽين جي نالن، جهنڊن ۽ بينرز سان گڏ ان جو حصو بڻجي وڃو." اسان پنهنجي ڪاپي ڏر جي انهن دوستن کان سوال ڪريون ٿا ته ڇا هي اتحاد واقعي فوج جو سياست منجهان ڪردار ختم ڪرڻ لاءِ ناهيو ويو آهي؟ ائين بلڪل به ناهي. فوج پنهنجي داخلي تضادن جو شڪار آهي. ان جو سڀ کان وڏو اظهار جنرل باجوه جي ايڪسٽينشن واري معاملي وقت ٿيو هيو. جڏهن ميڊيا جي ڪجهه رپوٽن مطابق جنرل باجوه جي سيڪنڊ ان ڪمانڊ جنرل کي خاندان سميت نظر بند ڪندي ڪائنس جبري استعيفا ورتي وئي هئي. ان جهڙا ناراض جرنيل ايجان به موجود آهن. جن جي جمهوريت سان ناجائز لاڳاپن ۽ معاشقن سان پوري تاريخ پري پئي آهي. جڏهن به جمهوريت انهن ناجائز لاڳاپن کي جائز بنائڻ جي ضد

ڪندي آهي تہ اهي جرنيل ان نندڙي پري جي دل توڙي ڇڏيندا اهن. تازا لاڳاپا بہ جڏهن پنهنجون حدون اورانگهڻ لڳندا تہ انهن جو حشر اڳ جهڙو ٿيندو. جيڪي همراه اهو اصرار پيا ڪن تہ نہ هن دفعي ائين نہ ٿيندو ۽ صورتحال پهرين کان تبديل ۽ مختلف آهي ۽ جمهوريت ڏاڍي سياڻي ۽ تجربيڪار ٻڌجي چڪي آهي ۽ اهي دليل طور ميان نواز شريف جي جنرل باجوه جي خلاف استعمال ڪيل بولي پيش ڪندا آهن. اهڙا دليل ڏيندڙ بيوقوفن جي جنت ۾ رهن ٿا. اهي اِهو چو ٿا وساري ڇڏن تہ عمران خان هڪ نہ پر سمورن جرنيلن مٿان ٽڪ لعنت ڪندو رهندو هيو. کين اهو بہ ياد ناهي رهندو تہ پرويز مشرف خلاف هلندڙ عدليہ ۽ جمهوريت بحالي تحريڪ خفيہ ادارن جي مالي ۽ لاجسٽڪ مدد جي ڏي تي هلي رهي هئي. آئي ايس آئي جو اڳوڻو سربراه جنرل حميد گل خود ان ڪاروان جو روح روان هيو ۽ عمران خان جي ابتدائي تربيت ۾ موصوف جو ڪليدي ڪردار رهيو آهي. جنهن جي گواهي عمران خان جي اڳوڻي گهرواري ريحام خان جي ڪتاب ۾ بہ موجود آهي. اصل ۾ حقيقت ايڏي سادي ناهي هوندي جيترو اسان جا اهي فارمي (برائلر) انقلابي سمجهندا آهن. دنيا ۾ ڪوڙ ساتريون تحريڪون جيڪي پنهنجي جوهر ۾ آمريڪا مخالف هيون. ان جي قيادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آمريڪا نواز ليڊر خوب آمريڪا مخالف نعري بازي ڪندا هئا. اهڙي طرح ئي ڪيترن ئي تحريڪن جو ڳلو ڪپيو ويو. پاڪستاني فوج ۽ ايجنسيز جي اعليٰ عهديدارن جي ٽريننگ بہ خود حميد گل جي بقول تہ آمريڪي سي آئي اي ڪندي رهي آهي. انڪري اهي بہ انهيءَ ساڳي حڪمت عملي تي عمل پيرا هوندا آهن. ان تناظر ۾ هاڻوڪي بورجوا قيادتن منجهان وابستہ اميدن جون ڪي بہ سائنسي بنيادون ڪونهن ڪي. حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي جو اسان جا اهي ڪاهي ڏر جا دانشور ۽ سياستدان ان بورجوا قيادت منجهان سيڪيولر رياست جي قيام جون اميدون وابسطہ ڪري وينا آهن. جيڪي بيڪ ڊور ڊپلوميسي (Back Door Diplomacy) جا رستا کليل رکڻ جي لاءِ مولانا فضل رحمان جي قيادت تي مطمئن ٿيا آهن. مولانا فضل رحمان فوج جي سياست ۾ گهر ڪري

ويل ڪردار جو انڪري مخالف ڪونهي ڪو جو هو جمهوريت پسند آهي پر انڪري جو هو هڪ تجربيڪار سياستدان آهي ۽ سمجهي ٿو ته فوج جي قيادت عالمي قوتن جي دٻاءَ ۾ رياست جي مذهبي تشخص بابت سمجهوتو ڪرڻ جو سوچي رهي آهي. ٻين لفظن ۾ هو سيڪيولرزم جي ممڪن خطرن کي اڳواٽ روڪڻ جي لاءِ فوج مخالف نعري بازي ڪري رهيو آهي ۽ اسان جي کاپي ڏر وارا سيڪيولر رياست جي تشڪيل جا خواب اکين ۾ سجائي هن مٽان (فضل الرحمان) ساه صدقو پيا وجن. هاڻي اهي چالباز انقلابي جواب ڏيندا ته سيڪيولرزم نه به هجي فوج ته ڪمزور ٿي رهي آهي نه. مطلب جمهوريت ته مضبوط ٿيندي نه. يعني هاڻي اهي استالنسٽ تجزي نگار پنهنجي "قومي، جمهوري" انقلاب جي ايجان وڌيڪ 'مرحلي واريت' ۾ ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن. پهرين سندن مرحلي واريت جي ٿيوري ۾ جمهوريت کان پوءِ سوشلزم هوندو هيو جيڪو آهستي آهستي غائب ئي ٿي ويو. هاڻي پهرين مرحلي ۾ جمهوريت هوندي ۽ پوءِ سيڪيولرزم. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن جمهوريت جي ان جدوجهد ۾ فضل الرحمان جهڙن مذهبي قوتن جا هٿ خود ئي مضبوط ڪيا ويندا ته ڇا اهي فوج سان ٻيهر ملي ڪري سيڪيولرازم جا رستا هميشہ هميشہ جي لاءِ بند نه ڪري ڇڏيندا؟ اهو سراسر ميڪانڪي طريقيڪار آهي. فوج جي ڪمزور ٿيڻ سان ضروري ناهي ته جمهوريت مضبوط ٿئي پر ساڳي وقت ٻئي ڪمزور ٿي ڪري منهدم ٻه ٿي سگهن ٿيون، ٻنهي جي ڪمزوري سڄ جيان چٽي ظاهر ٿئي آهي، انهن ٻنهي جي ڪمزوري سان انتشار پکيڙيندڙ رجعتي قوتون ٻه مضبوط ٿي سگهن ٿيون، انهن رجعتي قوتن جو رستو روڪڻ جي صلاحيت صرف ۽ صرف پورهيت طبقي وٽ آهي ۽ اسان جا اهي فارمي (برائلر) دانشور ان پورهيت طبقي کان ايڏي سخت نفرت ڪن ٿا جو ان نفرت ۾ مولانا فضل رحمان کي ٻه انقلابي هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهن. پورهيت طبقو ٻه سندن نفرت جو جواب بي نيازي سان ڏيندو آهي. اهو (پورهيت طبقو) ان سموري جمهوري انقلاب کان بي نياز پنهنجي بقا جي جدوجهد جي اڳئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي.

مختصر اهو ته تي دفعہ وزيراعظم بڊجندڙ کي پاڪستان جا پورهيت انهن وچولي طبقي جي دانشور جي برخلاف ڪڏهن بہ "چي گوويرا" تسليم ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيندا. اهڙي طرح جمهوري انقلاب جيڪو نہ صرف ممڪن آهي پر سخت ضروري بہ آهي، ان جي لاءِ انقلابين مٿان اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اهي پورهيت طبقي کي منظم ڪن ته جيئن اهي اقتدار تي قبضو ڪري سگهن.

سرمائيداري جو چاهي عروج هجي يا زوال اهي ڪنهن بہ سماج مٿان ان سماج جي تاريخي، ثقافتي، سياسي ۽ سماجي جوڙجڪ جي مطابق ئي اثر انداز ٿيندا آهن. سماجي جوڙجڪ جو سڀ کان وڌيڪ مشترڪ قدر ان جو طبقاتي ڍانچو آهي. سرمائيداري جي پوري تاريخ گواهہ آهي ته جڏهن بہ نظام جو ڪوئي عروج ايندو آهي ته ان منجهان سڀ کان پهرين ۽ سڀ کان وڌيڪ نظام جو حڪمران طبقو ۽ اتحادي طبقا ۽ سماجي پرتون ئي مستفيد ٿيندڙ آهن ۽ جيڪڏهن اهو عروج ڪجهہ ديرپا هجي ته اڳئين مرحلي تي ان جا اثر سماج جي نس نس تائين پهچڻ شروع ٿي ويندا آهن. عام طور تي محڪوم ۽ ڏٽڙيل طبقن کي سرمائيداري جي عروج جي ڏينهن ۾ بہ ان عروج منجهان مستفيد ٿيڻ جي لاءِ سياسي تحريڪ ۽ دباءَ جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو آهي. اهڙي ريت جڏهن سرمائيداري جو زوال يا بحران ايندو آهي ته حڪمران طبقو پنهنجي سياسي اقتدار ۽ آئيني اختيار کي استعمال ڪندي ان جو سمورو بار پنهنجي محڪوم رعايا يعني غريب عوام مٿان اڇلائيندو آهي، جيڪڏهن بحران ڊيگهہ اختيار ڪندو آهي ته تڏهن وڃين حڪمران طبقن جي هيڻيون پرتون ان منجهان متاثر ٿينديون آهن جڏهن ته ان جون مٿيون پرتون پوءِ بہ ان وقت تائين محفوظ رهنديون آهن جيسيتائين نظام ڊهي پٽ نہ پوي يعني وڏا واڳون ننڍين مڇين کي ڳڙڪائيندي بحران ۾ بہ واڌ ويجهہ ڪندا رهندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ ڪافي دفعا انهن ننڍين مڇين سان گڏوگڏ واڳن جا تضاد بہ بي قابو ٿي ڪري پوري نظام جي لاءِ خطري جو سبب بڻجي سگهن ٿا. حڪمران طبقي جي مٿين ۽ هيڻين يا وچولي پرت جي انهن داخلي تضادن جو اظهار اسان

برطانيہ ۾ بريگزٽ جي بحران جي شڪل ۾ ڏسي چڪا آهيون. جڏهن حڪمران طبقي جي مٿين پرت جا پاڙ ۾ تضاد بي لگام ٿيڻ شروع ٿي ويون تہ اهي ڪنهن بہ انقلابي معروض جي پهريون شرط هوندا آهن. اسان پاڪستان ۾ اهڙي ملندڙ جلندڙ صورتحال کي پروان چڙهندي ڏسي رهيا آهيون.

طبقاتي تضاد سان گڏوگڏ سرمائيداراٽي معاشرن ۾ نسلي، قومي، لساني، مذهبي، ثقافتي، صنفي ۽ فرقيواراٽا تضاد بہ موجود آهن ۽ سرمائيداري جي عروج جي صورت ۾ دولت جي وڌ ورهاست حڪمران طبقي جي مختلف پرتن ۾ انهيءِ سماجي جوڙجڪ تحت ٿيندي آهي. يعني پدرشاهي سبب جيڪا هڪ نوس سماجي حقيقت آهي مرد سماجي دولت منجهان وڌيڪ حصو کٽي وڃندا آهن. اهڙي طرح آمريڪا ۾ گورن سرمائيدارن جو ڪل دولت ۾ حصو ڪافي وڌيڪ هوندو آهي. اها ناهموار ترقي سرمائيداراٽي طرزِ ارتقا جو بنيادي قانون آهي جنهن مان ڪنهن بہ سماج کي ڇوٽ حاصل ناهي. بحران جي ڏينهن ۾ بہ صورتحال ائين ئي هوندي آهي. پورهيت عورتن ۽ مظلوم قومن ۽ پسمانده ثقافتي اقليتن کي بحران جي وڌيڪ قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. انگ اکر ثابت ڪن ٿا تہ هاڻوڪي بحران ۾ بہ بيروزگاري جي لهر ۾ سياہ فام پورهيتن ۽ عورتن کي وڌيڪ نوڪرين تان هٽ ڪٽڻو پيو. اهڙي طرح ئي هر ملڪ ۽ خطي ۾ رياستي جبر بہ انهيءَ ناهموار قانون تحت مظلوم قومن جي پورهيتن کي وڌيڪ برداشت ڪرڻو پوندو آهي.انڊيا ۽ پاڪستان ۾ اقليتن سان ٿيندڙ انسانيت سوز ورتاءُ اسان جي سامهون آهي.

پاڪستاني رياست بہ تازي بحران دوران پنهنجي تاريخي فرض جو پورائو يعني حڪمران طبقن جي ملڪيتن ۽ منافعن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي لاءِ جتي هڪ پاسي پورهيتن مٿان عام طور تي مهانگائي، نجڪاري ۽ سبسڊيز جي خاتمي جي صورت ۾ شديد معاشي حملا ڪري رهي آهي، اتي ٻي پاسي مظلوم قومن جي وسلين جي ڦرلٽ ۾ بہ وڏي پيماني تي اضافو ڪيو پيو وڃي. صوبن جي آئيني اختيارن ۽ نالي ماتر

خودمختياري کي ۽ ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. اين ايف سي ايوارڊ ۾ ارڙهين ترميم بابت ٻيهر بحث جي شروعات ڪئي وئي آهي. تازو ئي سنڌ ۾ بلوچستان جي ٻيٽن تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ هڪ صدارتي آرڊيننس ۽ پاس ڪيو ويو جنهن سبب سنڌ ۾ خاص طور تي شديد قسم جي بي چيني جنم ورتو آهي. ان بي چيني جي سياسي اظهار جي لاءِ سنڌ جي عوام وٽ في الحال ڪوئي اهڙو پليٽ فارم موجود ڪونهي جنهن تان اهي ڪلي ڪري پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري سگهن. انڪري في الحال سوشل ميڊيا تي ئي ماڻهو ڪلي ڪري پنهنجي اندر جي باھ ڪڍي رهيا آهن. پيپلز پارٽي پهرين ئي گذريل 13 سالن کان مسلسل صوبي اندر اقتدار ۾ رهڻ سبب پنهنجي سماجي حمايت وڃائي چڪي آهي. انهن تيرنهن سالن دوران سنڌ جي عوام جو معيارِ زندگي مسلسل ڪرندو رهيو آهي. وفاق طرفان ٽيندڙ مٽي بيان ڪيل حملا پيپلزپارٽي کي پنهنجي وڃايل ساک بحال ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري رهيا آهن. اين ايف سي ايوارڊ، 18هين ترميم ۽ ٻيٽن بابت آرڊيننس بابت ٽيندڙ بحثن ۾ سنڌ جي مڊل ڪلاس ۾ پيپلزپارٽي جو گراف ڪنهن حد تائين وڌي سگهي ٿو. پر پورهيت عوام هينئر تائين انهن سمورن بحثن کي سنجيده نه ڀئي ونڊي. ان جو بنيادي سبب وفاقي حڪومت جي ٻين عوام دشمن پاليسين تي پيپلزپارٽي جي مجرماڻي خاموشي آهي ۽ حقيقت ته اها آهي ته انهن پاليسين منجهان ڪيتريون ئي پاليسيون اهي آهن جيڪي خود پيپلزپارٽيءَ پنهنجي وفاقي اقتدار واري دؤر ۾ به جاري رکيون هيون ۽ سنڌ ۾ صوبائي سطح تائين به انهن کي لاڳو ڪيو ويو آهي. نجڪاري جي پاليسي ان جو سڀ کان وڏو مثال آهي جيڪا آءِ ايم ايف جي شرطن ۾ مرڪزي حيثيت واري آهي. پورهيت طبقو وچولي طبقي جيان جلد باز ۽ بي صبرو ناهي هوندو انڪري اهو فوري طور تي نه ته ڪنهن هڪ پاليسي کان متاثر ٿي ڪري زنده باد زنده باد واري راند ڪيڏڻ شروع ڪندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن هڪ غلطي تي گاريون ڏيڻ شروع ڪندو آهي. سندس اڳيان اهو سوال موجود آهي ته جڏهن ڪيترن ئي سالن کان اهي ٻيٽ به صوبي جي ئي ملڪيت هئا، جڏهن اين ايف سي ايوارڊ ۾

ارڙهين ترميم تي عمل ۾ ٿي رهيو هيو تڏهن ۾ سندن پيرسن لاعلاجي، مائرون غذائي قلت ۽ بار جهالت واري حالت ۽ تڪليفن منجهه چو گذاري يا تڙپي رهيا هئا. جڏهن ته ان سموري عرصي ۾ سنڌ اندر پيپلزپارٽي جي ئي حڪومت هئي. ڪجهه سال پهرين ته صورتحال اها ۾ رهي جو سنڌ سميت بلوچستان، پختونخواهه وفاق ۽ ڪشمير ۾ ۾ پيپلزپارٽي جي حڪومت هئي ۽ پنجاب جو گورنر ۾ پيپلزپارٽي سان تعلق رکندڙ هيو ۽ آصف زرداري خود ملڪ جو صدر هيو. پورهيتن کي ان دؤر ۾ سندن مٿان ڪيل حملا اڄ ۾ ياد آهن ۽ انهن منجهان پورهيتن انتهائي سنجيده درس ۾ حاصل ڪيو آهي.

قومپرست پارٽيون ۾ نظرين کان وڌيڪ شخصيتن تي پاڙ سبب ۽ ان ڪري ٽيندڙ ٽوڙ ڦوڙ سبب موجوده حالتن دوران ڪو ۾ ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ جي اهل ناهن. جيڪڏهن سچ ٻيان ڪجي ته قومپرستي جي نظريي ۾ هاڻي اها صلاحيت ناهي رهي جو اهو سماج جي مسلسل پيچده مسئلن ۽ تضادن جو درست تجزيو ڪري سگهي ۽ جڏهن مرض جي درست تشخيص ئي نه ڪئي ويندي ته ان جي علاج جو هر تجربو ناڪامي جي صورت ۾ ئي نڪرندو. قومپرستي جي نظرين جي محدوديت جو هرگز اهو مطلب ڪونهي ڪو ته ڪو قومي محرومي ختم ٿي وئي آهي. قومي محرومي ۾ ته پهرين کان ايجان تمام گهڻو وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. اسان ٽراتسڪائسٽن مٿان اهو الزام لڳايو ويندو آهي ته اسان قومي سوال کي مجيندا ئي ناهيون. اهو سراسر بهتان آهي. اسان سمجهون ٿا ته قومي سوال نه صرف موجود آهي پر هر ايندڙ ڏينهن سان اهو شدت اختيار ڪندو پيو وڃي. رياستي جبر جيترو شديد هوندو ان خلاف بي چيني ۽ مزاحمت به وڌندي. هر انقلابي جو فرض آهي ته اهو ان جدوجهد ۾ نه صرف حصو وٺي پر ان ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پر گڏوگڏ قومپرستي جي مخالفت به جاري رکي قومپرستي جي مخالفت جي بغير ڪنهن به قومي تحريڪ کي اڄ جي دؤر ۾ اڳتي وٺي وڃڻ ممڪن ناهي رهيو. قومپرستي جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي ته قومپرست پلي ڪهڙي به قوم جو هجي ، اهو پنهنجي قوم، نسل، زبان ۽ ثقافت کي ٻين سڀني کان وڌيڪ عظيم

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سمجهندو آهي اهڙي طرح هو پاڻ کي صرف ظالم قوميت سان نہ پر پين مظلوم قومن سان بہ تضاد ۾ ڏسندو آهي. اسان انقلابين جي ويجهو اسان جي پنهنجي زبان سميت ڪنهن بہ زبان، نسل يا قوم ۾ ثقافت کي اهو حق نہ ٿو ڏيڻ جو اسان پنهنجي زبان ۽ ثقافت کي پاڻ کان ڪمتر محسوس ڪن. هڪ وقت ۾ اها ئي قوميرستي هڪ جديد ۽ انقلابي نظريو هئي، پر ان کي 3 صديون گذري چڪيون آهن ۽ انهن ٽن صدين دوران دنيا مڪمل طور تي تبديل ٿي چڪي آهي. سوويت يونين جي موجودگي تائين بہ ڪنهن حد تائين قوميرست قيادتون ترقي پسند خيال رکنديون هيون پر ان کانپوءِ انهن سامراجي حمايت کي قومي آزادي جي حاصلات جو واحد ذريعو سمجهڻ شروع ڪري ڏنو. اڄ جي دؤر ۾ قوميرستي فقط هڪ رومانس کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ مارڪسزم هڪ سائنس آهي ۽ اڄ جي نوجوان نسل کي پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ سائنس ۽ رومانس منجهان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي. اهي ٻئي هڪ ٻي جو ضد آهن. انهن ٻنهي سان گڏ هلڻ ٻن ٻيڙين تي سفر ڪرڻ جيان آهي ۽ ٻن ٻيڙين جو سفر ڪڏهن بہ منزل تي ناهي پهچائي سگهندو. ان ڪري سنڌ جي نوجوان جي لاءِ هي ڪتاب سندن پنهنجي زبان ۾ شايع ڪئي پئي وڃي، جنهن جو نالو آهي "مارڪسز موجوده دؤر جو واحد سچ".

اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ بہ باقي سموري دنيا جيان برائلر (فارمي) دانشور ڪنڀين جيان ڦٽي پيا آهن. سنڌ جي انهن برائلر (فارمي ڪڪڙ) دانشورن ۾ بہ سندن هم عصر ٻين دانشورن جيان "مابعد جديديت" ۽ "مابعد نوآباديت" جا رجحان ڪافي حد تائين سرايت ڪري چڪا آهن. ڪيترائي ڪاپي ڊر جا دانشور انهن رجحانن جي مرعبي کي ئي جديد دؤر جو مارڪسزم قرار ڏئي چڪا آهن، جڏهن تہ ڪجهہ جي خيال ۾ مارڪسزم پراڻو ٿي چڪو آهي تنهن ڪري نون نظرين جي ضرورت آهي وغيره وغيره. جڏهن انهن اڳيان عرض رکيو ويندو آهي تہ حضور جيڪڏهن مارڪسزم پراڻو ٿي چڪو آهي تہ جديد نظريو ڪهڙو آهي تہ اهي مختلف اصطلاحن جو سهارو ونندي ٻيهر قوميرستي ۽ لبرلزم جو چورن وڪرو ڪرڻ شروع ڪندا آهن

جيڪي اصل ۾ مارڪسزم کان ب پراڻا نظريا آهن ۽ انهن ئي نظرين مٿان نظرياتي ۽ سائنسي تنقيد ڪندي مارڪسزم جي عظيم نظرين جي تخليق ڪئي وئي هئي. انهن فارمي (برائلر) دانشورن چند اصطلاحن جو رٽو لڳائي رکيو هوندو آهي جن کي ورائي ورائي ورجائيندي پنهنجي علميت جو رعب ڏيکارينداً رهندا آهن. جيئن ڪارو چشمو لڳائي ڪري هڪ عام صورت جو ماڻهو ب هيرو هيرو جهڙو لڳڻ لڳندو آهي. اهڙي ريت انهن اصطلاحن کي حفظ ڪرڻ سان وچولي ذهينيت جو شخص ب دانشور ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هونئن ت انهن اصطلاحن جي فهرست نهايت ڊگهي آهي پر جيڪڏهن اسان انهن منجهان هڪ اڌ ساده ترين ۽ قابل فهم ۽ سپ کان وڌيڪ ڪتب ايندڙ اصطلاحن جو هتي ذڪر ڪريون ت ان ۾ "جديد"، "مجرد" ۽ "بيانيو" اهم اصطلاح آهن. بيان ڪيل جديد جي حوالي سان ت اسان پهرين ئي وضاحت ڪري چڪا آهيون ت اهو ڪيترو قديم آهي. ڪنهن ٻار يا ماڻهو جو نالو نئون رکڻ سان اهو تبديل ٿي ڪري نئون فرد ناهي ٻڌجي ويندو پر اهو ساڳيو ئي مخصوص شخص رهندو آهي. جدلياتي اعتبار کان ڏٺو وڃي ت هر فرد ۽ هر شئي مسلسل بدلجندي رهندي آهي، ان معنيٰ ۾ ت پوءِ هر شخص هر گذرندڙ ڏينهن سان هڪ نئين شخص ۾ تبديل ب ٿي چڪو هوندو آهي پر اهڙي تبديلي باوجود سندس نالو ساڳيو رهندو آهي. جيڪڏهن اهڙي معمولي تبديلي سان گڏ سندس نالو ب نئون رکيو وڃي ت پوءِ ڊڪشنري ۾ موجود سمورا نالا هڪ ئي شخص جي لاءِ گهٽ محسوس ٿيندا. اصل ۾ مڪمل طور تي "جديد" ڪجهه ب ناهي هوندو جديد پراڻي کي صرف رد ئي ناهي ڪندو پر ان جو ضروري ورٿو پنهنجي اندر جذب ب ڪري وٺندو آهي. تنهن ڪري اهڙو ڪجهه ب جديد ڳولهڻ محال آهي جنهن ۾ ڪجهه ب پراڻو موجود نه هجي، رد ۽ ترقي جي ان جدلياتي هلت کي ايلن ووڊز جي زير نظر ڪتاب ۾ سير حاصل وضاحت سان پيش ڪيو ويو آهي.

"مجرد" اصطلاح ب فارمي (برائلر) دانشورن جو پسنديده اصطلاح آهي. اصل ۾ اهو اصطلاح معروضي قانونن جي نفي ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. مارڪسزم جيئن ت سماجي سائنس هجڻ جو دعويدار

آهي جنهن جو مطلب ئي اهو آهي تہ سماج مخصوص قانونن تحت ئي ترقي ڪندا آهن يا تبديل ٿيندا آهن. هاڻي جيئن تہ مارڪسزم جا ترقي متعلق معروضي قانون بار بار پنهنجي صداقت تسليم ڪرائي چڪا آهن ۽ انهن کي غلط ثابت ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ سماجي ارتقا جا متبادل قانون پيش ڪيا وڃن تہ ان جو متبادل پيش ڪرڻ بجاءِ انتهائي سادو حل اهو ڪيڇي تہ قانونن جي موجودگي، ضرورت ۽ افاديت کان ئي مڪمل طور تي انڪار ڪري ڇڏجي، هر قانون کي مجرد فارمولو چئي ڪري رد ڪيو وڃي. هر معروضي صورتحال جيئن تہ ڪنهن نہ ڪنهن پهلو کان پنهنجي جوهر ۾ نہ صحيح پنهنجي ظاهر ۾ پنهنجي ٻين سمورن قسمن جي معروض کان مختلف پنهنجي پاڻ ۾ بلڪل منفرد هوندي آهي تنهن ڪري اهو ڪوڙ ڳالهايو وڃي تہ هر معروضي ڪيفيت جا پنهنجا ئي الڳ قانون ۽ منطق هوندا آهن. ائين ڪنهن بہ آفاقي يا معروضي قانون نہ هجڻ کي ئي قانون جو درجو ڏنو ويندو آهي. اها نہ صرف لايعنيت (بيهودگي) آهي پر سموري انساني علميت جو مذاق اڏائڻ جي برابر آهي. اهو درست آهي تہ هر تبديل شده ڪيفيت تي مجرد فارمولا ۽ اصول لاڳو نہ ٿا ڪري سگهجن پر هر مخصوص معروضي ڪيفيت جو تجزيو ڪرڻ جي لاءِ بهرحال ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص نقطہ نظر جي ضرورت هوندي آهي. صرف تجزيي سان نتيجو ڪڍڻ جي لاءِ ئي نہ پر تجزيي جو آغاز بہ انساني علم جي حاصلات طور پهرين کان موجود ڪجهہ ڪيٽيگريز جي آڌار تي ممڪن آهي. اهي ڪيٽگيريز ڪنهن دانشور جي ذهن جي ايجاد نہ پر انساني شعور ۽ سماج ۾ جاري هڪ تاريخي عمل جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيون آهن. صرف تجريد سان ڪنهن ٿوس شئي يا عمل جي حقيقت کي نہ ٿو پروڙي سگهجي پر انهن ٻنهي کي هڪ جدلياتي ڪُل ۾ ڳنڍيلندي ئي حقيقت کي جاڻي سگهجي ٿو ۽ ٻئي هڪ ٻي جي لاءِ لازم ملزوم آهن. ڪا بہ تجريد خارجي عمل ۽ حقيقت جي بغير وجود ۾ نہ ٿي اچي سگهي ۽ ڪيتريون ئي ٿوس حقيقتون ۽ عمل ئي شعور ۾ تجريد کي ممڪن بڻائيندا آهن. اهڙي ريت ڪنهن دانشور ياران صرف ڪنهن حقيقت کي بيان ڪري ڇڏڻ ڪافي ناهي

جيسيتائين اها وضاحت نہ ڪئي وڃي تہ اها اصل ۾ آهي ڇا ۽ ان جو تعلق مجموعي صورتحال سان جڙي ڪيئن ٿو. ان جي اصليت جي وضاحت تجريدن جي مدد جي بغير ناممڪن رهندي. مجرد پنهنجو پاڻ ۾ حقيقت ناهي هوندو پر حقيقت تائين پهچڻ جو اٽٽر رستو هوندو آهي. تجريد ۽ ٺوس جو پاڻ ۾ جدلياتي ڳانڍاپو هوندو آهي ۽ ٻئي ساڳي وقت هڪ ٻي مٿان اثر انداز ٿي رهيا هوندا آهن. ان بحث کي جيڪڏهن پاڪستان جي موجوده صورتحال مٿان لاڳو ڪيو وڃي تہ ڳالهہ سولائي سان سمجهہ ۾ اچي ويندي. مثال طور جڏهن اسين موجوده سياسي بحران ۾ اپوزيشن ۽ حڪومت ٻنهي جي ساڳي وقت مخالفت ڪندا آهيون تہ چيو ويندو آهي اسان هڪ مجرد نقطہ نظر پيش ڪري رهيا آهيون جيڪو حقيقتن کان ڪونهين ڏور آهي. حقيقت اها آهي تہ عمران خان جي موجوده حڪومت ۽ تازو ئي يارنهن پارٽين جو قائم ٿيندڙ اتحاد مجرد حقيقت ناهي پر ٺوس عنصر آهن جن کي حڪمران طبقو عوام مٿان مڙهي رهيو آهي. هن حڪومت ۽ اپوزيشن جو هڪ عوام دشمن ماضي ۾ آهي ۽ سندس سياسي نظريا ۽ مزدور طبقي ڏانهن سندن نفرت انگيز رويو ۾ ڪنهن کان لڪيل ڪونهي. سامراجي طاقتن جي غلامي کان ويندي عوام دشمن رجعتي قوتن سان سندن ياري باشي ۾ ڪنهن کان ڳجهي ڪونهي ۽ سرمائيداراڻي طبقي جي مفادن جي تحفظ لاءِ سندن ڪنيل قدم ۽ بيان ۾ واضح آهن. انهن سمورين ٺوس حقيقتن کي اڳيان رکندي جيڪڏهن اهو چيو وڃي تہ موجوده حڪومت ۽ اپوزيشن حڪمران طبقي جي ئي مختلف ڌڙن جي نمائندگي ڪن پيا ۽ عوام جي حقيقي مسئلن ۽ مفادن سان انهن ليڊرن ۽ پارٽين جو پري پري تائين ڪوئي تعلق ناهي تہ اها ڳالهہ بلڪل درست ٿيندي. ٻي طرف نام نهاد مفڪر ۽ ڪرائي جا دانشور اسان کي اهو مشورو ڏين ٿا تہ ليڊرن ۽ پارٽين جي ماضي جي ڪردار کي بلڪل فراموش ڪجي. سندن سياسي نظرين ۽ سامراجي ڪاسا ليسي کي نظر انداز ڪيو وڃي. سرمائيدار طبقي جي مفادن جي تحفظ جي لاءِ سندن ڏنل بيانن ۽ ڪنيل قدمن کي غير اهم قرار ڏنو وڃي ۽ مزدور طبقي ڏانهن سندن توهين آميز رويو ۾ وساري ڇڏجي. اهڙي طرح

پنهنجي خيال ۾ هڪ اهڙي اپوزيشن جو هڪ مجرد تصور قائم ڪيو وڃي جيڪا عوام جي مسئلن کي حل ڪندي ۽ جمهوريت جي بالادستي کي قائم ڪندي. اهڙيون ڳالهيون ڪندڙ عوام دشمن دانشور اصل ۾ هڪ ڪوڙو ۽ غيرحقيقي تصور عوام اڳيان پيش ڪندا آهن جنهن جو ٿوس حقيقت سان ڪوئي تعلق ناهي هوندو ۽ پوءِ وري عوام کي ميڊيا جي ذريعي حڪمرانن جي ڏڍ تي اهو تصور وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي پر پورهيت عوام اجتماعي طور تي پنهنجا تصور ۽ خيال ٿوس حقيقتن جي ذريعي مرتب ڪندا آهن ۽ ان ۾ سندن ذاتي تجربا انتهائي اهميت جوڳا هوندا آهن. موجوده حڪومت ۽ اپوزيشن جي باري ۾ ڪوئي ڪيتريون ئي ڳالهيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڇو نه ڪري وڃي ۽ پلي ڪيڏا به ڇاهي قسم کڻي ته هيءَ اپوزيشن اقتدار ۾ اچي ڪري سمورا مسئلا حل ڪري ونڊي پر عوام پنهنجي تجربن ذريعي ڄاڻي ٿو ته اهي فرد حڪمران طبقي جا ئي ماڻهو آهن جن جا ڪتا به عام عوام کان ڪيترائي پيرا وڌيڪ بهتر زندگي گذارينداآهن ۽ سندن حتمي مقصد حڪمران طبقي جي مفادن جو تحفظ ئي آهي. ٿوس حقيقتن ۽ پورهيت طبقي جي اجتماعي شعور جي جدلياتي ڳانڍاپي سان اپرندڙ خيال ۽ مجرد تصور به ساڪن ناهن هوندا پر مسلسل تبديلي جي عمل ۾ رهندا آهن. ڪنهن به سماج ۾ انقلابي تبديلي جي دوران اهم واقعن ۽ شعور مٿان پوندڙ انهن جا اثر فيصلائتي اهميت جوڳا هوندا آهن ۽ انهيءَ تحت نئين سماج جو جنم ٿيندو آهي جيڪو ماضي جي مستحڪم ۽ تسليم ٿيل تصورن کي تاريخ جي ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيندو آهي. ان عمل جو آغاز اسان کي هتي به نظر اچي پيو جنهن دوران سالن کان موجود سياسي پارٽيون رد ٿي رهيون آهن ۽ نون نظرين ۽ پارٽين جي ايرڻ جا امڪان ظاهر ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن حڪومت ۽ اپوزيشن جي حوالي سان عمومي صورتحال جو جائزو ونجي ته واضح ٿي ويندو ته پورهيتن کي انهن منجهان ڪنهن به قسم جي ڪائي به اميد ڪونهي ۽ نه ئي اهي ڪرايي جي دانشورن جي خواهشن تحت جمهوري حقن جي جدوجهد جي لاءِ انهن جي قيادت تي رتي برابر به اعتماد ڪن ٿا. اها ئي

صورتحال نئين هنگاما خيز صورتحال جو بنياد رکي رهي آهي جنهن ۾ نئين سياسي تحريڪن جي لاءِ گنجائش پيدا ٿي رهي آهي ۽ انهن جي نظرين ۽ جدوجهد کي عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ جا موقع ملي رهيا آهن.

اهي ئي فارمي (برائلر) دانشور پنهنجي انهن ئي مجرد تصورن جي بنياد تحت هن زير نظر ڪتاب جي نالي تي به سوال ڪندا ته هي ڪهڙي قسم جو نالو آهي. "مارڪسزم موجوده دؤر جو واحد سچ" ان منجهان ته مذهبيت ۽ عقيدي پرستي جي بوءِ ٿي اچي. سندن خيال ۾ جيڪڏهن مطلق سچائي ناهي هوندي ته پوءِ سچائي هوندي ئي ناهي اهو صرف "بيانيو" هوندو آهي ۽ صرف اهو ئي نه هر ڪنهن جو پنهنجو ۽ هر وقت ۽ جڳهه جو به پنهنجو پنهنجو بيانيو هوندو آهي. اسان مارڪس وادي به مطلق سچائي جا انڪاري ناهيون. پر اسان سمجهون ٿا ته هڪ خاص شئي ۽ عمل کي ڇاڻي سگهجي ٿو ته اهو آهي ڇا ۽ اهو ڇاڻي ڪري ئي ان کي انساني خواهشن ۽ ضرورتن مطابق تبديل به ڪري سگهجي ٿو. پوري انساني تاريخ ان مسلسل مشق تي مشتمل آهي ۽ جنهن شئي کي اسان تبديل ڪرڻ جي لاءِ ڇاڻيندا آهيون اها شئي، عمل يا فرد جي سچائي هوندي آهي. اهڙي ريت سچائي کي ڇاڻڻ جي ڪوشش ۾ مختلف طريقيڪار استعمال ٿي سگهن ٿا پر ان مخصوص شئي جي حقيقت تائين پهچڻ ۾ ڪاميابي جي لاءِ هڪ مخصوص طريقيڪار ئي ڪارآمد ٿي سگهي ٿو. ٻيا طريقا شئي يا مظهر جي سطح تائين ئي محدود رهندا آهن. ان مخصوص طريقيڪار کي ئي سچو ۽ سائنسي طريقو قرار ڏئي سگهجي ٿو. فلسفو به سچائي تائين پهچڻ جو هڪ ذريعو آهي ۽ مختلف فلسفن ۽ نظرين منجهان ڪوئي هڪ نظريو ئي هڪ مخصوص دؤر جي مسئلن جو حل پيش ڪري سگهي ٿو. اسان سمجهون ٿا ته مارڪسزم ئي اهو نظريو آهي جنهن وٽ موجوده دؤر جي انسانن کي درپيش بيروزگاري کان ويندي غربت تائين ۽ دهشتگردي کان ويندي جنگين جي خاتمي جو سنجيده، ٺوس ۽ سائنسي حل موجود آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏيڍ سئو سال بعد به ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلز جون اڪثيون درست ثابت ٿي رهيون آهن. اڄ ڪارل مارڪس جا

دشمن ۾ ان جا ناقد بہ تسليم ڪري رهيا آهن تہ سرمائيداراٽي نظام متعلق مارڪس جو تجزيو بلڪل درست ثابت ٿيو آهي. ها البتہ سندس (ڪارل مارڪس) پيش ڪيل حل يعني سوشلزم کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن. انهن منجهان ان کي (مارڪسزم) قبول ڪرڻ جي توقع رکڻ بہ بيوقوفي هوندي ڇو جو مارڪس جي ئي لفظن ۾ تاريخ جو ڪوئي بہ حڪمران طبقو رضاڪاراٽي طور تي پنهنجي مراعتن ۽ ملڪيت تان دستبردار ناهي ٿيندو. ان کي هڪ انقلاب جي ذريعي بي دخل ڪرڻو پوندو آهي. اڄ سرمائيدار طبقو بين الاقوامي سطح تي پنهنجي نااهلي ۽ خصي پڻي جو ڪليل نموني اعتراف ڪرڻ جي باوجود پنهنجي نظام جي دفاع جي لاءِ هر حد تائين جبر ۽ وحشت جو سهارو ونڊي رهيو آهي. ان کي هڪ انقلاب جي ذريعي ئي شڪست فاش ڏئي سگهجي ٿي. انقلاب پنهنجي خمير ۾ بين الاقوامي هوندو. جيڪو هڪ ملڪ کان شروع ٿيندو ۽ سرحدن جو لحاظ رکڻ بغير پوري ڌرتي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻيندي سوشلزم کان ٿيندو ڪميونزم تي اختتام پذير ٿيندو. ڪميونزم جيڪو مارڪس جي لفظن ۾ "تاريخ جي ڳجهارت جو واحد حل آهي."

پاڪستان جو پورهيت طبقو قنوطي دانشورن جي مايوسي جي ابتڙ تاريخ جي افق تي پوري آب تاب سان ٻيهر نمودار ٿيندو. پوري ملڪ اندر هڪ مزدور تحريڪ ٻيهر ڪر ڪٽي رهي آهي. تازو ئي ملڪي گادي واري شهر ۾ پورهيتن جا وڏا احتجاجي ڌرٽا ڏسڻ ۾ آيا آهن. ان کان علاوه سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ روزانو جي بنياد تي درجنن جي تعداد ۾ احجاج ڪيا وڃن ٿا. پورهيتن جي انهن احتجاجن جي شدت ۽ تعداد ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. شاگرد بہ فيسن ۾ بيحد اضافي جي خلاف سراپا احتجاج آهن. هارين بہ مستقبل قريب ۾ احتجاج ڪرڻ جا اعلان ڪيا آهن. اهو عمل سڌي لڪير ۾ اڳتي نہ وڌندو پر هاڻي ان جو رڪجڻ بہ ناممڪن آهي. حڪمران طبقي جا داخلي تضاد بہ ان عمل کي وڌيڪ تيزي فراهم ڪري رهيا آهن. پاڪستان هڪ انقلابي صورتحال طرف وڌي رهيو آهي. پر بورجوازي جو ڪو بہ هڪ ڌڑو يا حصو ان انقلاب جي قيادت جي صلاحيت

نہ ٿو رکي. پورهيت طبقو ئي واحد انقلابي طبقو آهي پر ان کي هڪ انقلابي قيادت گهربل آهي. جيڪڏهن کيس هڪ منظم پارٽي جي شڪل ۾ اها قيادت ميسر ٿي وئي ته پوءِ اهو جنهن انقلاب جي قيادت ڪندو اهو جمهوري يا بورجوازي نہ پر سوشلسٽ انقلاب هوندو ۽ جيڪڏهن قيادت نہ ٿي ته پوءِ هڪ رد انقلاب اٽٽر آهي جيڪو صرف هن نسل جي لاءِ ئي نہ پر تهذيب جي لاءِ به خطرو هوندو. پر اسان کي انسانيت جي سوشلسٽ مستقبل تي ڪامل يقين آهي. جيڪو روس ۾ 103 سال پهرين ٿيو هيو اهو هڪ دفعو ٻيهر ان کان به بلند پيماني تي ورجائي سگهجي ٿو. هي ڪتاب سنڌي ۾ عظيم بالشويڪ انقلاب جي سالگره جي موقع تي شايع ڪيو پيو وڃي. ان انقلاب کي ايلن وڊز جي هن ڪتاب کان وڌيڪ ٻيو ڪو خراج عقيدت ڏئي ئي نہ ٿو سگهجي. هن ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڪامريڊ امر فياض سنڌي نوجوانن کي هڪ انمول تحفو ڏنو آهي. اسان کي پورو يقين آهي ته هي ڪتاب سنڌ جي نوجوانن جي انقلابي قيادت جي تعمير ۾ هڪ اهم ۽ ڪليدي ڪردار ادا ڪندو. جيڪي شخص طوطي جيان بس هڪ ڳالهه ڏهرائيندا رهندا آهن ته سوويت يونين ۾ مارڪسزم ۽ سوشلزم ناڪام ٿي چڪا آهن هي ڪتاب انهن شخصن جي لاءِ ايلن وڊز جي پاران جواب آهي. اسان آخر ۾ انهن ماڻهن کي بس اهو ئي پيغام ڏيڻ چاهيندا سين ته اکيون کوليو ۽ حقيقت کي کليل دل سان تسليم ڪريو. سوويت يونين جي انهدام کي ٽي ڏهاڪا گذري چڪا آهن. هي هڪ بلڪل مختلف دؤر آهي. سوويت يونين جي ڏير منجهان انقلاب جو پرچم نئين نسل سنڀالي ورتو آهي. هي نئون نسل سوويت يونين منجهان حاصل ڪيل سبق ۽ تجربن جي روشني ۾ انهن غلطين کي ورجائيندو نہ پر ٽراٽسڪي جي سائنسي نظرين جي رهنمائي ۾ هڪ نئين تاريخ رقم ڪندي.

ملے سے ایک نقشہ ملا ہے بہار کا،
دنیا! ہمارا کوئی بھی نقصاں نہیں ہوا

پارس جان

ڪراچي
23 آڪٽوبر 2020ع

انقلاب تاريخ جي انجڻ هوندا آهن. انساني سماج جي تاريخ انقلابن کان سواءِ نامڪمل آهي. ڏگهي عرصي تائين ساڳي ئي رستي تي هلڻ کانپوءِ سماج هڪ اهڙي نقطي تي وڃي پهچندو آهي جتي موجود سماجي رشتا ۽ نظريا پيداواري ذريعن ۽ سماج کي اڳتي وڌي وڃڻ بدران ان کي پوئتي ڌڪڻ شروع ڪندا آهن. انهيءَ وقت سماج کي هڪ مڪمل تبديلي جي ضرورت پيدا ٿي پوندي آهي جنهن سبب نوان نظريا جنم وٺڻ شروع ڪندا آهن. جيڪي سماج ۾ موجود تضادن جو ادراڪ ڪندي انهن جو حل پيش ڪندا آهن. اهي نظريا نون سماجي رشتن جي پيش بندي ڪندا آهن. انهن نظرين کي شروعات ۾ شديد مزاحمت جو منهن ڏسڻو پوندو آهي ۽ رائج الوقت ڏاهپ ۽ پراڻا نظريا انهن کي طاقت جي زور تي ختم ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا آهن. پر وقت بدلجي ڇڪو هوندو آهي ۽ هڪ مڪمل انقلابي تبديلي جي لاءِ ماحول تيار ٿي ڇڪو هوندو آهي. شروع ۾ اهي نوان نظريان جيتوڻيڪ ابتدائي حالتن ۾ مقداري طور تي انتهائي قليل صورت ۾ موجود هوندا آهن پر درست هجڻ ۽ سماج کي اڳتي جو رستو ڏيکارڻ جي صلاحيت هجڻ سبب آخرڪار ڪاميابي حاصل ڪندا آهن. جڏهن ته پراڻا نظريا پنهنجي سموري وسعت ۽ طاقت باوجود ڏير ٿي ڪري ماضي جو قصو بڻجي ويندا آهن. ائين اڳ به تاريخ ۾ ڪافي دفعا ٿي ڇڪو آهي. انقلابن جي هڪ ڏگهي فهرست آهي جنهن ۾ نون نظرين سان ليس قوتن پراڻي نظام جي حاڪم نظرين کي شڪست ڏني ۽ انساني سماج جي ترقي جو سفر جاري رکيو.

18هين صدي ۾ انقلابِ فرانس دوران اهڙو ئي سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو. 19هين صدي جي يورپ جي تاريخ به انقلابن سان ڀري پئي آهي جنهن ۾ 1871ع جي پيرس ڪميون جا انقلابي واقعا نمايان حيثيت رکن ٿا. 20هين صدي دوران به انقلابن جو سلسلو جاري رهيو انهن منجهان 1917ع ۾ برپا ٿيندڙ انقلابِ روس پيرس ڪميون جيان هڪ نمايان مقام رکي ٿو.

چو جو ان کان اڳ وارن ماضي جي انقلابن دوران هڪ فرسوده سماجي معاشي نظام جي جڳهه هڪ جديد سماجي معاشي نظام ته ضرور ورتي هئي پر طبقاتي سماج جو خاتمو نه ٿي سگهيو هيو. انهن سمورن انقلابن دوران هڪ حڪمران طبقي جي جڳهه تي ٻيو حڪمران طبقو اچي ويٺو هيو. انقلابِ فرانس ۾ بين بورجوا (سرمائيداراڻي) انقلابن دوران حڪمران طبقي ۾ موجود جاگيردارن جي جڳهه سرمائيدارن ورتي جڏهن ته ان کان اڳ واري انقلابن ۾ غلامن جي آقائن جي جڳهه تي جاگيردار اچي حاڪم بڻيا هيا. پر پيرس ڪميون ۾ بعد ۾ 1917ع ۾ روس ۾ ڪنهن اقليت بجاءِ اڪثريت جي حڪمراني قائم ٿي ۾ طبقاتي نظام جو مڪمل خاتمو آندو ويو. اڄي، لڄي، اجهي، علاج ۾ تعليم سميت سمورين بنيادي ضرورتن جي مفت فراهمي رياست جي ئي ذميواري قرار ڏني وئي ۾ مظلوم قوميتن، عورتن، اقليتن ۾ سماج جي سمورن محروم حصن کي سندن مڪمل حق فراهم ڪيا ويا. ان انقلاب گذريل صدي دوران پوري دنيا تي پنهنجا اثر ڇڏيا ۾ ان سان ڪيترن ئي ملڪن ۾ انقلابن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. چين کان ويندي آفريڪا ۾ لاطيني آمريڪا تائين انقلابن جي هڪ ڏگهي فهرست آهي جن پوري ڌرتي جو نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو.

سوويت يونين جي انهدام ۾ ديوارِ برلن جي ڍهڻ ڪانپوءِ جتي نه رڳو سامراجي طاقتن سوشلزم جي خاتمي جو ٻيهودا راڳ الاپڻ شروع ڪيو پر تاريخ جي ئي خاتمي جو اعلان ڪيو ويو. چيو ويو ته هاڻي پوري دنيا ۾ همیشه همیشه لاءِ سرمائيداري نظام کي برداشت ڪرڻو پوندو. سوويت يونين جو انهدام اصل ۾ مارڪسزم يا سوشلزم جو انهدام نه پر استالن ازم جو انهدام هيو. لينن ۾ ٽراٽسڪي جي قيادت ۾ برپا ٿيندڙ انقلاب (انقلابِ روس) حقيقت ۾ مارڪسزم جي سائنسي سوشلزم جي نظرين جي ڪاميابي هئي. انهن ئي نظرين تي سوويت يونين جا بنياد رکيا ويا ۾ ان انقلاب کي پوري دنيا ۾ ڦهلائڻ جي لاءِ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جا بنياد به رکيا ويا. جنهن جا اجلاس پهرين پنجن سالن ۾ (جيسيتائين ڪامريڊ لينن حال حيات هيو) باقاعدگي سان هر سال منعقد ٿيندا رهيا. ان دوران پوري دنيا ۾ ڪميونسٽ

پارٽيون تيزي سان ايرڻ لڳيون ۽ مختلف ملڪن ۾ ڪر ڪٽندڙ انقلابي واقعن ۾ مداخلت (حصو) ڪرڻ لڳيون پر ان باوجود جرمني ۽ ٻين ترقي يافته مغربي ملڪن ۾ مختلف سببن جي ڪري مزدور رياست قائم نه ٿي سگهي ۽ انهن انقلابن کي ڪاميابي طرف نه کڻي وڃي سگهيا. ان سبب سوويت يونين جو انقلاب تنها رهجي ويو جنهن سبب بيوروڪريسي جي هڪ پرت ايري آئي جنهن مزدور رياست کي مارڪس ۽ لينن جي نظرين کان پري ڪندي ان مٿان پنهنجي زوال پذير نظرين کي مڙهڻ شروع ڪيو. ان بيوروڪريسي جي ايرندڙ پرت جو مجسم اظهار استالن جي شڪل ۾ ٿيو جنهن لينن جي وفات کان پوءِ سوويت يونين جي مزدور رياست مٿان بيوروڪريٽڪ پرت جي گرفت مضبوط ڪندي زوال پذير نظريا پروان چاڙهڻ شروع ڪيا. مارڪسزم جا بنياد پورهيت طبقي **جي بين الاقوامي** جڙت تي رکيل آهن پر استالن "هڪ ملڪ ۾ سوشلزم" **جي غير مارڪسي** نظريي کي مسلط ڪيو. اهڙي طرح ٽراٽسڪي جي "مسلسل انقلاب" جي نظريي کي رد ڪيو ويو جنهن تحت ئي لينن ۽ ٽراٽسڪي جي قيادت ۾ روس ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ٿيو هيو ۽ ان جي جڳهه تي "مرحليوار انقلاب" (استالن جي پيش ڪيل نظريي) جي غلط نظريي کي مڙهيو ويو. ان زوال پذير نظريي تحت استالنسٽ پاليسين جي ذريعي 26-1925ع ۾ چين جي انقلاب کي چيانگ ڪائي شيڪ جهڙي رجعتي شخص جي حوالي ڪيو ويو جنهن چين جي ڪميونسٽ پارٽي سميت پوري انقلاب کي رت ۾ وينجهاري ڪري پنهنجي آمريت قائم ڪري ورتي. انهن ئي غلط پاليسين سبب اسپين ۾ 1926ع کان 1931ع جي وچ واري عرصي دوران ايرندڙ انقلابن کي برپا ڪرڻ ۾ ڪاميابي نه ملي جنهن سبب فرانڪو جي خوني آمريت کي بنياد مليا جڏهن ته جرمني ۾ استالنزم جي غلط پاليسين سبب پورهيت طبقي اندر وسيع بنياد رکندڙ سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽيون متحد نه ٿي سگهيون ۽ هٽلر کي ايرڻ جو موقعو مليو. ان دوران ٽراٽسڪي سميت بالشويڪ انقلاب (انقلابِ روس کي بالشويڪ انقلاب به چيو ويندو آهي: مترجم) برپا ڪندڙ سمورن اڳواڻن ۽ لکين ڪارڪنن کي قتل

ڪرايو ويو. ٻي عالمي جنگ جي شروعات تي اسٽالن هٽلر سان معاهدو ڪيو جڏهن ته اڳتي هلي وري جنگ جي اختتام تي برطانيہ ۽ آمريڪا جي سامراجي قوتن سان ڳڻ جوڙ ڪيو ويو. انهيءَ ڳڻ جوڙ جي نتيجي ۾ هڪ ڏگهي عرصي کان غير فعال ڪميونسٽ انٽرنيشنل (جنهن جا بنياد ڪامريڊ لينن رکيا هيا:مترجم) کي تحليل ڪندي اقوام متحده جهڙي سامراجي اداري جي حمايت جو اعلان ڪيو ويو.

ٻي عالمي جنگ کانپوءِ نوآبادياتي ملڪن ۾ برپا ٿيندڙ ڪيترن ئي انقلابن کي "مرحليوار انقلاب" جي غلط نظريي ۽ نام نهاد ترقي پسند بورجوازي (سرمائيداري) اڳيان قربان ڪيو ويو (انهن ئي ڏينهن ۾ هندستان اندر بہ پورهيت طبقي جي انقلابي تحريڪ ۽ ممڪن انقلاب کي انهيءَ پاليسي تحت قربان ڪيو ويو:مترجم). 1960ع ۽ 70ع واري ڏهاڪي ۾ بہ پوري دنيا ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻ جا وسيع موقعا موجود هئا. ايران ۽ افغانستان کان وينديڪ فرانس تائين پورهيت طبقو حڪمرانن جي خلاف جدوجهد جي ميدان ۾ هيو پر اسٽالنزم جي مجرماڻي پاليسين سبب سرمائيداري جو خاتمو نہ ڪيو ويو. سوويت يونين جي اندر بہ منصوبہ بند معيشيت بيوروڪريسي جي حاڪميت سبب مسلسل پوسٽ جو شڪار هئي جيڪا آخرڪار ان جي ڌهڙ تي اختتام پذير ٿي.

انهيءَ ڪري سوويت يونين جو ڌهڙ ڪنهن بہ حوالي سان سوشلزم جو خاتمو نہ هيو پر اسٽالنزم جي مجرماڻي پاليسين جو ڌهڙ هيو. جنهن هڪ ڏگهي عرصي تائين مارڪسزم جي درست نظرين کي پورهيت طبقي جي وسيع پرتن کان پري رکيو ۽ مسخ شده نظرين جي پرچار ٿيندي رهي. سرمائيدار طبقي ۽ سامراجي قوتن ان موقع کي مارڪسزم جي نظرين کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو ۽ سموري ميڊيا، ادب، تعليمي ادارن ۽ ٻين وسلين ذريعي اها زهريلي پروپيگينڊا ڪئي ته اسٽالنزم جي بيروڪريٽڪ آمريت ئي اصل ۾ مارڪسزم ۽ لينن ازم آهي ۽ اهو تجربو سوويت يونين ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي. هنن اهو ڪوڙ بہ وڏي شد مد سان بيان ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو ته "دنيا ۾ هاڻي برائي جو قلعو

(سندن مطابق سوويت يونين برائي جو قلعو هيو:مترجم) ڏهي چڪو آهي. تنهنڪري هاڻي نہ صرف اها طبقاتي ڪشمڪش ختم ٿي وئي آهي پر هر قسم جا تضاد بہ حل ڪيا ويا آهن انڪري هاڻي سرمائيداري ڪڏهن بہ زوال پذير ڪون ٿيندي"

سوويت يونين جي ڏهڻ کانپوءِ پوري دنيا ۾ موجود استالنست پارٽيون زوال پذير ٿي ڪري ختم ٿيڻ شروع ٿيون. مزدور تحريڪ ۾ شاگرد سياست منجهہ بہ ڪاپي ڏر جي قوتن کي وڏي پيماني تي پسپائي جو منهن ڏسڻو پيو ۽ سرمائيدارن طرفان پورهيت طبقي مٿان شديد ترين حملن جو آغاز ڪيو ويو. چين جي منصوبہ بند معيشت مٿان قابض بيروڪريٽڪ پرت بہ ان موقع کي غنيمت سمجهيو ۽ سرمائيداري طرف سفر کي وڌيڪ تيز ڪندي چين ۾ بہ نجي ملڪيت ۽ بين سرمائيداراڻي پيداواري طريقن جو آغاز ڪري ڇڏيو. پوري دنيا منجهہ انقلاب جي تڙپ رکندڙ نوجوانن ۽ پورهيتن جي لاءِ اهو هڪ وڏو ڌڇڪو هيو. ان ڪيفيت ۾ وڏن وڏن نامور انقلابين پنهنجو قبلو ۽ ڪعبو ماسڪو کان تبديل ڪري واشنگٽن (آمريڪا) طرف ڦيرائي ڇڏيو ۽ موقع پرستي ۽ مفاد پرستي جي هڪ انڊي ڪاهي ۾ ويا ڪرندا. ڪاپي ڏر جي جدوجهد سان لاڳاپيل انقلابي سامراجي پروپيگينڊا تي ايمان آڻي وينا ۽ اهو يقين ڪري ورتائون تہ هاڻي ڪڏهن بہ انقلاب ڪو نہ ايندو ۽ سرمائيداري ئي تاريخ جو آخري نظام آهي. ان سموري عرصي دوران ٽراٽسڪي جا استالنزم بابت مارڪسي تجزيہ ۽ بيروڪريٽڪ پرت جي موجودگي سبب سوويت يونين جي ڏهڻ جي سببن جي اڳڪٿي موجود هئي پر معروضي صورتحال سبب اها نوجوانن ۽ پورهيتن جي وسيع پرتن تائين رسائي حاصل ڪو نہ ڪري سگهي.

ان صورتحال ۾ سامراجي قوتن پورهيت طبقي مٿان شديد حملن جو نئون آغاز ڪيو ۽ هڪ ڊگهي عرصي جي جدوجهد جي ذريعي انهن (پورهيتن) جيڪي وڙهي ڪري حق حاصل ڪيا هيا انهن جو خاتمو آڻڻ شروع ڪيو. نجڪاري، لبرلائزيشن ۽ ڊائون سائزنگ جي نالي تي پورهيت طبقي مٿان شديد حملا ڪيا ويا. سندن اجرتن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ سان

گڏوگڏ وڏي پيماني تي برطرفين ۽ جبري طور نوڪرين منجهان فارغ ڪرڻ جي عمل جو آغاز ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هر ملڪ ۾ لکين پورهيت روزگار کان محروم ٿيندا ويا. عالمي سطح تي اسلامي بنيادي پرستي جي نالي سان هڪ خود ساخته "دشمن" ۽ "برائي" کي تخليق ڪيو ويو ۽ پوءِ ميڊيا جي ذريعي ان ڏوڪڙي ۾ هوا ڀرڻ شروع ڪئي وئي. ان جي خاتمي جي لاءِ هزارين ارب ڊالر اسلحو ناهيندڙ ادارن جي منافعن ۾ ڦٽو ڪيا ويا ۽ پوري دنيا منجهه سامراجي جنگيون برپا ڪيون ويون. هڪ طرف افغانستان ۽ عراق ۾ لکين بي گناهن کي انهن منافعن جي حوس تحت موت جي اگهور نند سمهاريو ويو ته ٻي طرف "دهشتگردي جي خلاف نام نهاد جنگ" جي نالي تي عوام جا بنيادي حق کسيا ويا.اهڙن عملن ذريعي سرمائيداراڻي نظام جي حتمي ۽ آخري هجڙ جو نعرو لڳائيندڙن خود پوري دنيا کي نون انقلابن جي طرف ڌڪڻ شروع ڪري ڇڏيو.

انهيءِ دوران 2008ع جي عالمي اقتصادي بحران هن سرمائيداراڻي نظام جي تضادن ۽ کوکلي ٻڌي کي پوري دنيا اڳيان ڇٽو ۽ واضح ڪري ڇڏيو. وڏيون وڏيون بينڪون ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنيون چند ڏينهن ۾ ڏيوالو ٿي ويون ۽ پورو سرمائيداراڻو نظام ڌڏڻ لڳو. آمريڪا کان شروع ٿيندڙ اهو بحران تيزي سان يورپ ۽ ٻين خطن ۾ پهچي ويو ۽ پوري دنيا ان جي گهيري ۾ اچي وئي. انهيءَ دوران عوام جي ٽيڪس جي پيسن جي ذريعي کربين ڊالرن جا بيل آئوٽ پيڪيج انهن سرمائيدارن کي ڏنا ويا ته جيئن هن نظام کي کنهن نه کنهن صورت ۾ جاري رکي سگهجي. ان سموري بحران جو بار پورهيت طبقي جي کلهن مٿان اڇلايو ويو. ان بحران جا اصل ذميوار بينڪون ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جا مالڪ هيا جن جي پاليسين جي نتيجي ۾ اهو بحران آيو هيو پر انهن جي نقصان جي قيمت عوام کان وصول ڪئي وئي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ لکن جي تعداد ۾ پورهيت نه صرف بيروزگار ٿي ويا پر سندن مٿان ٽيڪسز جي بار ۾ اضافو ڪيو ويو. علاج ۽ تعليم سميت سموريون بنيادي سهولتون انهن جي دسترس کان پري ٿينديون ويون ۽ هر روز ڪٽوتين جي پاليسين تحت سندن مٿان وڌيڪ

حملا جاري رکيا ويا. اها سموري صورتحال طبقاتي ڪشمڪش جي هڪ نئين سلسلي کي اپارڻ جو سبب بڻي جنهن کان پوءِ انهن ملڪن ۾ لکين ماڻهو روڊن رستن تي پنهنجي حقن جي لاءِ احتجاج ڪندي نظر آيا.

2011ع دوران ان صورتحال ۾ هڪ نئين موڙ ڪر ڪنيو جڏهن عرب انقلابن جو آغاز ٿيو. تيونس جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ گريجوئيٽ بيروزگار نوجوان جي خودڪشيءَ پوري دنيا ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيو. عرب ملڪن ۾ حالتون پهرين ئي پڇي راس ٿي چڪيون هيون صرف هڪ چٽنگ جي ضرورت هئي جيڪا ان نوجوان محمد بو عزيزي جي خودڪشيءِ پوري ڪري ڇڏي. چند هفتن اندر تيونس ۾ ٽن ڏهاڪن کان موجود آمريت هوا ۾ تحليل ٿي وئي ۽ ظالم حڪمران زين العابدين بن علي 14 جنوري تي ملڪ ڇڏي فرار ٿي ويو. لکن جي تعداد ۾ عوام روڊن ۽ رستن تي هيو ۽ لکين ماڻهو حڪمرانن جي ظلمن جي خلاف احتجاج ڪري رهيا هيا. ان موقع تي جڏهن فوجين کي گولي هلائڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ اهي بہ اهو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪندي مظاهرين سان شامل ٿي ويا. جيڪڏهن ان موقع تي اتي بالشويڪ پارٽي (ڪامريڊ لينن ۽ ڪامريڊ ٽراٽسڪي جي اڳواڻي ۾ روس اندر انقلاب برپا ڪندڙ انقلابي پارٽي جو نالو: مترجم) جهڙي ڪا انقلابي پارٽي موجود هجي ها تہ هڪ سوشلسٽ انقلاب برپا ٿي پئي سگهيو. تيونس کان انقلاب جا شعلا مصر ۾ داخل ٿيا تہ حسني مبارڪ جي آمريت ڊڄڻ لڳي. شروعات ۾ تہ آمريڪا، سعودي عرب ۽ ٻين سامراجي طاقتن پنهنجي پراڻي ساٿي جو ساٿ ڏنو پر عوامي طوفانن جي سامهون سامراجي طاقتون بہ بي وس ٿي ويون. پوري ملڪ ۾ نوجوانن سان گڏ پورهيت بہ شامل ٿيڻ لڳا ۽ خاص صنعتي علائقن ۾ هڙتالن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن دوران نهر سوئز جي پورهيتن بہ هڙتال جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي. ان بعد حسني مبارڪ کي اقتدار ڇڏڻو پيو. اهي انقلاب سامراجي طاقتن جي مصنوعي ڪيبل لکيرن کي اورانگهيندي سمورن عرب ملڪن ۾ ڦهلجي ويا ۽ هر جڳهہ احتجاجي تحريڪون ۽ انقلاب برپا ٿيڻ لڳا. ايسيتائين جو اسرائيل ۾ بہ وڏي تعداد ۾ نوجوان ۽ پورهيت روڊن ۽

رستن تي نڪري آيا ۽ پنهنجي حڪمرانن جي خلاف جدوجهد جو آغاز ڪيو. پهريون دفعو ان خطي ۾ پورهيتن ۽ انقلابي نوجوانن سامراجي قوتن جي مڙهيل لساني، قومي ۽ مذهبي تعصبن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ طبقاتي جڙت جو اعليٰ نمونو پيش ڪيو جيڪو پوري دنيا ۾ ڪروڙين ماڻهن جي لاءِ حيرت جو سبب بڻيو. مارڪس وادي وڏي عرصي کان اهو موقف رکندا پئي آيا تہ فلسطين سميت پوري عرب خطي اندر امن ۽ استحڪام جو واحد ذريعو سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو آڻيندي هڪ رضاڪاراڻي سوشلسٽ فيڈريشن جو قيام آهي. ان پوري عمل کي نام نهاد عمليت پسند ۽ سامراج جي وظيفن تي پلجندڙ همراه يونٹوپيائي قرار ڏيندا رهيا هئا. انهن انقلابي تحريڪن کاپي ڏر جو نقاب اوڙهي گهمندڙ سرمائيداري جي پالتن جي سوچ تي دانگي ملي ڇڏي ۽ هڪ سوشلسٹ مستقبل جي اميد روشن ڪئي.

سامراجي قوتن جي پروپيگينڈا تي يقين ڪندڙ ڪيترن ئي دانشورن لکين عوام جي انهن انقلابي تحريڪن کي هڪ عالمي سازش قرار ڏئي ڇڏيو ۽ پنهنجي ان مئل موقف تي نڪ جي پکائي سان بيٺل رهيا تہ دنيا ۾ هاڻي انقلاب برپا ٿيڻ ناممڪن ڳالهہ آهي. هڪ انقلابي پارٽي جي غيرموجودگي ۽ لينن است قيادت نہ هجڻ سبب اهي عظيم انقلابي تحريڪون ڪامياب نہ ٿي سگهيون ۽ سرمائيدار طبقو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ٻيهر اقتدار تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهو اقتدار جيڪو تحريڪن جي دوران ڪيترن ئي هفتن تائين گهٽين ۽ رستن تي وکريل پيو هيو تہ جيئن ڪائي انقلابي پارٽي ان کي سهيڙي ڪري مزدور رياست جي قيام ۽ فرسوده سرمائيداراڻي رياست جي خاتمي جو اعلان ڪري. پر المیو اهو هيو جو اهڙي ڪائي منظم قوت موجود نہ هئي ۽ اقتدار واپس مزدور دشمن قوتن وٽ هليو ويو. پر انهن انقلابي قوتن پوري عرب دنيا جو نقشو تبديل ڪري ڇڏيو. سامراجي طاقتن جا اندروني تضاد ايري ڪري سامهون آيا ۽ سرمائيدار طبقي جي پوئتي پوڻ جو سفر وڌيڪ شدت سان اڳتي وڌڻ لڳو. انهيءَ سال آمريڪا ۾ آڪيوپائي وال اسٽريٽ (وال اسٽريٽ تي قبضو ڪريو) تحريڪ جي شروعات ٿي جنهن آمريڪا اندر پلجندڙ

تضادن کي منظرِ عام تي آندو. ان تحريڪ منجهان اهو واضح ٿيو تہ دنيا جي سپ کان ترقي يافتہ ۽ جديد ملڪ اندر بہ ڪيڏي وڏي پيماني تي بي چيني ۽ حڪمرانن جي خلاف نفرت موجود آهي. ان تحريڪ ۾ نوجوانن وال اسٽريٽ جي حاڪميت کي چئلينج ڪيو ۽ چيو تہ اسان (پورهيت) 99 سيڪڙو آهيون ۽ توهان (سرمائيدار) هڪ سيڪڙو آهيو. اهو نعرو طبقاتي ڪردار سبب سموري دنيا ۾ مقبول ٿيو ۽ آمريڪا سميت پوري دنيا ۾ لکين ماڻهون ان نعري جي چوڌاري متحرڪ ٿيڻ شروع ٿيا. هڪ سڏ تي سموري دنيا اندر 900 کان وڌيڪ شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ٿيا جيڪو خود هڪ ريڪارڊ آهي. ان دوران روس ۾ بہ پيوٽن جي خلاف لکين ماڻهن جا مظاهرہ ٿيا جن ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ جوان ٽينڊرنسل پهريون دفعو ايڏن وڏن مظاهرن ۾ شرڪت ڪئي.

انهيءَ سال ليبيا ۾ قذافي جي چاليہ سال پراڻي آمريت جو خاتمو ٿيو جڏهن تہ شام، عراق، يمن سميت مڊل ايسٽ جي ٻين ملڪن ۾ بحرانن، گهرو ويڑهہ ۽ احتجاجي تحريڪن جو آغاز ٿيو. اهو سال سعودي عرب جهڙي ملڪ ۾ بہ احتجاجي تحريڪن جي حوالي سان سپ کان وڌيڪ سرگرمي جو سال رهيو. جنهن ۾ ٽيليڪام جي ملازمن کان ويندي استادن ۽ ٻين شعبن ۾ احتجاجن جي هڪ سلسلي جي شروعات ٿي. بحرين جهڙي ننڍڙي ملڪ ۾ بادشاهت جي خلاف هڪ عوامي بغاوت جي شروعات ٿي جنهن کي ڪچلڻ لاءِ سعودي عرب منجهان فوج گهرائڻي پئي جڏهن تہ پاڪستان اندر وڏي پيماني تي پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن ۾ پرتيون ڪندي کين بحرين موڪليو ويو ۽ بحرين جي عوامي تحريڪ کي رت ۾ رنگيو ويو. پر سمورن ظلمن ۽ ايران توڙي سعودي عرب جي سامراجي مداخلت ذريعي فرقيواراڻي تعصب جو زهر ڦهلائڻ باوجود اها تحريڪ هينئر تائين جاري آهي ۽ انهن تعصبن جو مقابلو ڪري رهي آهي.

مڊل ايسٽ ۾ ايرندڙ اهي طوفان رکجڻ جو نالو ئي نہ پيا وٺن ۽ هڪ پنڌيان ٻيو واقعو انهن جي شدت ۾ اضافو پيو ڪري. حسني مبارڪ جي استعيفا کانپوءِ اخوان المسلمين جي نمائندي مرسي کي ڪنٽرولڊ چونڊن

ذريعي اقتدار حوالي ڪيو ويو. هن ايندي ئي آئي.ايم.ايف ۽ ٻين سامراجي مالياتي ادارن جي اشارن تي سرمائيداراڻي رياست کي مضبوط ڪرڻ وارا قدم کڻڻ جي شروعات ڪئي. ان حڪومت جي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي سندس خلاف پهرين کان ٻ وڏي پيماني تي انقلابي تحريڪ برپا ٿي. ڏيڊ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو مصر جي روڊن رستن تي نڪري آيا ۽ سرمائيداراڻي نظام ۽ ان کي هلائيندڙ رياست جي خاتمي جو اعلان ڪيو ويو. انساني تاريخ ۾ ڪڏهن ٻ ايڏو وڏو احتجاج ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو پر هڪ دفعو ٻيهر ساڳيو الميو ڏسڻ ۾ آيو تہ هڪ انقلابي پارٽي موجود نہ هئي جيڪا نئين مزدور رياست جي قيام جو اعلان ڪري ها. تنهن ڪري فوج ذريعي ٻيهر پراڻي رياستي ڍانچي کي قائم ڪيو ويو. ان دوران ترڪي ۾ ٻ احتجاجي تحريڪن جي شروعات ٿي ۽ اردگان جي مزدور دشمن رجعتي حڪومت جي خلاف لکين ماڻهو روڊن رستن تي نڪري آيا. ترڪي ۾ پهريون دفعو ايڇ.ڊي.پي جي شڪل ۾ هڪ ڪرد پارٽي چونڊن ۾ وسيع حمايت حاصل ڪندي پارليامينٽ ۾ داخل ٿي. ان پارٽي کي پنهنجي سرمائيدار مخالف پروگرام سبب ترڪ علائقن منجهان ٻ وڏي پيماني تي ووٽ مليو. ان سياسي اپ سيٽ خلاف اردگان وڏي پيماني تي وحشياڻي طريقي سان حملا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ڪردن جي خلاف فوجي آپريشن جي شروعات ڪئي. اهڙي عمل جي ڪري خود ترڪي جي رياست شديد بحران جو شڪار ٿي چڪي آهي.

هن وقت يورپ جو اقتصادي بحران وڌيڪ گهيرو ٿي چڪو آهي ۽ جتي پهرين بينڪون ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنيون ڏيوالو ٿي رهيون هيون اتي هاڻي رياستون ڏيوالو ٿيڻ جي ڪناري تي پهچي چڪيون آهن. انهن ۾ يونان سرفهرست آهي. ان سموري بحران جو بار حڪمران طبقن عوام مٿان ڦٽو ڪيو آهي ۽ مهنگائي ۽ بيروزگاري جا بدترين حملا ڪيا ويا آهن. نجڪاري ذريعي لکين ماڻهن کي نوڪرين منجهان برطرف ڪيو ويو. سرمائيدارن ۽ بينڪارن کي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ لکين پورهيتن کي غربت جي اوڙاهہ ۾ ڦٽو ڪيو ويو. ان عمل خلاف احتجاجي مظاهرن جي شروعات

ٽي جيڪا اڄتي هلي هڙتال جي شڪل اختيار ڪندي پوري ملڪ ۾ ڦهلجي وئي. ان وقت پورهيت طبقي جي روايتي پارٽي پاسوڪ اقتدار ۾ هئي. جڏهن ته ڪابي ڊر جي هڪ ننڍڙي پارٽي سائريزا ان سموري ظلم جي خلاف آواز بلند ڪري رهي هئي. اها سرمائيدارن جي سموري ملڪيت ضبط ڪرڻ جو مطالبو ۽ يورپي يونين جي حاڪماڻي پاليسين کي چئلينج ڪري رهي هئي. لکين عوام انهن مطالبن جي حمايت ڪئي ۽ روايتي پارٽي سميت سمورين وڏين پارٽين کي رد ڪندي ان ننڍڙي گروپ سان سلهاڙجي ويا. چند مهينن اندر ئي اهو ننڍڙو گروپ يونان جي سڀ کان وڏي پارٽي بڻجي ڪري اقتدار ۾ اچي ويو. پر اقتدار ۾ اچڻ بعد سڊارا پسند قيادت سرمائيداراڻي نظام کي پاڙون پٽي ڦٽو ڪرڻ بجاءِ مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو ۽ ساڳيون سرمائيداراڻيون پاليسيون ٻيهر عوام مٿان مسلط ڪرڻ شروع ڪيون. پر ان سموري عمل ۾ پورهيت عوام اهم سبق حاصل ڪيو آهي ۽ اصلاح پسندي جو خصي پڻو سيني اڳيان ظاهر ٿي چڪو آهي.

يونان ۾ ايرندڙ انهن طوفاني واقعن جا اثر پوري يورپ مٿان پيا جتي هرهنڌ معاشي بحران بعد پورهيتن جي معيارِ زندگي مٿان حملا ڪيا پيا وڃن. اسپين ۾ روايتي سياست مٿان قابض ٻن وڏين پارٽين جي هڪ هٿي جو خاتمو ٿيو ڪابي ڊر جي هڪ نئين قوت پوڊيموز جي نالي سان ايري ڪري سامهون آئي. برطانيہ ۾ ليبر پارٽي تي قابض بلئيرائٽ ڌڙي جي خلاف جيرمي ڪاربن جي قيادت ۾ ڪابي ڊر جي اصلاح پسند ڌڙي ٻيو دفعو ڪاميابي حاصل ڪئي. ان دوران ليبر پارٽي جي ميمبرشپ 60 هزار مان وڌي وڃي پنجن لکن تي پهتي. وڏي تعداد ۾ حالتن منجهان تنگ نوجوانن ۽ پورهيتن ان پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي ته جيئن ڪرندڙ معيارِ زندگي جي اڳيان بند ٻڌي سگهجن. اها ڪشمڪش اڄان بہ برطانيہ ۾ جاري آهي. ان کان اڳ اسڪالينڊ ۾ علحدگي جي لاءِ ريفرنڈم ڪرايو ويو جنهن ۾ عوام وڏي جوش جذبي سان شرڪت ڪئي ۽ قومپرست ڊر SNP کي وڏي تعداد ۾ ووٽ مليو. چند مهينن اندر اها پارٽي هڪ ننڍڙي پارٽي منجهان

عوام اندر بنياد ناهيندڙ هڪ وڏي پارٽي بڻجي وئي، سندس اپار جو سبب قومپرستي جو نظريو هجڻ کان وڌيڪ ڪرندڙ معيار زندگي جي خلاف رد عمل هيو جنهن حوالي سان ان پارٽي حڪمران پارٽين مٿان شديد تنقيد ڪئي هئي. گذريل سال ٽينڊڙ بريگزٽ جي حوالي سان چونڊ ۾ صورتحال کي وڌيڪ ريڊيڪلائز ڪري ڇڏيو آهي ۽ پوري سماج اندر کاپي ۽ ساڃي ڏر جي ورهاست ڇڻي ٽينڊي پئي ويجي.

هينئر يورپ ۾ ڪو به اهڙو ملڪ ناهي جتي وڏي پيماني تي سياسي تبديليون رونما نه ٿي رهيون هجن. يورپي يونين مسلسل پڇ ڌاهه جي خطرن کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ هر روز سندس ڍهڻ جون اڳڪٿيون ٽين پيون. اتلي ۾ تازي ريفرنڈم ۾ حڪمران پارٽي جي شڪست صورتحال کي وڌيڪ بحران جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. هن سال فرانس، جرمني ۽ هالينڊ جي چونڊن ۾ غير متوقع نتيجين جي اڳڪٿي ڪئي پئي ويجي، جتي انتهائي ساڃي ڏر ۽ انتهائي کاپي ڏر جي وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي ۽ پورو ڪنڊ احتجاجي تحريڪن ۽ هڙتالن جي لپيٽ ۾ آهي. بيلجيم جهڙي ملڪ ۾ گذريل ٻن سالن دوران هاڻوڪي تاريخ جون سڀ کان وڏيڪ هڙتالون ۽ احتجاجي مظاهرا ٿي چڪا آهن.

چين سميت اوپر ايشيا جي ملڪن ۾ صورتحال ڪجهه خاص مختلف ناهي. گذريل چند سالن دوران چين اندر هڙتالن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي ۽ پورهيت جدوجهد جي ميدان ۾ پنهنجا قدم رکي چڪا آهن. ڪروڙين پورهيت هر سال ڪرندڙ معيارِ زندگي ۽ رياستي پاليسين جي خلاف احتجاجي مظاهرا ۽ هڙتالون ڪري رهيا آهن جن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. چين جي رياست مٿان حڪمران طبقي جي آمراڻي طرزِ حڪومت ۽ سخت گرفت باوجود چين جي سماج کي انقلابي طوفانن کان پري نه ٿو رکي سگهجي. هڪ وقت ۾ 13 سيڪڙو کان وڌيڪ شرح سان ترقي ڪندڙ سرمائيداراڻي معيشت هاڻي ساڍن 6 کان به گهٽ سطح تي پهچي چڪي آهي ۽ ان ۾ اچان وڌيڪ لاٿ جو امڪان آهي. انهيءَ وقت نئين احتجاجي تحريڪن جو ايرٺ اٽٽر آهي جيڪي پوري دنيا مٿان

پنهنجا اثر ۾ ڇڏيندیون. ڏکڻ ڪوريا ۾ وڏي عرصي کان اقتدار تي قابض حڪمران جماعت جي خلاف لکين ماڻهن جي مظاهرن صدر پارڪ کي معزول ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي سندس خلاف ڪيس هلايا پيا وڃن. ان کان علاوه سيمسنگ ۽ ٻين ملٽي نيشنل ڪمپنين جي مالڪن جي خلاف ۾ بدعنواني جا ڪيس ڪيا ويا آهن ۽ کين گرفتار ڪيو ويو آهي. اهو سڀ ڪجهه خطي ۾ هڪ وڏي تبديلي جي شروعات آهي جنهن کان حڪمران خوفزده ٿي رهيا آهن. انهن تحريڪن کي ڪچلڻ لاءِ اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا سميت خطي جي ٻين مسئلن کي پڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ جيئن سامراجي جنگيون برپا ڪري انهيءَ بهاني سان عوامي تحريڪن کي ڪچلي سگهجي.

ڏکڻ آفريڪا کان ويندي برڪينا فاسو تائين ۽ نائيجيريا کان ويندي مراڪش تائين اهي ڪنڌ ۾ احتجاجي تحريڪن ۽ انقلابي تحريڪن جي لپيٽ ۾ آهن. برڪينا فاسو ۾ عوام اقتدار تي قابض فوجي آمريت جو تختو هڪ عوامي تحريڪ جي ذريعي اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ ٿامس سنڪارا جي انقلابي نظرين جي گونج پوري ڪنڌ ۾ هڪ دفعو ٻيهر ٻڌڻ ۾ آئي. ڏکڻ آفريڪا ۾ اقتدار ۾ موجود ساڃي ڏر جي روايتي پارٽين جي خلاف نفرت جو لاوو مسلسل پچي رهيو آهي ۽ ان جون چٽگون مختلف احتجاجن ۽ تحريڪن ۾ نظر اينديون رهن ٿيون. 2013ع ۾ ماريڪانا ۾ ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي احتجاج مٿان پوليس جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ماڻهن جي مارجي وڃڻ خلاف پوري ملڪ ۾ ماڻهن اندر ڪاوڙ ڏسڻ ۾ آيو هيو. هاڻي اتي فيسز ۾ اضافي جي خلاف شاگردن جي هڪ ملڪ گير تحريڪ موجود آهي جنهن کي جبر ۽ تشدد ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. انهيءَ منجهان اهو صاف ظاهر ٿي چڪو آهي تہ گورن جي جڳهه تي پلي ڪوئي ڪارو ئي ڇو نہ حڪمران ٻڌجي پئي پر پورهيت طبقي جي غربت ۽ محرومي ختم نہ ٿي ٿي سگهي. ان محرومي ۽ غربت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ سرمائيداراڻي نظام جو ئي خاتمو آڻڻو پوندو ۽ رنگ، نسل، زبان ۽ مذهب کان مٿانهون ٿي ڪري طبقاتي بنيادن تحت

طاقت منظم ڪندي انقلاب برپا ڪرڻو پوندو. نائيجيريا ۾ به پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي جي خلاف ٻه سال اڳ هڪ وڏي تحريڪ اپري هئي. اهڙي ريت ٻين ملڪن ۾ به احتجاجي تحريڪون ۽ انقلابي بغاوتون اپري رهيون آهن جيڪي هڪ انقلابي پارٽي نه هجڻ سبب حتمي ڪاميابي حاصل ناهن ڪري سگهنديون.

ڏکڻ ايشيا ۾ به صورتحال ڪا خاص مختلف ناهي. هندستان اندر گذريل ٻن سالن دوران انساني تاريخي جي سڀ کان وڏي عام هڙتال ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ 16 کان 18 ڪروڙ پورهيتن شرڪت ڪئي ۽ هڪ ڏينهن جي لاءِ پوري ملڪ جي سمورين صنعتن ۽ سرڪاري ادارن کي جام ڪري ڇڏيو. بينڪن کان ويندي ڪوئلي جي کاڻين تائين ۽ بسن کان ويندي ايئر لائين تائين سمورا ادارا مڪمل طور تي مفلوج ٿي ويا. ايان تائين ڪابي ڏر اندر هڪ وڏي خلا موجود آهي جنهن کي ڪا به موجود ڪميونسٽ پارٽي ڪا نه پئي پري ۽ نه انهن وٽ ايتري صلاحيت آهي جو ان کي پري سگهن. ساڳي وقت شاگردن جون به وڏيون وڏيون تحريڪون اپري رهيون آهن جيڪي رياست ۽ ان جي سامراجي پاليسين کي چئلينج ڪري رهيون آهن. ڪشمير ۾ تاريخ جي سڀ کان وڏي بغاوت جاري آهي جيڪا عوامي بنياد حاصل ڪري چڪي آهي. انتهائي ننڍي عمر جا نوجوان پنهنجون زندگيون داءِ تي لڳائيندي فوجي جبر جو مقابلو ڪري رهيا آهن. نوجوانن جو جوش ۽ ولولو ايڏو بلند آهي جو ڪا به موجوده سياسي پارٽي انهن جي قيادت ڪرڻ جي صلاحيت نه ٿي رکي ۽ نوجوان انهن کي رد ڪندي انقلابي متبادل تلاش ڪري رهيا آهن.

ان سموري صورتحال ۾ آمريڪي صدارتي چونڊن هڪ معياري چال (جست) ڏني آهي ۽ پوري دنيا اندر سياسي ۽ معاشي صورتحال کي وڌيڪ وڏن بحرانن ۾ ڌڪو ڪيوآهي. جڏهن آمريڪا ۾ 2016ع جي صدارتي چونڊن جي شروعات ٿي ته ڊيموڪريٽڪ پارٽي طرفان هيلري ڪلنٽن ۽ ريپبلڪن طرفان جارج بش جو پاءُ جيف بش مضبوط اميدوار هيو. سموري ميڊيا ۽ تجزيہ نگار انهن چونڊن کي به گذريل ڏهاڪن جيان

ٽيندڙ چوندن جيان معمول جي ڪاروائي طور ونڊي رهيا هيا. جنهن ۾ سرمائيدار طبقي جا مختلف ڌڑا هڪ يا ٻي اميدوار جي حمايت ڪندا آهن ۽ جيڪو وڌيڪ وڏن سرمائيدارن جي حمايت ۽ انهن جي فنڊنگ ونڊ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي اهو ئي ڪٽي ويندو آهي. ٽي وي چينلز اخبارون، مختلف راءِ عامہ جا سروي عوام کي ڏوکو ڏيڻ جي لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ کين باور ڪرايو ويندو آهي تہ انهن جمهوري طريقي سان پنهنجو نمائندو چونڊي ورتو آهي. جڏهن تہ اصل حقيقت اها آهي تہ ٻئي نمائنده سرمائيدار طبقي جي نمائندگي ڪندڙ هوندا آهن.

پر هن دفعي اهي چونڊون غيرمعمولي نوعيت اختيار ڪري ويون جنهن جو سبب سماج اندر ٻرندڙ نفرت جي باه هئي جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن سياسي موقعي جي تلاش ۾ هئي. برني سينڈرز جڏهن سوشلزم ۽ سياسي انقلاب جي نالي تي پنهنجي ڪمپئين جي شروعات ڪئي تہ هر شهر ۾ چند ماڻهو ئي ڪيس ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا پر وقت گذرڻ سان گڏ هن پنهنجي نعرن کي وڌي پيماني تي ڪاپي پاسي موڙيو ۽ حڪمران طبقي، وال استريٽ ۽ سرمائيداراڻي نظام مٿان شديد حملا شروع ڪري ڏنا ان جي نتيجي ۾ لکين ماڻهو سندس چونڊ مهم جو حصو بڻجي ويا. سندس چونڊ مهم جي فنڊنگ ۾ وڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين بجاءِ عام ماڻهو ئي ڪري رهيا هيا. جيڪي چند سئو ڊالرن کان ويندي چند هزار ڊالرن تائين سندس مهم لاءِ جمع ڪرائي رهيا هئا. انهن ماڻهن جي فنڊنگ سان ڪيس ڪروڙين ڊالر فنڊ جي صورت ۾ مليا جيڪي سندس وسيع تر حمايت جو ثبوت هيو. ان چونڊ مهم منجهان نہ صرف هيلري ڪلنٽن ۽ سندس حمايتي بينڪون ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنيون شديد خطري جو شڪار هيون پر آمريڪي رياست ۾ برني سينڈر کان شديد خطرو محسوس ڪرڻ لڳي. نيويارڪ ۾ جڏهن سندس جلسي ۾ پنجاه هزار کان هڪ لک تائين جي لڳ ڀڳ ماڻهن شرڪت ڪئي تہ پوري رياست ڏڏڻ لڳي ۽ سندس (برني) مٿان ان چونڊ مان ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ شديد دٻاءُ وڌو ويو. برني سينڈرز پنهنجي اصلاح پسنداڻي خصي پٽي ڪري ان دٻاء جو مقابلو نہ ڪري سگهيو. آخرڪار

هڪ فراڊ ذريعي ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي جعلسازي تي ٻڌل اندروني (پارٽي) چونڊن جي نتيجي ذريعي هيلري ڪلنٽن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي اميدار بڻجي سامهون آئي. برني سينڈرز وٽ ان وقت موقع هيو ته هو الڳ پارٽي ناهي يا آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ چونڊون وڙهي ها ۽ ٽن صدارتي اميدوارن جي موجودگي ۾ سندس کٽڻ جو وڏيڪ موقع هيو. پر هن هيلري ڪلنٽن جي حمايت ڪندي پنهنجي پروگرام ۽ لکين آمريڪي پورهيتن ۽ نوجوانن سان غداري ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن چونڊن دوران ووٽ ئي نه ڏنو.

بي پاسي ڊونلڊ ٽرمپ انتهائي ساڄي ڌر سان تعلق هجڻ باوجود آمريڪي اسٽيبلشمنٽ ۽ حڪمران طبقي مٿان حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ هڪ بلڪل غير روايتي انداز ۾ تقريرون ڪرڻ شروع ڪيون جن ۾ آمريڪي پاليسن جو مذاق اڏائيندو رهيو. شروعات ۾ اسٽيبلشمنٽ پاران ڪيس کل پوڳ ۾ ٽاربو ويو پر وقت گذرڻ سان سندس مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو رهيو. هن نعرو ڏنو ته هو آمريڪا کي ٻيهر عظيم بڻائيندو. هن چيو ته هو سموري دنيا ۾ جاري آمريڪا جي غير ضرورت مداخلت جو خاتمو آڻيندو ۽ جيڪو روزگار صنعتن جي چين منتقل ٿيڻ جي ڪري ختم ٿيو آهي انهن کي واپس آڻيندو. هن اهو به چيو ته ٻين ملڪن منجهان ايندڙ پورهيت آمريڪي پورهيتن جو روزگار کسي رهيا آهن تنهن ڪري هو ٻاهرين ايندڙ ماڻهن تي پابندي مڙهيندو. خاص طور تي مڪسيڪو مان ايندڙ مهاجرن کي روڪڻ جي لاءِ خاص قدم کڻندو جن تحت سرحد تي هڪ ديوار به تعمير ڪئي ويندي. بيروزگاري ۽ ڪرندڙ معيارِ زندگي کان تنگ ڪيترن ئي ماڻهن کي ٽرمپ جي ان انتهائي ساڄي ڌر سان تعلق رکندڙ ڳالهين ۽ نعرن منجهان به اميد نظر اچڻ لڳي. ان دوران ٽرمپ آمريڪا جي حڪمران طبقي کي به انتهائي نااهل ۽ نڪمو قرار ڏئي رهيو هيو ۽ انهن مٿان سمورن مسئلن جي ذميوار مڙهي رهيو هيو. هن اهو به اعلان ڪيو ته هو عوام مٿان لاڳو ٽيڪس ۾ به گهٽتائي آڻيندو ۽ سرڪاري سطح تي به وڏا وڏا منصوبا شروع ڪندو ته جيئن روزگار جا موقع ميسر ٿي

سگھن. آمريڪي معيشت کي ڏسي ڪري اهو واضح هيو تہ اهي سمورا پروگرام ناقابل عمل آهن ۽ آمريڪي رياست پهرين ئي ڪربين ڊالرن جي قرضن ۾ ٻڏل آهي جنهن ۾ وڌا منصوبہ شروع ڪرڻ ممڪن ناهن. پر ٽرمپ ان سموري ڪوڙ کي پرفريب انداز ۾ پنهنجي تقريرن ۾ بيان ڪندو رهيو جنهن سبب سندس حمايت ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ ريپبلڪن پارٽي جا ٻيا اميدوار هڪ هڪ ڪندي ان ڏوڙ منجهان ٻاهر ٿيندا ويا. پنهنجي مهم ۾ هن نسل پرستي، عورتن جي حوالي سان انتهائي غليظ زبان ۽ مذهبي تعصب جو ڀرپور استعمال ڪيو ۽ سخت ساڃي ڏر جي نعري بازي جاري رکي. سندس مهم خود ريپبلڪن پارٽي جي لاءِ بہ ناقابل قبول هئي ۽ ان پارٽي جي تمام وڏن ليڈرن ٽرمپ جي شديد مذمت ڪئي ۽ ڪيس چونڊن مان دستبردار ٿيڻ جي لاءِ چيو. هڪ موقع تي ريپبلڪن پارٽي جي پنجاه کن اهم اڳواڻن هڪ ڪليل خط لکيو جنهن ۾ ٽرمپ جي شديد مذمت ڪئي وئي ۽ ووٽرن کي سندس خلاف ووٽ ڏيڻ جو چيو ويو. آمريڪي رياست ۽ استيبلشمنٽ بہ اهڙي شخص جي آمريڪي صدر بڻجڻ جي امڪان سبب خوفزده ٿي وئي ۽ پوري قوت سان هيلري ڪلنٽن جي حمايت شروع ڪري ڇڏي. سمورين وڏين بينڪن، ملٽي نيشنل ڪمپنين، ميڊيا گروپس ۽ رياستي ادارن هيلري کي ڪٽرائڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائي ڇڏيو. راءِ عامہ جي مختلف ٽيندڙ سروي ۾ بہ ڏاڍلي ڪرائيندي اهو ڏيکاريو ويو تہ هيلري جي ڪٽڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. اهڙي ريت اخبارن توڙي رسالن ۽ ٽي وي چينلن تي سندس جلسن کي وڌيڪ ڪوريج ڏني وئي ۽ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ڪيڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهو سندس حمايت ڪري رهيا آهن. ان سموري پروپيگينڊا سبب هيلري ڪلنٽن مڪمل طور تي استيبلشمنٽ جي نمائنده ٿي ڪري ايري جنهن ڪري عوام منجهہ سندس خلاف نفرت وڌيڪ پڙڪي اٿي ۽ انهن (عوام) حڪمران طبقي کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ سخت قسم جي ساڃي ڏر سان واسطو رکندڙ ٽرمپ کي ووٽ ڏنو. جيتوڻيڪ هڪ وڏي تعداد ووٽ ئي نہ ڏنو پر ان باوجود ڪيترن ئي پورهيتن ۽ انقلابي نوجوانن هيلري ڪلنٽن ۽ حڪمران طبقي

کان شديد نفرت جو اظهار ڪندي ٽرمپ کي ووٽ ڏئي ڪري ڪامياب ڪيو. ڪيترن قنوطيت پرستن ٽرمپ جي صدارتي چونڊن ۾ ڪاميابي کي رجعتيت جي ڪاميابي قرار ڏنو جڏهن ته حقيقت اها آهي ته هڪ مسخ شده شڪل ۾ اهو حڪمران طبقي سان نفرت جو اظهار آهي. ان کان پهرين هندستان ۾ 2014ع جي عام چونڊن ۾ اهو ئي عمل ڏسڻ ۾ آيو هيو جڏهن ڪانپي ڏر جي متبادل جي عدم موجودگي ۾ عوام جي اڪثريت سخت ساڃي ڏر سان واسطو رکندڙ مودي جي ترقي ۽ وڪاس جي ڪوڙي نعري کي ووٽ ڏنو ۽ ڪانگريس کي عبرتناڪ شڪست ڏني. چونڊن کان اڳ ٽرمپ کي به پنهنجي ڪٽڙ جو يقين نه هيو ۽ هو واضح طور تي ان جو اظهار ڪري رهيو هيو ته آمريڪي استيبلشمنٽ ڪيس هارائڻ لاءِ وڏي پيماني تي ڏانڊلي جي منصوبه بندي ڪري رهي آهي پر هو ان ڏانڊلي تي خاموش نه ويهندو ۽ سموري ڏانڊلي دنيا اڳيان بي نقاب ڪندو. پر جڏهن چونڊن جا نتيجا سامهون آيا ته پوري دنيا حيران ٿي وئي ۽ هيلري کي واضح طور تي ان ۾ شڪست ملي.

سرمائيداري جا سمورا حمايتي تجزيه نگار، دانشور، معيشت دان ۽ يونيورسٽيز جا پروفيسر ان نتيجي تي شديد حيرانگي ۽ پريشاني جو شڪار ٿيا. سندن لاءِ اهو هڪ وڏو ڌڇڪو هيو، هنن لکيو ته کين اندازو ئي نه هيو آمريڪي عوام ۾ ڪو دولتمندن جي لاءِ ايڏي شديد نفرت موجود آهي ۽ سماج ايڏي وڏي پيماني تي تبديل ٿي چڪو آهي. اهي گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان جاري سماجي صورتحال جا ايترا ته عادي ٿي چڪا هيا جو کين ان تبديلي جو ادارڪ هڪ وڏي ڌڇڪي جي ذريعي ٿيو. ان کان علاوه سندن وٽ سماج کي سمجهڻ جو جيڪو نظريو موجود آهي اهو ڪنهن تبديلي يا تضاد کي تسليم ئي ناهي ڪندو ان ڪري اهي ان سموري عمل کي سمجهڻ کان ئي قاصر آهن.

ٽرمپ جي صدر بڻجڻ بعد نه صرف آمريڪي حڪمران طبقي اندر موجود سمورا تضاد کلي ڪري سامهون اچي چڪا آهن پر پوري دنيا ۾ هڪ وڏي عرصي دوران موجود ورلڊ آرڊر وکري چڪو آهي. ٽرمپ جي حلف

برداري کان پهرين ئي اوباما روس سان هلندڙ مسئلي کي وڌيڪ پڙڪائڻ شروع ڪري ڇڏيو. سي.آئي.اي ۽ ٽرمپ جي وچ ۾ سر عام گارين ڏيڻ ۽ الزامن جو سلسلو شروع ٿي ويو. اهڙي طرح ٻيا ڪيترا ئي قدم کنيا ويا تہ جيئن ٽرمپ کي پنهنجي پاليسن تي عمل ڪرڻ کان روڪي سگهجي. جڏهن تہ ان دوران ترڪي ۾ روسي سفير جي قتل جو واقعو ٻہ رونما ٿيو جنهن عالمي سطح تي موجود ڪشيدگي ۾ ويتر اضافو ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت آمريڪي رياستي ادارن کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ جيئن فرد واحد توڙي جو اهو صدر ڇو نہ هجي انهن مٿان پنهنجي مرضي مڙهي نہ سگهي. پر ٽرمپ جي صدر ٻڌجندي ئي اهو سمورا قدم هوا ۾ اڏري ويا. رياستي ادارا پهرين ئي بحران سبب زوال جو شڪار هئا هاڻي انهن جا تضاد وڌيڪ چٽي نموني ايري ڪري سامهون اچڻ شروع ٿيا. پر سڀ کان وڌيڪ ردعمل عوام طرفان سامهون آيو جيڪي لکن **جي تعداد** ۾ ٽرمپ ۽ آمريڪي حڪمران طبقي جي خلاف روڊن تي نڪري آيا. ڪنهن ٻہ آمريڪي صدر جي حلف برداري جي خلاف ايڏا وڏا مظاهرا پهرين ڪڏهن ٻہ نہ ڏٺا ويا. ان کان پوءِ عورتن جي حقن جي دفاع ۾ ايڏا وڏا مظاهرا ٿيا جن ۾ هڪ اندازي مطابق سموري آمريڪا منجھ 46 لک ماڻهن شرڪت ڪئي. آمريڪا سميت دنيا جي 600 اهم شهرن ۾ اهي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. نيويارڪ ايئرپورٽ تي تہ ماڻهو ٽرمپ جي پاليسين خلاف رياستي اهلڪارن سان هٿين پئجي ويا ۽ پابندي جي ڪري متاثر ٿيندڙ مسافرن کي زبردستي آمريڪا ۾ داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اهو سڀ ڪجهہ هڪ نئين دؤر جي شروعات جي نشاندهي ڪري ٿو. هڪ اهڙو دؤر جنهن ۾ پوري دنيا سرمائيداراڻو نظام شديد بحران ۽ زوال جو شڪار آهي. آمريڪي سامراج پنهنجي معاشي بحران ۽ مختلف ملڪن ۾ هڪ ٻي پٽيان شڪستن کان پوءِ انتهائي ڪمزور ۽ خصي پڻي جو شڪار آهي ۽ عالمي سطح تي لٹ سردار وارو ڪردار نہ ٿو نڀائي سگهي. ان عرصي ۾ روس ۽ چين سميت مختلف ملڪن مخصوص خطن ۾ پنهنجي سامراجي مفادن جي تڪميل جي لاءِ جارحيت ڪري رهيا آهن.

جنهن سبب انهن جا نہ رڳو هڪ ٻي سان تضاد اپري رهيا آهن پر آمريڪا سان بہ سامراجي تضادن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. مڊل ايسٽ ۾ روس، ترڪي، ايران، سعودي عرب، اسرائيل ۽ قطر سميت مختلف ملڪن جو گڏيل ٽڪراءَ ۾ جهيڙو موجود آهي جنهن سان پورو خطو باهہ ۽ رات جي راند ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي. اوپر يورپ ۾ يوڪرائين جي مسئلي سميت بلڪان ۾ روس، يورپي يونين جي مختلف ملڪن ۽ آمريڪا جي سامراجي مداخلت موجود آهي. مشرقِ بعيد ۾ آمريڪي پٺيرائي سان جاپان ۽ ڏکڻ ڪوريا چين سان جهيڙي طرف وڌي رهيا آهن جنهن ڪري خطي ۾ موجود ٻيا ملڪن جا حڪمران بہ پنهنجي مفادن جي تحفظ خاطر دوست ۽ دشمن جي چونڊ ڪري رهيا آهن. فلپائن جنهن کي آمريڪا پنهنجي فوجي اڈي طور استعمال ڪندو رهيو آهي ۽ جيڪو خطي ۾ عالمي مالياتي ادارن جو مرڪز بہ آهي ان جي موجوده صدر کلي ڪري آمريڪي سامراج جي مذمت ڪندي چين جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي. ان سان پوري خطي ۾ نوان مسئلا ڪر کڙي رهيا آهن. ڏکڻ ايشيا ۾ چين جي سامراجي مداخلت تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ اهو هندي سمنڊ اندر پندرهن بندرگاهون تعمير ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو جتي چين جا بحري اڈا قائم ڪيا ويندا. گوادر سميت ڪيترن ئي بندرگاهن ۾ ڪم آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي جڏهن تہ ٻين تي ڪم جي شروعات ڪئي پئي وڃي. ان سان پوري خطي جو توازن تبديل ٿي رهيو آهي. لاطيني آمريڪا ۾ بہ گذريل عرصي ۾ وڏي پيماني تي انقلابي تحريڪون برپا ٿيون هيون جن جي نتيجي ۾ ڪابي ڏر جا پاپولسٽ اقتدار ۾ آيا هيا. پر پنهنجي طرفان ڪيل سمورن سڌارن باوجود اهي سرمائيداراڻي نظام کي پاڙون کو نہ پٽي سگهيا ۽ ساڃي ڏر جون قوتون سندن مٿان حملا ڪري رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪ نئين وڏيڪ شديد طبقاتي جنگ جي لاءِ ميدان تيار ٿي رهيو آهي.

ان سموري صورتحال جا بنياد جنهن سرمائيداراڻي معيشت مٿان رکيل آهن اها پهرين جي نسبت وڏيڪ بحران جو شڪار آهي. 2008ع جي بحران کان پوءِ برڪس جي ملڪن جي ذريعي عالمي معيشت کي

سمارو ڏيڻ منصوبہ بندي ڪئي وئي هئي پر اڄ اهي ملڪ پاڻ شديد بحران جو شڪار آهن ۽ عالمي سطح تي سرمائيداري جي ساممون کا بہ اميد يا آسرو ڪونهي. خود بورجوا تجزيہ نگار 2008ع کان وڌي مالياتي بحران جي اڳڪٿي ڪري رهيا آهن جنهن ۾ چين ۽ يورپ سميت پوري دنيا جي معيشتون متاثر ٿيندیون. ان بحران جا سياسي ۽ سماجي اثر پوري دنيا ۾ ڪهڙيون طوفاني تبديليون آڻيندا ان بابت جيتري ڳالهہ ٻولهہ ڪجي گهٽ آهي.

نئون دؤر:

اها سموري صورتحال اهو واضح ڪري ٿي تہ اسان جنهن دنيا ۾ اڄ زندگي گذاري رهيا آهيون اها مڪمل طور تي تبديل ٿي چڪي آهي. تيز ترين تبديلون اڄ جي دؤر جي نمايان خصوصيت بڻجي چڪي آهي. گذريل عرصي ۾ سرمائيداري جي منافعن کي قائم رکڻ جي لاءِ ڪيل گلوبلائزيشن سبب پوري دنيا پهرين جي نسبت هڪ ٻي سان وڌيڪ جڙيل آهي. انڪري ڪنهن هنڌ رونما ٿيندڙ اهم تبديليون پوري دنيا متان پنهنجا اثر مرتب ڪن ٿيون.

هن دؤر جي هڪ اهم خاصيت اها آهي تہ سوشل ڊيموڪريسي يا سڌارا پسند سياست جي گنجائش ختم ٿي چڪي آهي. ٻي عالمي جنگ کانپوءِ سرمائيداري جي معاشي عروج سبب اصلاح پسندي جي نظرين کي عوامي بنياد مليا هئا ۽ ڪيترين ئي سڌار پسند سياسي جماعتون مختلف ملڪن ۾ اقتدار ۾ بہ آيون هيون. انهن جو موقف اهو هيو تہ سرمائيداري ۾ رهندي بهتر معيارِ زندگي حاصل ڪري سگهجي ٿو. پر اڄ نظريي جو ڪوکلو ڦٽو مڪمل طور تي ٻي نقاب ٿي چڪو آهي. پارليامينٽ، عدليہ، بيوروڪريسي ۽ ميڊيا سميت سرمائيدارٽي رياست جا سمورا ادارا هڪ هڪ ڪري آزمائجي چڪا آهن ۽ عوام جي هڪ وڏي اڪثريت جو انهن متان اعتماد ختم ٿي چڪو آهي. پوري دنيا منجهہ پورهيت عوام هاڻي پوري نظام جي تبديلي جو خواهشمند آهي. سوشلزم جا انقلابي نظريا پوري دنيا منجهہ مقبوليت ماڻي رهيا آهن ۽ پورهيتن توڙي انقلابي نوجوانن ۾ انهن

نظرين بابت اڄ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ٻي پاسي انتهائي رجعتي ۽ فاشست نظريا ۽ سماج جي پسمانده پرتن ۾ گهر ڪري رهيا آهن ۽ انقلابي قوتن جي خلاف منظم ٿي رهيا آهن. انهيءَ صورتحال ۾ هن عهد جي ڪردار کي سمجهڻ ۽ ان جو درست تجزيو ڪندي سائنسي تناظر تخليق ڪرڻ انتهائي اهميت اختيار ڪري ويو آهي.

ان ۾ سڀ کان پهرين تہ اهڙا قنوطيت پسند آهن جيڪي انهن سمورن واقعن باوجود ان کي هڪ نئون عهد تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن. اهي اصل ۾ ماضي جي سياست ۽ سماجي حقيقتن کي ئي ازلي ۽ ابدي تسليم ڪري چڪا آهن ۽ ان سياست جي چوڌاري گهڙيل فارمولن کان ٻاهر ئي نہ ٿا نڪرڻ چاهين. سندن مطابق سياست هميشہ کان اهڙي نموني ئي ٿيندي رهي آهي ۽ هميشہ ائين ئي ٿيندي رهندي. ان جو سبب اهو آهي تہ سندن زندگي جو هڪ وڏو حصو ان سياست منجهہ گذريو آهي ۽ هاڻي اهي عمر جي ان حصي ۾ پهچي چڪا آهن جتي اهي نئين حقيقتن کي سمجهڻ کان قاصر آهن. پراڻي عهد جا مروج ڍانچا سندن ذهنن ۾ اهڙي ريت گهر ڪري ويٺل آهن جيئن ڪنهن پراڻي بوسيده ويراني ۾ مڪڑي جو جار لٽڪندو آهي. اهي پنهنجا سمورا خيال ۽ منصوبہ انهن ئي بوسيده خيالن تحت جوڙيندا آهن جن جو زمين تي موجود حقيقتن سان ڪوئي تعلق ناهي. پر جيڪڏهن ڪو کين انهن خيالن کي ترڪ ڪرڻ جو چوي تہ کين صدمو پهچندو آهي ۽ شديد ڪرب ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. اهي اڄ جي دؤر جي حقيقتن کي انهن پراڻن ڍانچن ۾ سميٽڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪنهن ہ طرح اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ آمريڪا اڄ ہ سپر پاور آهي ۽ پهريان کان وڌيڪ طاقتور مضبوط سامراجي طاقت آهي. معاشي بحران ان جو ڪجهہ ہ ناهي بگاڙيو. اهڙي ريت ٽرمپ جي ڪاميابي کي ريپبلڪن پارٽي جي معمول جي ڪاميابي قرار ڏيندا آهن ۽ ان جي پاليسين کي ريپبلڪن پارٽي جي ماضي جي پاليسين سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ان ڪري مختلف انگ اکر ڳولهي ڪري پيش ڪندا آهن ۽ انهن کي موجوده پوري صورتحال تي مڑهڻ

جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي طرح عوام جي عظيم الشان مظاهرن ۽ احتجاجي تحريڪن کي معمول کان وڌيڪ انحراف چئي ڪري ٿهڪ ڏيندا آهن ۽ اهو چئي ڪري دل کي سڪون ڏيندا آهن ته عوام کي جلد ئي خبر پئجي ويندي ته نظام کي ڪڏهن به تبديل نه ٿو ڪري سگهجي ۽ انقلاب ماضي جو قصو آهن. ٻين لفظن ۾ سامراج طرفان اڳ ڌهلايل "تاريخ جي خاتمي" جو نظريو ورجائيندا آهن.

حقيقت ته اها آهي ته اڄ خود ڪيترائي بورجوا تجزيه نگار ۽ سرمائيداري جا دلال دانشور اهو تسليم ڪري رهيا آهن ته موجوده نظام وڌيڪ ڊگهي عرصي تائين نه هلي سگهندو ۽ ان ۾ عوام جي هڪ وڏي حصي جي شموليت جي لاءِ ڪوئي طريقيڪار وضع ڪرڻو پوندو. پر ماضي ۾ ئي زندگي گذارينڌڙ نام نهاد ڪابي ڏر جا دانشور حڪمران طبقي جا وڌيڪ وفادار آهن ۽ ڪنهن به قسم جي تبديلي کي گنجائش ڏيڻ جي لاءِ ئي تيار ناهن.

پر ان جو بنياد مارڪسي نظرين جي بنيادي ڄاڻ جو فقدان آهي. مارڪسزم انساني تاريخ جو سڀ کان جديد نظريو آهي جنهن جو بنياد مادي جي مسلسل تبديلي جي قانون تي آهي. اها تبديلي ڪنهن دانشور جي ذهن جي اختراع ناهي پر هڪ زنده معروضي حقيقت آهي جنهن کي مارڪسزم دريافت ڪيو آهي. اهو ئي تبديلي جو قانون سماج جي هر حصي ۾ به مسلسل جاري آهي ۽ مقدار کي معيار ۾ تبديل ڪندو آهي. اهڙي ريت دنيا جا ٻيا سمورا فلسفا تضاد کي رد ڪن ٿا ۽ رسمي منطق جي ذريعي ڪنهن به تضاد جي بغير دنيا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ انهيءَ بنياد تحت پنهنجي حڪمت عملي ترتيب ڏيندا آهن. پر مارڪسزم پنهنجو بنياد ئي جدلياتي تضاد کي بڻائيندو آهي ۽ ان ذريعي ڪائنات ۾ جاري هر عمل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سماج جي هر شعبي ۾ به موجود تضاد جو درست طور تي ادراڪ حاصل ڪندي انهن جي گڏيل تعلق جي نتيجي ۾ اپرندڙ ڪيفيت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۽ ان جو تناظر تخليق ڪيو ويندو آهي.

هڪ نئون دؤر جنهن جا سمورا خدوخال اڃان تائين مڪمل طور تي واضح ناهن ٿيا ۽ جيڪو اڃان پنهنجي ابتدائي حالت ۾ آهي ۽ ان کي سمجهڻ جي لاءِ مارڪسي نظرين تي مضبوط گرفت درڪار هوندي آهي. پراڻو دؤر جنهن ۾ سمورا عالمي لاڳاپا، سماجي رشتا ۽ طبقاتي قوتن جو توازن طئہ ٿي چڪو هيو ڪيترن ئي فردن جي سوچ تي حاوي آهي ۽ اهي هڪ مختلف دؤر ۽ ان ۾ موجود نون عالمي لاڳاپن ۽ طبقاتي قوتن جي توازن کي سمجهي نہ ٿا سگهن جيسيتائين اهي مارڪسزم جو گهيرائي سان مطالعو نہ ٿا ڪن. ان جو مثال ائين آهي جيئن هڪ گهاٽو ڇانو ڏينڊڙ وڻ موجود هجي جنهن جون ڏگهيون ڏگهيون شاخون چئوطرف ڦهليل هجن ۽ ان تي گل ۽ پن پوري آب تاب سان موجود هجن. ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن ڪنهن هڪ نئين وڻ جو ٻج ڏيکاريو ويجي تہ اهو ان کي وڻ تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندو. اهڙي ريت جڏهن ڪو ٻار جنم وٺندو آهي تہ ان جي پهرين دفعو ساهہ کڻڻ سان ئي ان نئين زندگي جي شروعات ٿي ويندي آهي. پر ان باوجود ان جي شخصيت ۽ ان جي مستقبل جو تعين نہ ٿو ڪري سگهجي. پر اهو چوڻ بہ سراسر غلط هوندو تہ ڪا نئين زندگي شروع ناهي ٿي.

اهڙي ريت اهو چوڻ بلڪل درست آهي تہ اسان هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿي چڪا آهيون جيتوڻيڪ ان کي درست نموني سمجهڻ جي لاءِ مٿانيهن تي جاري واقعن کان هيٺ گهيرائي ۾ جاري تحرڪ جو جائزو وٺڻ پوندو. پراڻيون سوچون ۽ خيال واقعن جي هٿوڻن سان ٽڪي ڪري وکري ويندا. ان خلا کي پر ڪرڻ جي لاءِ اهڙن نظرين ۽ خيالن جي ضرورت پيش ايندي جيڪي عوام جي وسيع ترين اڪثريت جي امنگن جي درست ترجماني ڪري سگهن. پوري دنيا ۾ ڪروڙين ماڻهون ان نظام کان تنگ آهن ۽ ان جي خاتمي جو مطالبو بہ ڪري رهيا آهن. اهي ان خلاف احتجاج بہ ڪن ٿا. هڙتالون ڪن ٿا ۽ هر قسم جي قرباني ڏئي رهيا آهن پر ان باوجود ڪوڙن واعدن ۽ تسلي ذريعي کين ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي. ڪيترن جڳهن تي چهرن کي تبديل ڪيو ويجي ٿو پر نظام ساڳي ريت

موجود رهي ٿو ۽ عوام کي کچليندو رهي ٿو. جنهن جي خلاف ٻيهر تحريڪون اٿن ٿيون. ڪين اهو ڪوڙ ڳالهائي ڪري خاموش ڪرايو ويندو آهي ته موجوده رياستي بيهڪ کان سواءِ ٻيو ڪو متبال ڪونهي ۽ انهيءَ سرمائيداراڻي جمهوريت يا ٻين طريقن ذريعي ئي سماج کي هلائي سگهجي ٿو پر ان باوجود سماج اندر موجود بي چيني ۽ نفرت ختم ٿيڻ بجاءِ وڌندي رهي ٿي.

ڪهڙي قسم جي پارٽي جي ضرورت آهي؟

ان سموري صورتحال ۾ هڪ اهڙي سياسي پارٽي جي ضرورت آهي جيڪا متبادل نظام جو پيغام عوام جي وسيع تر پرتن تائين کڻي وڃي سگهي. هڪ اهڙو نظام جيڪو هڪ متبادل معاشي، سياسي ۽ رياستي ڍانچي کي تفصيل سان بيان ڪري سگهي. ۽ هڪ اهڙو نظام جيڪو موجوده نظام کان وڌيڪ جديد هجي. اڄوڪي دؤر ۾ سوشلزم ئي اهڙو نظام آهي جيڪو منصوبہ بند معيشت جي ذريعي منڊي جي معيشت جو خاتمو ڪري سگهي ٿو ۽ فرسوده سرمائيداراڻي رياست جي جڳهہ جديد مزدور رياست ۽ سوشلسٽ جمهوريت قائم ڪري سگهي ٿو. موجوده نظام جي اندر رهندي ڪنهن بہ قسم جي تبديلي عوام جي ڪرندڙ معيارِ زندگي کي روڪي نہ ٿي سگهي ۽ نہ ئي امير ترين ماڻهن جي دولت ضبط ڪندي عوام جي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿي. پر ان انقلاب کي برپا ڪرڻ جي لاءِ هڪ اهڙي سياسي پارٽي جي ضرورت آهي جيڪا مارڪسزم جي نظرين تي مضبوط گرفت رکندڙ هجي ۽ ان جو ڍانچو جمهوري مرڪزيت جي جديد اصولن تي ٻڌل هجي. پوري دنيا ۾ اسان اهڙي انقلابي پارٽي جو فقدان ڏسون ٿا جنهن جي ڪري ئي انقلابي تحريڪون ڪاميابي جي بلڪل ويجهو پهچڻ باوجود ڪاميابي حاصل ناهن ڪري سگهيون.

اڄ کان سئو سال پهرين بہ اهڙي ئي صورتحال هئي، جڏهن پهرين عالمي جنگ ڪانپوءِ پوري دنيا ۾ مختلف ملڪن ۾ انقلابي تحريڪون ايري رهيون هيون. هندوستان ۾ برطانوي سامراج جي خلاف هڪ تمام وڏي عوامي تحريڪ ايري هئي. چين کان ويندي يورپ تائين ڪيترن ئي ملڪن

۾ عوام پنهنجي حڪمران طبقن جي خلاف احتجاجي تحريڪن ذريعي ميدان ۾ هئا. پر صرف روس ۾ ئي هڪ اهڙي پارٽي موجود هجي جيڪا مارڪسي نظرين تي تعمير ڪئي وئي هئي ۽ جنهن جي قيادت سوشلسٽ انقلاب تي مڪمل يقين رکندي هئي. ان پارٽي کي جڏهن روس ۾ موقع مليو تہ انهن ذري برابر بہ وقت ضايع ڪرڻ بغير عوام جي وسيع پرتن تائين پنهنجو پيغام پهچايو ۽ انهن جي قيادت ڪندي روس ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ڪيو. ان انقلاب جي گونج اڄ تائين پوري دنيا ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. سرمائيدار اڄ بہ ان انقلاب کان خوفزده آهن ۽ سئو سال گذرڻ باوجود ان جي خلاف زهريلي قسم جي پروپيگينڊا جاري رکيون پيا اچن. سئو سال گذرڻ باوجود بہ ان انقلاب کي مسخ ڪرڻ جي لاءِ نوان نوان ڪتاب شايع ڪيا پيا وڃن ۽ ذرائع ابلاغ ذريعي ان جي خلاف زهر اوڳاڇيو وڃي ٿو. ان جو سبب اهو آهي جو ان انقلاب سرمائيدارن جي سموري دولت ۽ رياست تي حملو ڪيو هيو ۽ پورهيتن کي صدين پراڻي غلامي منجهان نجات ڏياري هئي.

اڄ ضرورت آهي تہ انهن ئي بنيادن تحت هڪ انقلابي پارٽي تعمير ڪئي وڃي. ان پارٽي جو بنياد مارڪسزم جي نظرين تحت رکيو وڃي جن تحت موجوده سماج جو تجزيو ڪندي سائنسي تناظر تخليق ڪيو وڃي. موجوده دؤر ۾ انتهائي تيز ترين تبديليون رونما ٿيندیون. انقلابي عمل ڪڏهن بہ سڌي لڪير ۾ اڳتي ناهي وڌندو پر انقلاب ۽ رد انقلاب گڏوگڏ هلندا آهن. جيڪڏهن هڪ وقت ۾ پورهيت طبقو وڏي تعداد ۾ روڊن رستن تي آهي ۽ حڪمران طبقو پسپائي اختيار ڪري رهيو آهي تہ ڪجهہ عرصي بعد صورتحال تبديل بہ ٿي سگهي ٿي. حڪمران طبقا سماج جي پسمانده پرتن منجهان حمايت حاصل ڪندي ٻيهر حملي آور ٿي سگهن ٿا. بلڪل هڪ جنگ جهڙي ڪيفيت آهي. پر اها ٻن طبقن جي جنگ آهي جنهن ۾ لکين ڪروڙين انسان هڪ سياسي عمل ۾ شريڪ هوندا آهن. ان ڪري انهن واقعن منجهہ مداخلت ڪرڻ جي لاءِ ۽ انهن جو درست تجزيو ڪرڻ جي لاءِ جتي هڪ نوس نظريي تي گرفت ضروري آهي اتي انقلابي تنظيم جو هڪ سخت ڊسيپلين بہ گهربل آهي. تيزي سان تبديل ٿيندڙ

صورتحال ۾ جيڪڏهن انقلابي تنظيم جي قيادت ۽ ڪارڪن فارمولن کي ياد ڪندي عمل ڪندا رهن ته اهي ڪڏهن به انقلاب جي طوفاني واقعن ۾ موثر مداخلت ڪو نه ڪري سگهندا. نظرين تي مضبوطي سان ڪاربند ٿيڻ سان گڏوگڏ طريقيڪار ۾ لچڪ جي ضرورت پيش ايندي. اهڙي ريت زنده سماج ۾ جاري زنده طاقتن جي لڙائي ۾ درست فيصلا صرف انهيءَ بنياد تحت ڪري سگهجن ٿا جيسيتائين صورتحال جو درست تجزيو موجود هجي ۽ سوشلسٽ مستقبل تي ڪامل يقين هجي. رسمي منطق ۽ پراڻا فلسفا اهڙي صورتحال جي لاءِ ناڪاره آهن. ان کان علاوه مايوس ۽ بدگمان ماڻهو ڪنهن انقلابي تحريڪ ۾ حصو نه ٿا وٺي سگهن ان جي قيادت ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي.

پاڪستان ۽ سوشلسٽ انقلاب:

عالمي سطح تي تبديل ٿيندڙ صورتحال پاڪستان مٿان به گهيرا اثر ڇڏي رهي آهي. پاڪستان جي معيشت، سياست ۽ رياست عالمي سرمائيداراڻي نظام جو جزو آهي ۽ عالمي سطح تي ظاهر ٿيندڙ واقعا سڌو سنهون پاڪستان مٿان اثر ڇڏيندا آهن. آمريڪي سامراج جي افغانستان ۽ مشرقِ وسطي ۾ پسپائي ڪانپوءِ پاڪستان ۾ چين، روس ۽ ترڪي ۽ ٻين سامراجي قوتن جي مداخلت ۾ اضافو ٿيو آهي. اهڙي ريت هتي نجڪاري ۽ ٻين سامراجي مالياتي پاليسين جا به اثر مرتب ٿيا آهن ۽ لڪين ماڻهو بيروزگار ٿيا آهن جڏهن ته آبادي جو هڪ وڏو حصو وڌيڪ غربت ۽ بربادي جي اوڙاهه ۾ ڏڪي ڦٽو ڪيو ويو آهي. ان جي خلاف احتجاجي تحريڪون به موجود آهن جنهن ۾ تقريباً هر اداري جا ملازم وڏي تعداد ۾ حصو وٺي رهيا آهن. اسٽيل مل کان ويندي واپڊا ۽ ريلوي کان ويندي تعليمي ادارن ۽ اسپتالن جا ملازم مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن. انهن احتجاجن منجهه گذريل سال فيبروري ۾ پي آئي اي ۾ ٿيندڙ اٺ ڏينهن واري هڙتال نمايان مقام رکي تهي جڏهن پوري ملڪ ۾ پي آئي اي جون اندروني توڙي بيروني ملڪ پروازون بند ڪيون ويون ۽ حڪومت کان نجڪاري جي پاليسي جي مڪمل خاتمي جو مطالبو ڪيو ويو. ان وقت ڪائي به ٽريڊ يونين قيادت يا

سياسي پارٽي اهڙي نه هئي جيڪا ان هڙتال کي پين ادارن ۾ جاري احتجاجن سان ڳنڍي سگهي ها. جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته هڪ ملڪ گير عام هڙتال ڪري پئي سگهجي جيڪا هن داخلي جنگ جي شڪار استحصالي رياست مٿان پورهيت طبقي جي هڪ ڪاري ضرب هجي ها.

سياسي افق تي موجود سموريون پارٽيون پنهنجي حمايت وڃائي ويٺيون آهن ۽ صرف ماضي جي هڪ تسلسل طور موجود آهن. عوامي تحريڪ جو پهريون وهڪرو انهن سمورين پارٽين کي ٻوڙي ڇڏيندو ۽ انهن جي جڳهه تي نئين پارٽين کي اپاري ڪري سامهون آڻيندو. سماج اندر بيچيني ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي ۽ حڪمران طبقي جي خلاف نفرت تيزي سان وڌي رهي آهي. فوج، عدليه، بيروڪريسي سميت رياست جي سمورن ادارن جي حقيقت عوام جي سامهون عيان ٿي چڪي آهي ۽ ڪنهن به اداري تي عوام جو اعتماد ناهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن هڪ عوامي تحريڪ دوران هڪ انقلابي پارٽي اپري ڪري سامهون اچي ٿي ۽ هنن رياستي ادارن جي جاءِ تي متبادل رياستي ادارن جي قيام جو پيغام آڻي ٿي ته ان کي نهايت تيزي سان عوامي مقبوليت حاصل ٿي سگهي ٿي. پاڪستان جهڙي پوئتي پيل ملڪ ۾ سرمائيداري ڪنهن انقلاب جي ذريعي ڪو نه آئي هئي پر برطانوي سامراج جي تسلط جي تحت هتي سرمائيداري کي متعارف ڪرايو ويو هيو. انهيءَ ڪري هتي جمهوريت، پارليامينٽ ۽ ٻيا رياستي ادارا ڪڏهن به صحت مند انداز ۾ تعمير ڪو نه ٿي سگهيا. انڪري انهن بوسيده ادارن ۾ ايتري گنجائش ۽ صلاحيت موجود ناهي جو اهي سرمائيداراٽي بنيادن تحت ڪوئي صحتمند ڪردار ادا ڪري سگهن. انڪري انهن سيني کي پاڻون پٽي ڪري گٽر حوالي ڪرڻ اٽٽر بٽجي چڪو آهي. انڪري هڪ انقلابي تحريڪ جي قيادت ڪندي انقلابي پارٽي کي مزدور رياست ۽ ان جي جديد ادارن جو اعلان ڪرڻو پوندو. سڀ کان پهرين ته معيشت جي ڪليدي شعبن کي مزدور رياست جي تحويل ۾ ونڊي مزدورن جي جمهوري ڪنٽرول ۾ ڏيڻو پوندو ۽ منڊي جي معيشت جو خاتمو آڻيندي منصوبه بند معيشت کي لاڳو ڪرڻو پوندو. سمورن

سرمائيدارن، جاگيردارن، ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ سامراجي مالياتي ادارن جي دولت ضبط ڪرڻي پوندي ۽ انهن کي مزدورن جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ خرچ ڪرڻو پوندو. پارليامينٽ، عدليه، فوج، بيوروڪريسي، ميڊيا سميت سرمائيداراڻي رياست جي سمورن ادارن جو خاتمو آڻيندي پنجائتن جي ذريعي جمهوري انداز ۾ مزدور رياست جا جديد ادارا قائم ڪرڻا پوندا. اٽو لٽو اجهو علاج، تعليم سميت سمورين بنيادي ضرورتن جي مفت فراهمي جو اعلان ڪرڻو پوندو ۽ مزدورن جي بين الاقوامي جڙت حاصل ڪندي ان انقلاب کي پوري دنيا ۾ ڦهلائڻ جو عزم ڪرڻو پوندو.

اهو سڀ ڪرڻ جي لاءِ هتي بالشويڪ پارٽي جهڙي هڪ انقلابي پارٽي ناهڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اها سنجيده قوت تعمير ڪري سگهجي جيڪا ايندڙ عرصي جي طوفاني واقعن ۾ ٺوس انداز ۾ مداخلت ڪندي ڪنهن به انقلابي تحريڪ کي سوشلسٽ ڪاميابي سان همڪنار ڪري سگهجي. سچن جذبن جي قسم فتح اسان جي ٿيندي.

آدم پال

(2017ع)

مارڪسي نظريي جي سچائي

مارڪسي نظريي (Marxism) جي جيتري ضرورت ۽ حالتن سان هڪجهڙائي اڄ آهي، شايدايتري اڳ ڪڏهن به نه هئي. ان جو اظهار موجوده دؤر ۾ مارڪسي نظريي جي لاءِ ماڻهن جي اندر موجود تڙپ، تجسس ۽ جستجو مان ٿئي ٿو. مشڪل سان ئي ڪا اهڙي گهڙي هوندي جو مارڪس جو ذڪر نه ٿيندو هجي يا ان جو حوالو نه ڏنو ويندو هجي. خاص طور تي جڏهن بحث سرمائيداري جي بحرانن بابت هجي ۽ سرمائيداري جا حڪمت ساز ڪنهن به سرمائيداراٽي بحران جي امڪانن کي ئي رد ڪندا هجن. جهڙي ريت اهي ماضي ۾ ڪندا رهيا آهن ۽ هڪ نئين دؤر بابت جاڙي هٽندي کو نه ٽڪبا هئا (ماضي ۾ سرمائيداراٽي نظام جي حمايت ڪندڙن جي اها دعوا رهي ته سوشلزم ختم ٿي ويو ۽ سرمائيداراٽي هاڻي هميشه رهندي ۽ واحد نظام آهي جنهن کي کو به بحران نه ٿو اچي سگهي. مترجم). ان وقت اهي مارڪس وادي ئي هئا جيڪي سرمائيداراٽي پيداواري طور طريقن جي قانونن بابت پنهنجو الڳ نقطه نگاه رکندا هئا. قانون جيڪي ان وقت لاڳو هيا ۽ جن جي اندر تضاد جنم وٺندا پئي رهيا. پر هاڻي حالتون مڪمل طور تي تبديل ٿي چڪيون آهن ۽ وڃي اتي پهتيون آهن جو فنانشل ٽائمز جهڙي رسالي کي به "سرمائيداراٽي نظام جو بحران" نالي سان سلسليوار مضمون شايع ڪرڻا پيا. پر اهي شخص (سرمائيداري جا حمايتي دانشور) هينئر تائين اهو مڃڻ لاءِ تيار ڪونهن ته ڪو سرمائيداراٽي نظام جون به حدبنديون ٿي سگهن ٿيون. سرمائيداري جو هي نامياتي بحران هڪ عمومي بحران کان تمام گهڻو مختلف آهي جيڪو نظام جي مڪمل رد ٿيڻ جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ نه رڳو قومي رياست پر نجي ملڪيت جي محدوديت جي خلاف به پيداواري قوتن جي بغاوت جو اظهار آهي. هي بحران نظرين، اخلاقيات، مذهبي قدرن، سياسي پارٽين ۽ انتظامي ڍانچي جي بحران طور پنهنجو اظهار ڪري رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته طرز حڪمراني ۽ حڪمراني جي سموري ادارن منجهه اهو

پاڻ اظهاري رهيو آهي. ان قسم جي صورتحال ۾ اهو صرف مارڪسزم ئي آهي جنهن جا خيال واڌ ويجهه ڪري سگهن ٿا ۽ ڪري رهيا آهن. اسان جو مقصد به اهو ئي آهي ته اسان هن وسيع عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون ۽ پنهنجي پڙهندڙن کي انهن وڏن واقعن لاءِ تيار ڪريون جيڪي ايندڙ وقت ۾ پنهنجو اظهار ڪرڻ وارا آهن.

موجوده دؤر ۾ مارڪسزم جي افاديت:

130 سال اڳ مارڪس جي وفات ٿي هئي، سوال اهو ٿو پيدا ٿي ته اسان آخر ان شخص کي اڄ به ڇو پيا ياد ڪريون جيڪو 1883ع ۾ فوت ٿي چڪو آهي. ويهين صدي جي سٺ واري ڏهاڪي جي ابتدا ۾ ليبر پارٽي سان تعلق رکندڙ ان وقت جي برطانوي وزير اعظم هيرالڊ ولسن چيوهو ته " اسان کي ڪنهن به صورت ۾ پاڻ سان پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ لنڊن جي هاءِ گيٽ قبرستان ۾ موجود قبر طرف نہ واجهائڻ گهرجي جتي ڪارل مارڪس دفن آهي." بلڪل! ڪوئي پاڳل ئي هوندو جيڪو هيرالڊ جي ان ڳالهه سان سهمت نہ هوندو. سچ به اهو ئي آهي ته بيان ڪيل قبرستان ۾ اوهان کي ڳريل هڏا، خاڪ ۽ پراٽي قطبي کان سواءِ ٻيو ملي به ڇا ٿو سگهي! پر اسان جڏهن به ڪارل مارڪس جو نالو ونون ٿا ۽ سندس اڇوڪي دؤر سان هڪجهڙائي ۽ وابستگي جي ڳالهه ڪندا آهيون ته ان مان اسان جي مراد ڪا قبر نہ پر نظريو هوندو آهي ۽ نظريو به اهڙو جيڪو بار بار وقت ۽ سماج جي ڪسوٽي تي پرکيو ويو هجي ۽ پنهنجي قدر ۽ اهميت قائم رکيون ٻيو هجي. نہ رڳو اهو پر اڄ به سندس (مارڪس) خيال ۽ نظريو سرخرو ۽ فتح مندي سان سرشار ڪيفيت ۾ ٻيهر سامهون اچي رهيو آهي. ايسيتائين جو اڄ مارڪسزم جا سڀ کان وڏا دشمن به ڏيل لفظن ۾ ئي صحيح پر اها ڳالهه تسليم ڪرڻ تي مجبور آهن ته مارڪس درست هيو ۽ 2008ع جي معاشي بحران اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته ڪجهه ته رد يا زوال پذير ضرور ٿيو آهي ۽ ان بحران سرمائيداري کي زوال پذير ثابت ڪيو آهي ۽ مارڪس کي درست ثابت ڪيو آهي.

ڪيترن ڏهاڪن کان معاشي ماهر اها هاڙي هٽندي کو نہ پئي ٽڪيا ته مارڪس جون سرمائيداراي جي بحرانن ۽ معاشي انهدام بابت ڪيل اڳڪٿيون مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪيون آهن. ان نظريي يا خيالن (مارڪسزم) کي اٽويهين صدي جا پراٽو ۽ رد ٿيل نظريو قرار ڏنو ويو ۽ انهن ماڻهن کي مايوس، قنوطيت پسند ۽ بيوقوف سمجهيو پئي ويو

جيڪي ان جي (مارڪسزم) سياسي پوئلڳي ڪري رهيا هيا. پراڻ ڳالهه چٽي نموني سامهون آئي آهي ته سرمائيداراڻي نظام جو دفاع ۽ نمائندگي ڪندڙ تاريخ جي گٽر حوالي ٻيا ٿين. جڏهن ته مارڪس اڄ به سماجي حالتن ۾ انساني شعور ۾ ڪٿي نه ڪٿي گهر ڪري چڪو آهي.

ان واقعي کي ڪو وڏو عرصو ناهي گذريو جڏهن برطانوي وزير اعظم گورڊن برائون انتهائي غرور وچان اهي لفظ چيا هيا ته " معاشي عروج ۽ زوال (Boom and Bust cycles)جي راند هميشه لاءِ ختم ٿي چڪي آهي." (مطلب ته سرمائيداري اندر ڪو به بحران نه ايندو)پر جلد ئي 2008ع جو معاشي بحران سامهون آيو ۽ برائون کي انتهائي شرمندي وچان پنهنجا لفظ واپس ونڊا ٻيا. يورپ اندر يورو جو بحران اهوظاهر ٻيو ڪري ته سرمائيدارن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي ته اهي يونان، اٽلي ۽ اسپين جي مسئلي جو ڪهڙو حل ڪڍن! جنهن مسئلي سبب نه صرف يورپ جي گڏيل ڪرنسي (يورو) پر خود يورپي يونين جو وجود ئي داءُ تي لڳي چڪو آهي. هي معاملو هڪ عالمگير سطح جي نئين بحران جي آمد جو سبب بڻجي سگهي ٿو جيڪو 2008ع کان به وڌيڪ شديد ۽ گهيرو هوندو.

هينئر صورتحال اها آهي جو بورجوا ماهر به ان ڳالهه کي قبول ڪرڻ تي مجبور ٿي چڪا آهن ته "سرمائيداراڻي نظام جي اندر ئي اهڙا ٻج (عنصر) موجود آهن جيڪي ان جي تباهي جو سبب بڻجن ٿا ۽ هي اهڙو منتشرمزاج قسم جو نظام آهي جيڪو مختلف وقتن تي ظاهر ٿيندڙ پنهنجي اندروني بحرانن جي ڪري ماڻهن کي روزگار کان محروم ڪري ٿو ۽ سياسي ۽ سماجي عدم استحڪام ۾ واڌارو آڻي ٿو جڏهن ته هاڻوڪي بحران کان اڳ هن نظام (سرمائيداري) بابت اهي خيال پئي پيش ڪيا ويا ته اهڙو ڪجهه (بحران) ٿيڻ ناممڪن آهي. ڪجهه عرصو اڳ تائين معاشي ماهرن کي ان ڳالهه جو پختو يقين هيو ته جيڪڏهن منڊي کي پنهنجي طور طريقن سان آزاد نموني ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ته اهااهڙا ته جادوئي اثر ڇڏيندي جو نه صرف سڀني درپيش مسئلن کي حل ڪندي پر گهرج ۽ رسد جي وچ ۾ اهڙو توازن پيدا ڪندي جهنکي معياري منڊي جي خاص وصف

سمجهيو وڃي ٿو ۽ سندن خواهش مطابق ائين ٿي وڃڻ بعد(آزاد منڊي) کين پورو يقين هيو ته هاڻي دنيا ۾ ٻيهر کو به 1929ع جهڙو وڏو زوال سامهون نه ايندو(1929ع ۾ سرمائيداري کي هڪ وڏو بحران ڏسڻو پيو هيو).

مارکس جيڪا واڌو پيدوارجي بحران بابت اڳڪٿي ڪئي هئي، ان کي انهن معاشي ماهرن رد ڪندي ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏيو هيو ۽ اهي ماڻهو جيڪي مارکس جي انهن خيالن کي درست سمجهندا هئا ۽ اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته "سرمائيداراڻو نظام اندروني ۽ ناقابل حل تضادن جو حامل هجي ٿو ۽ اهڙي طرح پنهنجي اندر ئي اندر اهي تضاد پيدا ڪندو ۽ انهن ۾ واڌارو ڪندو رهي ٿو" اهڙي ڳالهه ڪندڙن مٿان چٽرون ڪرڻ هڪ معمول هيو . سندن بقول (سرمائيداري جي داعين) ته سوويت روس جي ڌهڙ اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته ڪميونزم ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ ان سان گڏ تاريخ پنهنجو فيصلو صادر ڪري چڪي آهي ته سرمائيداراڻو نظام ئي هاڻي انساني نسل جي لاءِ واحد ممڪن سماجي ۽ معاشي نظام آهي. پر ويهن سالن جي مختصر عرصي (سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ) ۾ جيڪو انساني سماج جي تاريخ ۾ ايڏو وڏو عرصو به ناهي، تاريخ جي ڦيٽي 180 درجي جي زاويي سان ابتو هلڻ شروع ڪيو. هاڻي مارکس ۽ مارکسزم جي خلاف هر وقت تنقيد ڪرڻ وارا بلڪل ئي الڳ نوعيت جو راڳ الاپڻ شروع ٿي ويا آهن. اچانڪ ئي ڪارل مارکس جي معاشي نظرين کي سنجيدگي سان ڏسڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪيو اٿن. ڪيترائي معاشي ماهر ته مارکس جي تحريرن مٿان مٿو رکي نند پئجي ويڻ ٿا ته من کي الهام ٿئي ۽ ڪٿان نه ڪٿان اهي سبب تلاش ڪري سگهن ته آخر غلطي ڪٿي ٿي آهي ۽ ڇا غلط آهي. (مطلب اهو بحران آخر ڇو آيو ۽ ان جو حل ڪهڙو آهي).

بورجوا ماهرن جو نظرياتي ابهام:

تازي بحران جي شروع ٿيڻ بعد جولائي 2009ع ۾ "اڪانومسٽ" رسالي پاران لنڊن ۾ هڪ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن جو مقصد معيشت ۾ موجود خرابي کي سمجهڻ هيو ته اها آهي ڇا ۽ ڪٿي آ؟ ان مان هڪڙي ڳالهه ته صاف ظاهر ٿئي ٿي ته معيشيت جا اهي نظريي دان معاشي فلسفي کان ڪيڏو نه بي خبر ۽ نابلند آهن. نوبل انعام يافته معاشي ماهر پال ڪرگمين هڪ عجيب اعتراف ڪندي چيو ته "گذريل 30 سالن دوران مائڪرو اڪنامڪس جي ترقي پنهنجي "بهترين" نتجين ۾ بلڪل بي فائدو ۽ "بدترين" دؤر ۾ تباهه ڪن آهي." اهو فيصلو بورجوا طرز معيشت جي نظرين جي بلڪل درست عڪاسي ڪري ٿو.

انهن واقعن ڪيترن ئي بورجوا ماهرن کي پنهنجو منهن پٽڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪري وڏو آهي ۽ هي پاسي ان صورتحال دوران جيڪي به مضمون لکيان ويا انهن ۾ هڪ ڳالهه کين دل تي پٿر رکي قبول ڪرڻي پئي آهي ته مارڪس بهرحال درست هئو.ايسيتائين جو سموري دنيا ۾ عيسائيت جي تسليم ڪيل مرڪز ويٽيڪن سٽي جي سرڪاري رسالي"L`Osservatore Romano"2009ع ۾ مارڪس جي تعريف ڪندي لکيو ته "ان (مارڪس) آمدني جي اٽبرابري جي درست تشخيص ڪئي هئي." مذهبي رسالي پاران اهي لفظ يا تعريف هڪ اهڙي شخص لاءِ هئا جنهن (مارڪس) چيو ته مذهب عام انسانن لاءِ نشو آهي. هن وقت مارڪس جو لکيل شاهڪار ڪتاب "سرمايو" جرمني جو سڀ کان وڏيڪ وڪرو ٿيندڙ ڪتاب آهي جڏهن ته جاپان ۾ به ان کي وڏي پيماني تي شايع ڪيو پيو وڃي.

USBبينڪ جي هڪ سنيئر معاشي تجزيي نگار جارج ميگنس هڪ مضمون "عالمي معيشت کي بچائڻ لاءِ ڪارل مارڪس کي موقعو ڏنو وڃي" جي عنوان تحت لکيو آهي. سوئيزلينڊ جي اها بينڪ عالمي مالياتي انتظام ۽ سنيال جو اهم پايو سمجهي ويندي آهي. سندس دنيا اندر پنجاه کان مٿي ملڪن ۾دفتر آهن ۽ اها به ڪرب ڊالرن کان مٿي اثاثن جي مالڪ

آهي. "بلوم برگ ويو" رسالي جي لاءِ لکيل هڪ ٻي مضمون ۾ ميگنس لکيو آهي ته "اڄوڪي عالمگير معيشت بلڪل انهن ئي حالتن سان مماثلت ۽ مشاهبت رکي ٿي جن جي اڳڪٿي مارڪس ڪئي هئي." پنهنجي ان مضمون جي شروعات ۾ هو مالياتي بربادين، ان جي سبب ٿيندڙ احتجاجن ۽ دنيا مٿان مرتب ٿيندڙ ٻين خطرناڪ اثرن جي سببن ۽ حالتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندڙ مالياتي پاليسي سازن کي تلقين ڪندي لکي ٿو ته:

"توهان سيني کي گهٽو اڳ وفات ڪري ويل ماهر معشيت ڪارل مارڪس جو چڱي ۽ سنجيده نمونو سان مطالعو ڪرٽو پوندو. مثال طور: مارڪس جي ان اڳڪٿي ڏانهن توجهه ڏجو جيڪا هن الاهي عرصو اڳ ڪئي ته ڪيئن سرمائي ۽ محنت جي وچ ۾ موجود موروثي تضاد ۽ مسئلا پنهنجو اظهار ڪندا! جيئن هن پنهنجي ڪتاب "سرمايو" ۾ لکيو آهي ته ڪمپنين جي منافعي ۽ پيداوار ۾ واڌاري جي لاءِ پڄ ڏڪ فطري طور تي کين (سرمائيدارن) ان ڳالهه تي مجبور ڪندي آهي ته اهي گهٽ کان گهٽ مزدورن کي ڪم تي رکن. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ صنعتي ريزرو فوج پيدا ٿيندي ويندي جيڪا غريبن ۽ بيروزگارن تي مشتمل هوندي. هڪ طرف دولت جا ڍير لڳندا ته ٻي طرف انهي دوران محرومي ۾ به واڌارو ٿيندو."

مينگس پنهنجي ڳالهه کي وڌائيندي لکي ٿو ته:

"مارڪس جو اهو نشاندهي ڪيل عمل هن وقت اسان سموري ترقي يافته دنيا ۾ وقوع پذير ٿيندي ڏسون پيا. خاص طور تي آمريڪي ڪمپنين ۾ اها ئي ڪيفيت آهي، جيڪي پنهنجي لاڳت کي گهٽ ڪرڻ ۽ روزگار ڏيڻ کان پري پڃن پيا. ان سبب آمريڪا ۾ ڪارپوريٽ منافعو مجموعي معاشي پيداوار جي ڏس ۾ گذريل 60 سالن جي بلند ترين شرح تي پهچي چڪو آهي. جڏهن ته بيروزگاري جي شرح 9.1 سيڪڙو کي وڃي پهتي آهي ۽ حقيقي اجرتون منجمد آهن."

"1920ع جي ڏهاڪي بعد اجرتن ۾ اٽبرابري جي شرح بلند ترين سطح تي آهي. 2008ع کان پهرين آمدني بابت پريشاني کي "آسان قرضن" جهڙن طريقن ذريعي دٻايو ويو هيو جن ذريعي هڪ عام شهري به

بهتر معيار زندگي منجهان لطف اندوز ٿيندو رهيو پر هاڻي اها راند بہ اختتام پذير ٿي چڪي آهي."

"وال اسٽريٽ جرنل" رسالي معروف معيشت دان ڊاڪٽر نورائيل روبيني جنهن کي سنڊس هم عصر معيشت دان "ڊاڪٽر هوم" (کاري زبان وارو) قرار ڏيندا آهن چو جو موصوف 2008ع جي مالياتي بحران جي اڳڪٿي ڪئي هئي ۽ هڪ انٽرويو ڏنو هو. ان انٽرويو جي وڊيو ريڪارڊنگ موجود آهي جنهن کي انتهائي توجه ۽ احتياط سان ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن اسان اهو ڄاڻي سگهون تہ سرمائيداري جا انتهائي دوراندیش ۽ صاحب بصيرت حڪمت ساز ڇا پيا سوچن! روبيني جو اهو مڃڻ آهي تہ قرضن جو زنجير ٽٽي چڪو آهي ۽ سرمائيداراڻو نظام هڪ گهيري چڪر ۾ ڦاسي چڪو آهي. وڌيل صلاحيت يعني واڌو پيداواريت، ڪرندڙ صارفيت جي ڪرندڙ طلب ۽ قرضن جي بلند ترين شرح، ان سيني گڏجي ڪري سرمائيڪارن جي اعتماد کي ڪمزور ڪري وڌو آهي ۽ اهو پنهنجو اظهار اسٽاڪ مارڪيٽن جي تيزي سان تباهي، اثاثن جي قيمتن ۾ تيز لاٿ ۽ معيشت جي انهدام جي شڪل ۾ ڪندو. ٻين سمورن معاشي ماهرن جيان روبيني وٽ بہ جاري بحران کان بچاءَ جو ڪو بہ درست حل ڪونهي ڪو سواءِ انهن احتياطي تدبيرن جي تہ مرڪزي بينڪ پاڻ کي نگراني (بچاءَ) جا ٽڪا لڳرائي تہ جيئن مرڻ کان بچي سگهي پر ان باوجود هو اهو بہ تسليم ڪري ٿو تہ صرف احتياطي ٽڪن سان ڪجهہ بہ ناهي ٽيٽو چو جو نہ تہ ڪاروبار ۽ نہ ئي حڪومتون ڪنهن قسم جو تعاون ڪري رهيون آهن. يورپ ۽ آمريڪا جون حڪومتون ڪٽوتين جي پروگرام تي ان لاءِ عمل ڪري رهيون آهن تہ جيئن اهي پنهنجي قرضن ۾ ڦاٽل معيشتن کي قابو ۾ آڻي سگهن، ان لاءِ اهي وڌيڪ مانيٽري قدم متعارف ڪرائيندیون. روبينيءَ آخر ۾ جن لفظن تي پنهنجي ڳالهہ ختم ڪئي تنهن منجهان بيحد مايوسي ظاهر ٿي رهي هئي تہ "ڪارل مارڪس اها ڳالهہ درست نموني پروڙي ورتي هئي تہ هڪ مقام تي پهچي سرمائيداراڻو نظام پنهنجو پاڻ کي نيست و نابود ڪري ڇڏيندو" اسان تہ اهو سمجهي ويٺا

هياسين ته منڊيون پنهنجو ڪم ڪري ڏيکارينديون پر اهي ڪم ئي نه پيون ڪن."

130 سال اڳ وفات ڪري ويل ۾ متي ۾ دفن ٿيل ڪارل مارڪس جو روح اڄ به بورجوازي جي مٿان لامارا ڏئي رهيو آهي. پر هتي اسان ان سوال تي ڳالهه ٻولهه ڪنداسين ته مارڪسزم اصل ۾ آهي ڇا؟ مارڪسزم جي سمورن پهلوئن کي هڪ مضمون ۾ سميڙڻ ته ناممڪن ڪم آهي، ان حقيقت کي نظر ۾ رکندي اسان هتي هڪ عمومي حد اندر مختصر مضمون پيش ڪنداسين ته جنهن جي بدولت اسان جي پڙهندڙ ۾ اهڙو ذوق ۽ شوق پيدا ٿي پوي جو هو خود ئي مارڪس جون تحريرون پڙهڻ طرف راغب ٿي سگهن،چو جو مارڪس جي نظريي يا خيالن بابت مارڪس کان وڌيڪ ٻيو ڪير ٿو بهتر ڳالهائي يا سمجهائي سگهي.!

جيڪڏهن عام لفظن ۾ بيان ڪجي ته مارڪس جي نظريي کي ٽن شعبن يا حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو پر جيڪي تقسيم ٿيندي به هڪ ٻي سان ڳنڊيل رهن ٿا. لينن انهن کي مارڪسزم جا ٽي سرچشما ۽ اجزائي ترڪيبون Three Sources & Three Component Parts of (Marxism) قرار ڏئي ٿو انهن کي عام طور تي مارڪسي معيشت، جدلياتي مادييت ۽ تاريخي مادييت جو عنوان ڏنو ويو آهي. اهي سڀ جدلياتي طور تي پاڻ ۾ ڳنڊيل آهن ۽ ڪنهن به هڪ کي باقي ٻين کان ڪٽي يا الڳ ڪري نه ٿو سمجهي سگهجي. مارڪسي نظرين جي بنيادي ڳالهين کي سمجهڻ لاءِ اسان اهو تجويز ڪنداسين ته اسان جي تحريڪ جي شروعاتي بنيادي دستاويزن جيڪي 1848ع جي يورپي انقلابن جي موقعي وقت لکيا ويا، پڙهڻ گهرجن. اهي تاريخ جي عظيم ترين ۽ انتهائي موثر ڪتابن منجهان هڪ آهن.

ڪميونسٽ مينيفيسٽو:

ڏيڍ سو سال اڳ شايع ٿيندڙ ڪتابن جي جهجهي اڪثريت منجهان ڪو به ٻيو اهڙو ڪتاب تاريخي اهميت جو حامل نه هوندو جهڙو ڪميونسٽ مينيفيسٽو آهي ۽ ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي حوالي سان

سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ پهلو اهو آهي جو ان کي پڙهندي اسان کي ان سمورين حالتن جي جاڻ ۾ خبر واضح نموني پئجي ويي ٿي جن کي دنيا هن وقت منهن ڏئي رهي آهي. اهو سوچيندي ته انسان حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو ته 1847ع ۾ لکيل ڪتاب (ڪميونسٽ مينيفيسٽو) ڪيئن ايڪويهين صدي جي تصوير ڪشي ڪري رهيو آهي، اها ڳالهه خود هڪ غير معمولي حيثيت رکي ٿي . حقيقت ته اها آهي ته 1848ع ۾ ڇپجي سامهون ايندڙ ڪميونسٽ مينيفيسٽو پنهنجي وقت جي نسبت اڄوڪي دؤر جي حساب سان وڌيڪ سچو ۽ نڪندڙ لڳي ٿو. هتي اسان هڪ مثال پيش ڪريون ٿا ته جڏهن مارڪس ۽ اينگلس ان کي لکي رهيا هئا تڏهن انهن وڌين وڌين هڪ هٽين جو پري پري تائين نالو نشان به موجود ڪونه هيو اهڙي ڪيفيت ۾ انهن وضاحت سان لکيو ته ڪهڙي ريت آزاد اداراڻ انهن جي وچ ۾ مقابلي بازي اٽٽر طور سرمائي جي ارتڪاز کي جنم ڏيندي ۽ پيداواري ذريعا هڪ هٿ جي ور چڙهندا ويندا. سچي ڳالهه ته اها آهي ته جڏهن مندي جو دفاع ڪندڙ ۽ ان معاملي ۾ مارڪس مٿان تنقيد ڪندي ڪيس غلط قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته ڏاڍي ڪل ايندي آهي، ڇو جو اها مارڪس جي سڀ کان شاندار اڳڪٿي هئي جيڪا درست ٻڌ ثابت ٿي.

1980ع جي ڏهاڪي ۾ اهو هڪ فيشن بڻجي چڪو هيو ته "ننڍي شئي خوبصورت هوندي آهي" (Small is beautiful) . هي اهو مقام ناهي جو جتي اسين ننڍي، وچولي ۽ وڏي درجي جي حامل ڪنهن جمالياتي بحث ۾ الجهون. اهو هر ڪنهن جو حق آهي ته ان بابت کا به راءِ رکي. ان بحث ۾ پوڻ بغير اها هڪ ناقابل ترديد حقيقت آهي ته دولت جي ڪجهه هٿن ۾ گڏ ٿيڻ جي جنهن عمل جي اڳڪٿي مارڪس ڪئي، اهو عمل اڄ سيني جي اڳيان جاري آهي، نه رڳو جاري آهي پر گذريل پنجاهه سالن دوران بلند ترين سطح تي پهچي چڪو آهي. آمريڪا جي اندر ته اهو عمل بلڪل واضح صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو جتي 2010ع ۾ خوشقسمت 500 ڪارپوريشنز (Fortune 500)مجموعي قومي آمدني جو 73.5 سيڪڙو پنهنجي نالي ڪري ورتو. جيڪڏهن اهي 500 ڪمپنيون گڏجي ڪري هڪ آزاد ملڪ

جوڙين تہ اها دنيا جي ٻئي نمبر تي وڏي معيشت هوندي 2011ع ۾ انهن 500 ڪمپنين 824 ارب ڊالرن جو ريڪارڊ منافع ڪمايو جيڪو 2010ع جي منافع کان 16 سيڪڙو وڌيڪ هيو. عالمي پيماني موجب 2000 وڏيون ڪمپنيون هن وقت 32 ٽريليون ڊالرز نقد ، 2.4 ٽريليون ڊالرز منافع، 138 ٽريليون ڊالرز جا اثاثا ۽ 38 ٽريليون ڊالرز جي مارڪيٽ ويليو جون مالڪ آهن. جڏهن تہ 2010ع ۽ 2011ع دوران سندن منافعن ۾ 67 سيڪڙو اضافو ٿيو.

جڏهن مارڪس ۽ اينگلس ڪميونسٽ مينيفيسٽو لکي رهيا هيا تہ سندن اڳيان اهڙيون واقعاتي شاهديون موجود نہ هيون، ان جي ابتڙ تڏهن سرمائيداراڻو نظام ننڍين ڪاروبارن، آزاد واپار ۽ مقابلي بازي تي مبني هيو. جڏهن تہ اڄ سموري سرمائيداراڻي دنيا ايگزون، والمارٽ جهڙن آڳرن تي ڳٽڻ جيترن عالمي هڪ هٿين جي قبضي ۾ آهي. انهن وڏين وڏين ڪمپنين وٽ جيتري دولت آهي اها ڪيترن ئي ملڪن جي قومي بجيٽن کان بہ تمام گهڻي وڌيڪ آهي. مينيفيسٽو جون اڳڪٿيون اڄ اسان اڳيان جيتريون واضح ۽ چٽيون ٿي سامهون آيون آهن ان بابت تہ شايد مارڪس کي بہ ايتري توقع نہ هوندي. سرمائي جو دفاع ڪندڙ ڪٽان تہ مارڪس کي معاف ڪري سگهن، جو هن (مارڪس) سرمائيداري جي زوال پذير ٿيڻ جا سبب ان وقت ئي ڄاڻي ورتا هئا جڏهن هي نظام اڃان پنهنجي مڪمل شباب جي ابتدا تي هيو. وڏي عرصي تائين تہ سرمائيداري جا محافظ سرمائي جي هڪ هنڌ ڪني ٿيڻ ۽ ننڍين ڪاروبار جي جڳهہ وڏن ڪاروبارن جي وڌڻ واري مارڪس جي اڳڪٿين کي سختي سان رد ڪندا رهيا.

سرمايو جنهن حد تائين مرڪزيت ۽ چند هٿن ۾ گڏ ٿي چڪو آهي، ان جو اڳ ڪڏهن تصور بہ ڪرڻ ناممڪن هيو. پر اڄ سيني جديد صنعتي ملڪن ۾ وڏين ڪمپنين پاران ننڍين ننڍين ڪمپنين کي ڳڙڪائڻ هڪ وبا جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. ڪن معاملن ۾ تہ ان قسم جي قبضي کي قائم ڪرڻ يا رکڻ لاءِ انتهائي ڪريل ۽ بيهوده طور طريقن کي بہ استعمال ڪيو ويو آهي جن ۾ اندروني نگهين، حقن جي قيمتن

متعلق غلط بياني سميت ڪيترين ئي بيون ڏوڪي بازيون ۽ چور بازاريون شامل آهن.انهيءَ طرح Libor وياج جي شرح جي حوالي سان برڪليز بينڪ سميت ڪيترين ئي وڏين بينڪن پاران هيراڦيري جا ڪيترائي اسڪينڊلز سامهون اچي چڪا آهن. سرمائي جي اها مرڪزيت ڪنهن بہ طور پيداوار جي ترقي کي ظاهر نہ ٿي ڪري. پر معاملو ان جي بلڪل ابتڙ آهي. ڪنهن بہ هنڌ يا ڪٿي بہ اهو ارادو يا نيت ڪونهي تہ ڪو نئين صنعتن يا مشينري مٿان سيڙپ ڪئي وڃي. ان جي ابتڙ دفتر ۾ ڪارخانا بند ڪيا پيا وڃن. ان سان گڏوگڏ وڏي تعداد ۾ مزدورن کي روزگار مان جبري طور فارغ ڪيو پيو وڃي تہ جيئن پيداوار ۾ واڌاري بغير پنهنجي منافعي جي شرح کي وڌائي سگهجي. تازو ئي بن سوئس بينڪن انضمام ڪيو آهي جنهن کان ترت پوءِ 13000 ملازمن کي ڪم منجهان فارغ ڪيو ويو.

عالمگيريت ۽ اٽبرابري:

هاڻي اچو تہ اسان مارڪس جي ٻي اهم اڳڪٿي طرف ٽا هلون جيڪا هن 1847ع ۾ ڪئي هئي. مارڪس وضاحت ڪئي هئي تہ:

"هڪ عالمگير منڊي جي ارتقا هر قسم جي قومي انفراديت ۽ حدن کي ناممڪن بڻائي ڇڏيندي، هر ملڪ توڙي اهو ڪيترو ٻہ ۽ ڪيڏو ٻہ وڏو يا طاقتور ڇو نہ هجي. هاڻي مڪمل طور عالمي معيشت جي منشا جي تابع ٿي ڇڪو آهي ۽ اها عالمي معيشت ئي آهي جيڪا ملڪن ۽ انسانن جي قسمتن جا فيصلا ڪندي آهي."

هيءَ شاندار نظرياتي ڏاهپ خود ئي پنهنجو اظهار جهڙي نموني ڪري رهي آهي ان لاءِ اسان کي ڪنهن خاص وضاحت جي ضرورت ڪونهي. ان منجهان ئي مارڪسي طريقيڪار جي ناقابل ترديد برتري ثابت ٿئي ٿي. گلوبلائيزيشن (عالمگيريت) کي عمومي طور تي هڪ هاڻوڪو لقاءُ سمجهيو ۽ قرار ڏنو وڃي ٿو. (مطلب اها اڄوڪي دؤر جي پيدائش آهي) پرسرمائيداراٹي نظام تحت هڪ واحد عالمي منڊي جي تخليق جي اڳڪٿي سوين سال پهرين ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۾ ڪئي وئي هئي. ان عالمي منڊي جو سموري دنيا مٿان بي رحم قبضو اسان جي دؤر جي سڀ کان وڏي ۽ فيصلائتي حقيقت آهي. ٻي عالمي جنگ کانپوءِ محنت جي ورهاست جي عالمي پيماني تي ٿيندڙ شدت مارڪس جي تجزيي جي صداقت کي ليبارٽري منجهان ثابت ٿيڻ جهڙي سند عطا ڪري ڇڏي آهي. ان باوجود جو مارڪس کي پورو زور لڳائيندي غلط قرار ڏيڻ ۽ رد ڪرڻ جي پرپور ڪوششون ٿيندیون رهيون. ان ڳالهہ کان منهن موڙيو ويو تہ سرمائي جو ارتڪاز (چند هٿن ۾ گڏ) ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ طبقن منجهن ويڇا ۽ فرق وڌندا ويندا. ان قسم جون ذهني قلابازيون دراصل بورجوازي جي خواب بڻجي ويل آرزوئن جي نمائندگي ڪن ٿيون تہ شايد ڪمپنين جي آزاداٹي واپار جا سنهري ڏينهن ٻيهر موٽي ايندا. ائين ئي جيئن هڪ ضعيف پوڙهو شخص پنهنجي وڃايل جواني جي ڏينهن جي يادن ۾ غلطان رهندو آهي. بدقسمتي سان سرمائيداراٹي نظام جي لاءِ رتي برابر بہ اهو امڪان

موجود ڪونهي تہ سندس شباب جا ڏينهن موتي اچن. ڪافي عرصو اڳ ئي هي نظام پنهنجي عمر جا آخري ڏينهن پورا ڪري چڪا آهي. يعني هڪ هٽي سرمائيداري جا. سرمائيدارن جي سموري واويلا باوجود ننڍن ڪاروبار جا ڏينهن ماضي جا قصا بڻجي چڪا آهن. سمورن ملڪن جي اندر وڏين هڪ هٽين بينڪن سان ڳٺ جوڙ ڪندي سرمائيدار رياستن سان مهاڏو اٽڪائيندي سموري سماج مٿان قبضو قائم ڪري ورتو آهي. طبقن جي وچ ۾ فرق ۽ ورهاڱي جو عمل بغير ڪنهن رڪاوٽ ۽ وقفي جي جاري ۽ ساري آهي ۽ ان جي شدت ۾ هر روز اضافو ٿيندو پيو وڃي.

اڄو اسان آمريڪا جو جائزو ٿا وٺون جتي 400 امير ترين خاندان جي مجموعي دولت باقي سموري آمريڪا جي 50 سيڪڙو عام آبادي جي ڪل ملڪيت جي برابر آهي. وال مارٽ جي ڇهن مالڪن جي دولت 30 سيڪڙو عام آمريڪين جي مجموعي ملڪيت جي برابر آهي. غريب ترين آمريڪين جو پنهنجي ملڪ جي دولت ۾ حصو صرف 2.5 سيڪڙو آهي. آمريڪي آبادي جي امير ترين هڪ سيڪڙو جو ملڪ جي مجموعي آمدني ۾ حصو جيڪو 1976ع ۾ 17.6 سيڪڙو هيو اهو 2011ع ۾ وڌي 37.1 سيڪڙو ٿي چڪو آهي. گذريل ٽيهن سالن دوران امير ن جي اميري ۽ غريبن جي غربت ۾ فاصلو ناقابل تصور حد تائين پهچي چڪو آهي. صنعتي ترقي يافته اوله ۾ امير ترين ڏهہ سيڪڙو جي آمدني اتان جي غريب ترين ڏهہ سيڪڙو جي مقابلي ۾ 9 دفعا مٿي آهي. هي هڪ وڏو فرق ۽ تمام وڏو فاصلو آهي.

معاشي طور تي امير ملڪن جي تنظيم OECD جا جاري ڪيل انگ اکر اهو ظاهر ڪن ٿا تہ آمريڪا ۽ برطانيا ۾ شروع ٿيل بيچيني ۽ مايوسي جي لهر هاڻي سويڊن، جرمني ۽ ڊينمارڪ ۾ بہ ڦهلجندي پئي وڃي. هي اهي ملڪ آهن جيڪي روايتي طور گهٽ اٽبرابري طور سڃاتا پئي ويا. بينڪرن جي مڪروهہ دولت هاڻي هڪ پبلڪ اسڪينڊل بڻجي چڪي آهي. پر اهي لقاءَ صرف مالياتي ادارن تائين ئي محدود ڪونهن. ڪافي سارين ڪمپنين جي ڊائريڪٽرن جون پگهارون ان ڪمپني جي گهٽ ۾

گهٽ اجرت ونندڙ مزدور جي مقابلي ۾ 200 سيڪڙو وڌيڪ آهن. ان بيحد ۽ بي حساب فرق مزاحمت کي مشتعل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ انديشو آهي ته ڪنهن به وقت اهو اشتعال ڦاٽ کائي هڪ بعد بي ملڪ جي روڊن رستن تي پنهنجو اظهار ڪري سگهي ٿو. وڌندڙ اهو دٻاءُ پنهنجو اظهار هڙتالن، مظاهرن، عام هڙتالن ۽ فسادن جي شڪل ۾ ڪندو پيو اچي. اهڙي طرح اهو پنهنجو اظهار حڪومتن ۽ مروجہ سياسي پارٽين جي خلاف ووٽن (چونڊن) جي صورتن ۾ به ڪري رهيو آهي. ان جو هڪ واضح مظاهرو اتلي ۾ ٿيندڙ تازين چونڊن ۾ به ڏسي سگهجي ٿو. "تائيمز" رسالي جي هڪ سروي مطابق 54 سيڪڙو آمريڪي "آڪيوپائي وال اسٽريٽ موومينٽ" (وال اسٽريٽ تي قبضو ڪريو تحريڪ) جي تحريڪ جي حمايت ڪن ٿا. 79 سيڪڙو آمريڪي اهو مڃن ٿا ته امير ۽ غريب وچ ۾ تفاوت تمام گهٽو وڌيڪ چڪو آهي. 71 سيڪڙو آمريڪين جي اها راءِ آهي ته ڪمپنين جي چيف ايگزيڪيٽوز جي خلاف ڪيس ٿيڻ گهرجن. 68 سيڪڙو آمريڪين چاهين ٿا ته اميرن مٿان وڌيڪ ٽيڪسز لاڳو ڪيا وڃن. عام راءِ ۾ 27 سيڪڙو "ٽي پارٽي" (موومينٽ) جي حمايت ڪئي جڏهن ته 33 سيڪڙو ان کي رد ڪيو. بيشڪ ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته ڪو آمريڪا ۾ انقلاب تيار آهي. اهو وقت کان گهٽو اڳ جي ڳالهہ چئبي پر اها ڳالهہ واضح آهي ته سرمائيداراڻي نظام جويحران، آبادي جي هڪ وڏي اڪثريت ۾ تنقيد ۽ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي رجحان ۾ واڌارو آڻي رهيو آهي. هتي هڪ ماحول جڙي چڪو آهي جنهن تحت سرمائيداراڻي نظام جي باري ۾ اهڙا سوال جنم وٺي رهيا جيڪي ان کان اڳ ڪڏهن به سامهون نہ آيا هئا.

بيروزگاري جي وبا:

ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۾ چيو ويو هو تہ:

"هتي اها ڳالهہ واضح طور تي مصدقہ ٿي وڃي ٿي تہ بورجوازي هاڻي ڪنهن بہ طرح سماج کي هلائڻ لاءِ نااهل ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي اها سماج مٿان پنهنجي حڪمران رهڻ جي برتر قانون جي هر جواز کان محروم ٿي چڪي آهي. اها حڪمراني جي قابل ناهي ڇو جو اها پنهنجي غلام کي سندس غلامي جي حالت ۾ بہ زندهہ رهڻ بابت يقين ڏيارڻ جي بہ قابل ناهي رهي. اها ايتري بہ قابل ڪونهي جو پنهنجي غلام کي ايترو ڪارائي سگهي جو ڀڏڻ کان بچي سگهي. پلي پوءِ ان جو غلام سندس پيٽ ۾ريندو هجي. انساني سماج هن بورجوازي تحت وڌيڪ دير زندهہ نہ ٿو رهي سگهي."

مارڪس ۽ اينگلز جا مٿيان بيان ڪيل لفظ اڄ حقيقت جو روپ ونڻي چڪا آهر. سماج جي سينڌي پرتن جي اندر هاڻي اهو احساس گهر ڪندو پيو وڃي تہ اسان سينڌي جون زندگيون اهڙي طاقت جي غلبي هيٺ ڏهجي چڪيون آهن جيڪا اسان سينڌي جي ڪنٽرول کان ٻاهر آهي. انساني سماج هڪ ڇرڪائيندڙ بي يقينيءَ خوف جي گرفت ۾ اچي چڪوآهي. پوري سماج ۾ عملي طور تي عدم تحفظ جو احساس هڪ معمول بڻجي چڪو آهي. وسيع پيماني تي بيروزگاري جنهن جو اسان روز مشاهدو ۽ تجربو ڪريون ٿا، مارڪس جي اڳڪٿي کان بہ گهڻو اڳتي ۽ وڌيڪ بدتر سطح کي ڇهي رهي آهي. مارڪس بيروزگارن جي ريزرو فوج جو ذڪر ڪيو هيو جنهن مان سندس مراد اها هئي تہ پورهيتن جي هڪ حلقي کي بيروزگار رکيو ويندو آهي جنهن جي بدولت سرمائيدارن کي پنهنجي ڪم ڪرڻ وارن جي اجرتن کي گهٽ رکڻ ۾ سهولت ملندي رهندي آهي. پر هتي اڄ اسان جنهن قسم جي ۽ جنهن طرح جي بيروزگاري کي ڏسون ٿا، اها مارڪس جي بيان ڪيل ريزرو فوج ناهي جيڪا سرمائيداراڻي نقطہ نظر تحت فائيديمند ڪردار اداڪندي آهي.

امير جيترو امير ترين ٿيندا ويندا آهن اوترو ئي محنت ڪرڻ واري جو رت چوسجي چڪو هوندو آهي. هي سرمائيداري جي عام بحران جي پيدا ڪيل بيروزگاري ناهي جنهن جو پورهيت عام طور تي ماضي ۾ عادي ۽

واقف رهندا پيا اچن.اهڙي عام بيروزگاري هڪ بحران ۾ ايرندي آهي ۽ بحران جي ختم ٿيڻ بعد غائب ٿي ويندي آهي. موجوده بيروزگاري هڪ اسٽرڪچرل، مستقل ۽ نامياتي بيروزگاري آهي جيڪا ڪنهن عروج جي اچڻ باوجود به قطعي ختم ناهي ٿيندي.اها هڪ ڳوري پٿر مثل بڌجي پوندي آهي جيڪا پيداواري عمل کي سست ڪري ڇڏيندي آهي. اها هڪ اهڙي علامت آهي جيڪا اهو ظاهر ڪري ٿي ته نظام هڪ انڌي رستي تي گامزن ٿي چڪو آهي. اقوام متحده جي جاري ڪيل انگن اکرن مطابق 2008ع جي بحران کان ڏهه سال پهرين دنيا ۾ بيروزگارن جو تعداد 120 ملين هيو جڏهن ته 2009ع ۾ محنت جي عالمي اداري مطابق اهو تعداد 198 ملين تائين پهچي چڪو هيو ۽ توقع ظاهر ڪئي وئي آهي ته اهو تعداد 2013ع تائين 202 ملين تائين پهچي ويندو. بهرحال بيروزگاري متعلق بين انگ اکرن جيان هي انگ انگ اکر به حقيقي صورتحال کي لکائڻ جي هڪ سنجيده ڪوشش آهن. جيڪڏهن اسان هن فهرست ۾ انهن عورتن توڙي مردن کي به شامل ڪريون جيڪي ننڍا ننڍا روزگار ڪرڻ تي مجبور آهن ته سموري دنيا ۾ بيروزگاري يا نيم روزگار جو شڪار انسانن جي تعداد ڪنهن ريت به 1000 ملين کان گهٽ نه ٿيندي. معاشي بحالي جي سمورن دعوائن جي باوجود معاشي ترقي جي اڳوڻي پاور هائوس جرمني ۾ معاشي ترقي جي شرح تقريبن ٻڙي تائين پهچي چڪي آهي. اهو ئي حال فرانس جو آهي جڏهن ته جاپان جي معيشت به مندي جو شڪار ٿيندي پئي اچي. لکين ڪروڙين خاندانن جي محرومي ۽ بي وسي جتي هڪ وڏو مسئلو ۽ المیو آهي اتي ئي معاشي نڪته نظر سان اها ڪيفيت انتهائي وسيع پيماني تي هڪ وڏي پيداواري نقصان جو به اظهار آهي. ليبر ليڊرن جي ماضي جي توقع جي برعڪس، وسيع پيماني تي بيروزگاري ٻيهر ڪر ڪنيو آهي ۽ واپس آئي آهي ۽ اها سموري دنيا ۾ ڦهلجندي پئي وڃي ۽ قاتل ڪينسر وانگر سماج ۾ سرايت ڪندي پئي وڃي. سرمائيداري جو بحران براهِ راست نوجوانن کي پنهنجي خوني چنبن ۾ ڦاسائيندو پيو وڃي. هر ملڪ ۾ نوجوانن ۾ بيروزگاري جي شرح تمام گهڻي آهي ۽ اها وڌندي پئي وڃي. برطانيه ۾ شاگردن جا احتجاج نوجوانن جي سرڪشي، اسپين ۾ انڊگناڈوس

تحريڪ، يونان ۾ اسڪولن تي قبضا، ايسيتائين جو تيونس ۽ مصر ۾ انقلابي تحريڪن جي پٺيان ٻه اها ئي بيروزگاري نمايان عنصر هئي جتي تقريبن 75 سيڪڙو نوجوان بيروزگاري جو شڪار آهن. يورپ ۾ ٻه بيروزگاري ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. هن وقت اسپين ۾ انگن اکرن مطابق 27 سيڪڙو بيروزگاري آهي. جڏهن ته نوجوانن ۾ اها شرح خطرناڪ حد تائين 55 سيڪڙو آهي. يونان ۾ نوجوانن ۾ بيروزگاري جي شرح 62 سيڪڙو کان ڪنهن قدر ٻه گهٽ ڪونهي. هر ٽن منجهان ٻه نوجوان بيروزگار آهن. نوجوانن جي هڪ پوري نسل کي منافع خاطر ٻلي چاڙهيو پيو وڃي. اهي جيڪي اهو سمجهندا هئا ته اعليٰ تعليم حاصل ڪري ستو مستقل ناهيندا، انهن کي ٻه هاڻي خبر پئجي وئي آهي ته اهو رستو ٻه روڪيو پيو وڃي. برطانيه ۾ جتي اعليٰ تعليم مفت هوندي هئي، اتي هاڻي نوجوانن کي خبر پئجي چڪي آهي ته اعليٰ هنر سکڻ لاءِ کين هاڻي قرض وٺي ڪري پڙهڻو پوندو.

ٻي طرف اهي مزدور يا پورهيت جيڪي ريٽائرمينٽ کي پهچڻ وارا آهن کين اها سڌ پئجي چڪي آهي ته کين ايجان ٻه اڳتي ڪم ڪرڻو پوندو ۽ کين پينشن جي حاصلات لاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي جنهن سان اهي پوڙهائپ وارو وقت غربت ۽ تنگي ۾ گذارڻ تي مجبور ڪيا ويندا. اهڙي طرح اسان ڏسون ٿا ته نئين ۽ پراڻي نسل کي درپيش اذيتن سان گڏ عام ماڻهن جي وڏي اڪثريت کي اڄ سموري زندگي جي لاءِ عدم تحفظ جي احساس هيٺ دٻجي جيئرو رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي. قديم بورجوازي جي پيش ڪيل خاندان ۽ اخلاقيات متعلق قدرن جي منافقت هر طرف ۽ هر هڪ مٿان عيان ٿي چڪي آهي. بيروزگاري جي وبا، بي گهري، رت چوسيندڙ قرض ۽ انتها تي پهچندڙ سماجي اٽبرابريءَ هڪ پوري نسل کي اهڙي اٽاهه بيزاري ۾ ڌڪي چڏيو آهي جو خاندان جو تصور ئي مجروح ٿي رهجي ويو آهي. ان صورتحال ۾ هڪ اهڙي ڀيانڪ سماجيات پيدا ڪري ورتي آهي جو هڪ منظم غربت، بي يقيني، خود اذيتي ۽ مايوسي پري خوفناڪ شڪل اختيار ڪري چڪي آهي.

واڌو پيداوار جو بحران:

قديم يوناني ڏند ڪٿائي ڪهاڻين ۾ اسان کي هڪ ڪردار "پروڪرسٽس" جي نالي سان ملي ٿو جنهن جي هڪ عجيب و غريب عادت هئي ته هو پنهنجي گهر ايندڙ مهمانن جا هٿ، منڊي يا ٽنگون ڪٽي ونڊو هيو جن جو قدبت سندس مخصوص بستري کان وڏو هوندو هيو. اڄڪلهه سرمائيداراڻو نظام به "پروڪرسٽس" جو بستر بڻجي چڪو آهي. بورجوازي پيداواري ذريعن کي منظم طريقي سان تباهه و برباد ڪري رهي آهي ته جيئن اهي سرمائيداراڻي نظام جي تنگ حدن ۾ فٽ رهن ۽ وڌن نه. هيءَ معاشي غنڊا گردي وسيع پيماني تي "وڏي چڏيو ۽ ساڙي چڏيو" جهڙي بدمعاشي سان هڪجهڙائي رکي ٿي. جارج سوروس ان حالت کي هڪ اهڙو وڏو لوهي بال قرار ڏي ٿو جنهن کي وڏين عمارتن کي ڪيرائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پرهتي رڳو عمارتون نه پيون ڍاڻيون وڃن، هتي ته سموريون معيشيتون ۽ رياستن جون رياستون برباد ڪيون پيون وڃن.

اڄ جو مقبول ترين نعرو "ڪٽوتيون" ۽ " معيارِ زندگي ۾ لاڻ" آهي. هر هڪ ملڪ ۾ بورجوازيءَ اهو جنگي طبل وڄايو آهي ته "اسان کي لازمي طور سرڪاري خرچن ۾ ڪٽوتيون ڪرڻ گهرجن. (ان جو مقصد سرڪاري عملدارن جي يا حڪمرانن جي خرچ ۾ لاڻ نه پر عوام کي ملندڙ بنيادي ضرورتن تي ٿيندڙ خرچ ۾ گهٽتائي آندي وڃي، جهڙوڪ تعليم، صحت وغيرهه مترجم)" سرمائيدارٽي دنيا جي هر ملڪ ۾ يلي اتي ساڃي ڏر جي حڪومت هجي يا "ڪاپي ڏر نام نهاد سڏجندڙ حڪومت (جيئن چين وغيرهه)، حقيقت ۾ سيئي هڪ ئي پاليسي کي اپنايو پيا اچن. هيءَ ڪنهن به هڪ يا ٻن مخصوص سياستدانن جي خواهش يا نااهلي جو نتيجو ڪونهي نه ئي ڪنهن جي غفلت يا بدعنواني ان پويان ڪارفرما آهي (بيشڪ ڪيترين ۽ تمام گهڻيون ان قسم جون شيون به موجود آهن) پر اهو سمورو انتشار ۽ خلقشار در اصل ان انڌپٽي جو سڏوسنهون ۽ مجموعي اظهار آهي جنهن جو سرمائيداراڻي نظام شڪار ٿي چڪو آهي. هي سڀ ڪجهه ان حقيقت جو اظهار آهي ته سرمائيداراڻو نظام پنهنجي آخري حدن کي پهچي چڪو آهي ۽ هي ماضي جيان پيداواري قوتن کي ترقي

ونرائڻ جي صلاحيت کان محروم بڻجي چڪو آهي. گوئٽي جي لفظن ۾ ته ان اهڙيون قوتون تخليق ڪري ورتيون آهن جيڪي هاڻي خود ان جي ڪنٽرول مان بہ ٻاهر وڃي چڪيون آهن. پر رياستي خرچ گهٽ ڪرڻ سان هي مسلسل طلب ۾ لاڙ پيدا ڪري رهيا آهن ۽ اهڙي طرح منڊي کي ڪٽيندا پيا وڃن ۽ اهو سڀ ڪجهہ هڪ اهڙي وقت ۽ اهڙين حالتن ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن بورجوا معاشي ماهر اهو تسليم ڪري رهيا آهن ته کين هن وقت عالمي سطح تي واڌو پيداوار (واڌو صلاحيت) جو سنجيده بحران درپيش آهي. اڄو اسان هڪ شعبي آٽو موبائيل جو ئي جائزو ونون ٿا.هي هڪ بنيادي شعبو آهي جو جو ان سان ٻيا وڏيڪ شعبہ سلهاڙيل ۽ وابسط آهن، جنهن ۾ استيل، پلاسٽڪ، ڪيميڪلز ۽ ايلڪٽرونڪس شامل آهن. هن شعبي جي عالمگير رسائي جي صلاحيت لڳ ڀڳ 30 فيصد آهي جنهن جو مطلب اهو آهي ته فورڊ، جنرل موٽرز في ايٽ، رينالٽ، ٽويوٽا ۽ ٻيا ادارا هڪ ئي ڏينهن جي نوٽس تي اڌ ڪارخانا بند ۽ اڌ ورڪ فورس کي فارغ ڪري سگهن ٿا پر ائين ڪرڻ باوجود بہ اهي سڀ ادارا گهربل شرح منافع تي پنهنجي ناهيل گاڏيل کي نہ ٿا کپائي سگهن. اهڙي ئي حالت ٻين شعبن جي بہ آهي. جيسيتائين ان واڌو صلاحيت جي مسئلي جو ڪو حل تلاش نہ ٿو ڪيو وڃي، موجوده بحران ڪنهن صورت ختم ٿيندي نظر نہ ٿو اچي. سرمائيدارن کي درپيش پريشاني کي آساني سان بيان ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن يورپ ۽ آمريڪا خريداري نہ ڪندا ته چين پيداوار جاري نہ رکي سگهندو ۽ جيڪڏهن چين پنهنجي پهرين واري پيداواريت کي برقرار نہ ٿو رکي ته برزايل، ارجنٽائن ۽ آسٽريليا جهڙا ملڪ پنهنجي خام مال جي کپت جاري نہ رکي سگهندا. سموري دنيا پاڻ ۾ ايڏو جڙيل آهي جو ڪنهن هڪ کي ڪنهن ٻي کان الڳ نہ ٿو ڪري سگهجي. يورو جو بحران آمريڪي معيشت تي اثر مرتب ڪندو جيڪو خود هڪ ڪمزور حالت ۾ آهي ۽ جيڪڏهن آمريڪا متاثر ٿي ٿو ته هو سموري عالمي معيشت کي ڏوڪي ڇڏيندو. تنهنڪري اسان ڏسون ٿا ته "گلوبلائيزيشن" هاڻي سرمائيداراڻي نظام جي عالمگير بحران جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي.

بيگانگي:

هڪ انتهائي حيران ڪندڙ ڏاهپ سان ڪميونسٽ مينيفيسٽو جا ليکڪ (مارڪس ۽ اينگلس) انهن حالتن جي نشاندهي ڪندي نظر اچن ٿا جنهن جو اڄ دنيا جي هر هڪ ملڪ جي پورهيت کي منهن ڏيڻو پوي ٿو:

"مشينري جي وڏڻ استعمال ۽ پورهئي جي ورهاست سبب پرولتاريہ جو ڪم پنهنجي انفرادي ڪردار کان محروم ڪيو ويندو آهي. جنهن جو نتيجو ڪم ساڻ ڪم ڪرڻ واري جي رغبت جي خاتمي جي صورت ۾ نڪرندو آهي. اهو مشين جو ئي هڪ پرزو بڻجي رهجي ويندو آهي. هي هڪ سڀ کان سادو سڀ کان بيزار ڪندڙ ۽ انتهائي آساني سان ميسر ايندڙ رويو هوندو آهي جيڪو کيس ملي ويندو آهي. ان باوجود ڪم ڪرڻ واري جي لاڳت محدود هوندي آهي ۽ اها صرف ايتري هوندي آهي جو جنهن جي ڀل تي هو بطور مزدور زندهه رهي سگهي ۽ پنهنجي نسل کي برقرار رکي سگهي. پر هڪ تيار جنس ۽ محنت جي قيمت، پيداوار جي لاڳت جي برابر هوندي آهي. توازن جي اعتبار کان، ڪم جي شدت جي دباءُ ۾ جيترو اضافو ٿيندو ويندو آهي، اوتري ئي اجرت ۾ لاٿ ٿيندي آهي. اهڙي ئي توازن ۾ مشينري ۽ پورهئي جي ورهاست ۾ اضافي ٿيڻ سان، انهيءَ تناسب سان ڪم ڪرڻ واري جي دباءُ ۾ بہ اضافو ٿيندو آهي، يلي پوءِ اهو ڪم جي وقت ۾ اضافي جي صورت ۾ هجي، هڪ مقرر ڪيل وقت ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي صورت ۾ هجي يا وري مشينري جي رفتار وڌائڻ جهڙي ٻين صورتن ۾ هجي."

اڄ آمريڪا جهڙي سڀني کان وڌيڪ ترقي يافتہ سرمائيداراڻي ملڪ جي بلڪل اهڙي ئي ڪيفيت آهي جهڙي مارڪس جي دؤر ۾ برطانيہ جي هوندي هئي. جيئن تہ اسان آمريڪا ۾ سرمائيداراڻي نظام جا سيئي عمومي خدوخال، صاف شفاف حالت ۾ ڏسي سگهون ٿا. گذريل ٽيهن سالن دوران آمريڪا ۾ ڪمپنين جي چيف ايگزيڪيٽيوز جي پگهارن ۾ 725 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. جڏهن تہ انهيءَ عرصي ۾ پورهيتن جي اجرتن ۾

صرف 5.7 سيڪڙو اضافو ٿيو. اهي چيف ايگزيڪيٽوز پنهنجي ماتحت ڪم ڪندڙن جي مقابلي ۾ 244 دفعا وڌيڪ پگهار کڻي پيا. وفاق جي سطح تي هن وقت گهٽ ۾ گهٽ اجرت 7.25 ڊالرز في ڪلاڪ مقرر ٿيل آهي. اڪنامڪ پاليسي ريسرچ جي مرڪز جي مطابق جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ اجرت کي، پورهيت جي پيداوار سان ڳنڍيو ويجي ته اها 2012ع ۾ وڌي ڪري 21.72 ڊالرز في ڪلاڪ تائين وڌي چڪي هجي ها. افراط زر کي جيڪڏهن سامهون رکيو وڃي اوسطاً هڪ مرد پورهيت آمريڪي جي اجرت حقيقت ۾ 1968ع ۾ ملندڙ اجرت کان به گهٽ آهي. ان اعتبار سان 2008ع کان پهرين سمورو عروج (Boom) حقيقت ۾ پورهيتن جي بدولت ئي ٻيڻل نظر اچي ٿو.

هينئر جڏهن لکين انسانن کي جبري طور هڪ اهڙي زندگي ۾ ڌڪي ڇڏيو ويو آهي جتي هو ڪجهه نه ڪري سگهڻ جي مسلسل جبر جي زد ۾ اچي چڪا آهن، اتي ئي لکين انسانن کي مجبور ڪيو ويو آهي ته اهي به ايسيتائين جو ٽي ٽي ملازمتون ڪري زنده رهڻ جي لاءِ جستجو ۾ لڳل رهن. اڪثر ماڻهو هفتي ۾ ست ڪلاڪ ۽ ڪٽي ڪٽي ته ان کان به وڌيڪ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ان اوور ٽائيم جو ڪين کو به اجرتي فائدو به ناهي ڏنو ويندو. 85.8 سيڪڙو مرد جڏهن ته 66.5 سيڪڙو عورتون چاليه ڪلاڪ في هفتي کان به وڌيڪ ڪري رهيا آهن. پورهئي جي عالمي اداري جي مطابق "آمريڪي پورهيت، جاپاني پورهيتن جي پيٽ ۾ 137 ڪلاڪ، برطانوي پورهيتن جي پيٽ ۾ 269 ڪلاڪ ۽ فرانسيسي پورهيت جي مقابلي ۾ 499 ڪلاڪ وڌيڪ ساليانو ڪم ڪن ٿا."

آمريڪي بيرو برائي ليبر اقتصاديات جي انگن اکرن مطابق:

"1950ع کان پوءِ آمريڪي پورهيت جي اوسط پيداواريت ۾ 400 فيصد اضافو ٿيو آهي. نظرياتي حساب سان اها ڳالهه هيئن ٿيندي ته ساڳيو ئي معيارِ زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پورهيت کي 1950ع جي مقابلي ۾ هڪ چوٿائي ڪم ڪرڻ گهرجي يعني 11 ڪلاڪ في هفتو يا وري معيارِ زندگي به چوٽو وڌڻ گهرجي. پر ان جي ابتڙ ٿيو اهو آهي جو اڪثريتي

پورهيتن جو معيارِ زندگي ڊرامي طور گهٽجي چڪو آهي. جڏهن ته ڪم سان وابسطه ذهني بوجهه ڪم دوران زخمي ٿيڻ يا بيمار ٿي پوڻ جي شرح ۾ به اضافو ٿيو آهي. ڊپريشن، خوڪشيون، طلاقون، گهريلو تشدد، قتل عام سميت ڪيتريون ئي بيون سماجي بيماريون هڪ وبا جيان ڦهلجي رهيون آهن. اهڙي ئي صورتحال برطانيه جي اندر به موجود آهي، جتي ٿيچر جي دؤر حڪومت ۾ 2.5 ملين صنعتي روزگار ختم ڪيا ويا هئا. ان باوجود به هتي 1979ع جي سطح جي شرح پيداوار قائم آهي. اهو حدف نئين مشينري لڳائڻ جي ڪري نه پر پورهيتن جو وڌيڪ استحصال ڪندي ممڪن بڻايو ويو آهي. 1955ع ۾ برطانوي ڊائريڪٽر جنرل آف هيلٿ ڪينيٿ ڪيلمين خبردار ڪيو هيو ته مستقل روزگار جي ختم ٿيڻ بعد ذهني دٻاءُ سان جڙيل بيمارين وبا وانگر تيزي سان ڦهلجي رهيون آهن."

طبقاتي جدوجهد:

مارڪس ۽ اينگلز ڪيمونسٽ مينيفسٽو ۾ هي خيال پيش ڪيو هيو ته "ڏسيل سموري انساني تاريخ ۾ هڪ مسلسل ۽ تواتر عنصر اهو هلندو پيو اچي ته سماجي ترقي، طبقاتي جدوجهد جي محتاج رهي آهي. سرمائيداراڻي نظام تحت ان جو وڏو ۽ سادو اظهار سماج جي هن وڏن ۽ متحارب طبقن جي واضح ورهاست منجهان ٿئي ٿو. گذريل ٻه سئو سالن جي صنعت ۽ ٽيڪنالوجي جي شاندار ترقي جي بدولت، معاشي طاقت قليل هٿن ۾ گڏ ٿيندي وئي آهي. ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي مقبول ترين فقرن مان هڪ هي آهي ته "هن وقت تائين انساني سماج جي سموري تاريخ، طبقاتي ڪشمڪش جي تاريخ آهي." هڪ وڏي عرصي تائين، ڪيترن ئي دماغن ۾ اها سوچ وڏي ويجهي رهي هئي ته مارڪس ۽ اينگلس جو پيش ڪيل اهو تصور متروڪ ٿي چڪو آهي. هي عالمي جنگ کان پوءِ طويل سرمائيداراڻي ڦهيلاه جي ڪري جديد صنعتي معيشتن ۾ روزگار جي ڪا ٻه قلت نه هئي، معيارِ زندگي ۽ سڌارن ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو، فلاحي رياستون نهي رهيون هيون، انهيءَ وقت ائين ئي لڳي رهيو ته طبقاتي ڪشمڪش ماضي جي ڪا شئي هوندي. مارڪس اڳڪٿي ڪئي هئي ته سرمائيداراڻي نظام جي ترقي آخرڪار سرمائي جي ارتڪاز جو سبب بڻجندي، هڪ طرف دولت جا بي تحاشا انبار ته ٻي طرف سماج جي ٻي حصي ۾ غربت، محروميءَ ۽ ناقابل برداشت محنت جي ارتڪاز جو ٻه سبب بڻجندي. ڪيترن ڏهاڪن کان بورجوا معاشي ماهر ۽ يونيورسٽين جا سماجياتي ماهر ان تصور کي ناڪارا قرار ڏيندي ان ڳالهه تي زور ڏئي رهيا هئا ته سماج هر گهڙي وڌ کان وڌ يڪ طبقاتي (هڪ طبقي وارو) ٿيندو پيو وڃي ۽ هاڻي هر ڪوئي مڊل ڪلاس ٿيندو پيو وڃي. پرهاڻي سندن اهي سموريون دعوائون هوا ۾ تحليل ٿي چڪيون آهن. بورجوا سماجياتي ماهرن جو اهو دليل ته پورهيت طبقو هاڻي وجود ئي نه ٿو رکي، سندن مٿان ئي ننول ڪندي چيڙائي رهيو آهي. گذريل ڪجهه عرصي دوران ڪم ڪندڙ ماڻهن جا اهم گروهه جيڪي پهرين پاڻ کي مڊل ڪلاس تصور ڪري رهيا هئا هاڻي

صنعتي مزدورن جي سطح تي اچي چڪا آهن. استاد، سرڪاري ملازم، بينڪن جا ننڍا ملازم ۽ ڪيترائي ٻيا ڪم ڪندڙ جهجهي تعداد ۾ هيٺين طبقي جي صفن ۾ شامل ٿيندا پيا وڃن. انهن مان ته ڪي هن نظام جي خلاف جذبي سان ڀرپور جدوجهد جي ميدان ۾ ٻه لهي چڪا آهن. اهو پراڻو منطق ته هن نظام ۾ هر ڪوئي ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ اهو ته اسان مڊل ڪلاس آهيون، اهو سڀ ڪجهه تازن رونما ٿيندڙ واقعن ۽ حالتن جي هٿان مڪمل طور تي رد ٿي چڪو آهي. برطانيه آمريڪا ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ گذريل ويهن کان ٽيهن سالن ۾ معاملا پنهنجي الٽ ۾ هلڻ شروع ٿي چڪا آهن. پهرين مڊل ڪلاس سان واسطو رکندڙ ماڻهو ان سوچ جا عادي ٿي چڪا هيا ته زندگي جو نظم و ضبط مختلف مرحلن ۾ گذرندو آهي ۽ هر ايندڙ مرحلو پهرين واري کان بهتر هوندو آهي، پر هاڻي ڪٿي ٻه اها صورتحال ناهي رهي. محفوظ ۽ مستقل روزگار هڪ خواب مثل ٻڌجي چڪو آهي. قديمي هلندڙ ڪاروبار ۽ پيشا هاڻي گم ٿيڻ شروع ٿي چڪا آهن ۽ وڏي عرصي واريون مستقل ملازمتون هاڻي ماضي جون يادون ٻڌجنديون پيون وڃن. ترقي جا بنياد اکڙي چڪا آهن ۽ اڪثر ماڻهن جي لاءِ مڊل ڪلاس طرزِ زندگي ۾ هاڻي ڪائي ڪشش باقي ناهي رهي. اڪثريتي عوام کي هاڻي بس روزانو جي بنياد تي رڳو جيئرو ئي رهڻو آهي کين سندن مستقبل بابت ڪا ٻه خبر ناهي ته اهو ڪيئن هوندو يا ڇا ٿيندو؟؟ جيڪڏهن ماڻهن وٽ ڪا ملڪيت آهي ٻه ته اها سندن جڳهن (گهرن) جي صورت ۾ آهي پر معيشت جي تنگ حالي جي ڪيفيت ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۾ گهرن جي قيمتن ۾ انتهائي لاٿ آئي آهي ۽ اها شايد ڪيترن ئي سالن تائين ائين ئي منجمند رهي. جائيداد جي ملڪيت تي مشتمل جمهوريت جو تصور هڪ سراب ٻڌجي چڪو آهي. هڪ آرامده ريٽائرمينٽ جي لاءِ مددگار مالي معاونت جو حامل اثاثو ٻڌجڻ بجاءِ، گهر تي مشتمل ملڪيت هڪ وڏو بوجهه ٻڌجي چڪي آهي. توهان پلي روزگار سان لڳل آهيو يا نه پر اوهان کي گهر لاءِ ورتل قرض ته بهرحال واپس ڪرڻو ئي ڪرڻو آهي. ڪيترا ئي ماڻهو ته انتهائي ڏکي صورتحال منجهان گذري رهيا

آهن. سندن قرض ايترو تہ وڌي ويو آهي جو اهو ادا ڪرڻ ئي ناممڪن ٿيڻ جي چڪو آهي. هڪ اهڙي نسل پيدا ٿي چڪي آهي ۽ جنهن ۾ هر ايندڙ ڏينهن سان اضافو ٿي رهيو آهي جيڪا قرضن جي غلامي ۾ جڪڙجي چڪي آهي. اها سرمائيداراڻي نظام جي تباهي ڦهلائيندڙ سفاڪيت آهي. بهرحال انهن مراعت يافتہ نوڪري پيشہ ماڻهن جي معيار زندگي ۾ بہ آيل لاٿ کين صنعتي مزدور جي صفن ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو آهي. تازو عوامي تحريڪن ۾ سماج جا اهي حصا (نوڪري پيشہ گروهہ) بہ شامل آهن جن پهرين ڪڏهن اهو سوچيو بہ ڪونہ هوندو تہ اهي هڙتالون ۽ مظاهرا ڪندا ايسيتائين جو ڪنهن يونين جو حصو ٿيڻ جندا. انهن ۾ استاد ۽ سول سرونٽس بہ شامل آهن. ايتري تائين جو انهن تازي طبقاتي جدوجهد ۾ وڌي چڙهي حصو ورتو آهي.

خيال پرستي ۽ مادیت پرستي:

آئيڊيلزم يا خيال پرستي جو طريقيڪار ان ڳالھ متعلق هوندو آهي تہ ماڻھو ڪڙي طرح سوچين ٿا ۽ پنھنجي متعلق چا ٿا چون. پر مارڪس وضاحت ڪئي تہ اهي خيال آسمان منجھان ناھن برسي پوندا پر ان جي نسبت، گھٽ يا وڌ، درست طور تي معروضي صورتحال، سماجي دباءُ ۽ ان تضادن جو اظھار هوندا آھن جيڪي انسان جي اختيار ۽ وس کان ٻاھر هوندا آھن. تاريخ پنھنجو اظھار "عظيم" انسانن، بادشاھن، سياستدانن يا فلسفين جي آزاد فڪر يا شعوري خواھشن جي تحت ناھي ڪندي پر ان جي برعڪس سماج جي ترقي جو دارومدار ان جي پيداواري ذريعن جي ترقي تي هوندو آهي. سرمائيداري ۾ اھا ترقي شعوري منصوبہ بندي جي پيداوار ناھي هوندي پر مزدورن جي محنت جي محتاج هوندي آهي.

مارڪس سوشلزم کي نئوس نظرياتي بنيادن تي اڏيو. تاريخ جي سائنسي ڄاڻ جي سمجھ جا بنياد، ڪنھن بہ صورت ۾ پاڻي ۾ ترندڙ پاچن، مسخ شده تصورن ۽ مزدورن جي ذھنن ۾ موجود مافوق الفطرت وھم وسوسن تي نہ پر حقيقي سماجي لاڳاپن تي قائم ٿيندا آھن. ان جو مطلب اھو ٿيو تہ تاريخ جي ھڪ مخصوص مرحلي تي پيداواري طريقن جي سياسي ۽ سماجي عنصرن سان گڏوگڏ گڏيل لاڳاپن جي باري ۾ درست ڄاڻ سان ئي ان جي شروعات ڪري سگھجي ٿي. ان کي مختصر طور تي تاريخي مادیت جي تجزيي جو طريقيڪار چيو وڃي ٿو. اڪثر ماڻھن کي ان نظريي سان تڪليف ٿيندي ت ھان سان تہ تاريخي طور عمل ۾ موجود قداور شخصيتن جي ڪردار جي نفي ٿئي ٿي. انھيءَ انداز ۾ ئي ڪليسا ۽ ان جا فلسفيانہ تشريح نگار، گليليو جي ان دعوا تي سخت ناراض ٿيا ھئا تہ سج زمين جي چوڌاري نہ پر زمين سج جي چوڌاري ڦيرو ڪٽي ٿي. ۽ وري پوءِ اھڙا ئي ڪجھ ماڻھو ھئا جن ڊارون مٿان حملا شروع ڪيا جڏھن ھن اھو چيو انسان ڪنھن ديوتا جي خصوصي پيداوار ناھي پر قدرتي انتخاب جي پيداوار آھي.

مارڪسزم ڪنھن بہ صورت ۾ تاريخ ۾ داخلي عنصر ۽ سماجي ترقي ۾ انسانن جي شعوري فعاليت جي اھميت جو انڪار نہ ٿو ڪري. فرد

پنهنجي تاريخ خود جوڙيندا آهن. پر اهو هو پنهنجي آزاداڻي خواهش ۽ شعوري ارادي تحت ناهن ڪندا. مارڪس جي لفظن ۾ ته:

"تاريخ ڪجھ بہ ناهي ڪندي، ان وٽ نہ ته جھجھي دولت هوندي آهي نہ ئي جنگيون ڪندي آهي. اهو انسان ئي هوندو آهي، حقيقي انسان، جو اهو سڀ ڪجھ ڪندو آهي. اهو ئي ملڪيت رکندو آهي ۽ اهو ئي جنگ ڪندو آهي. تاريخ ڪنهن بہ صورت ۾ انسان کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ناهي ڪندي تاريخ، انسان جي پنهنجي مقصدن جي حصول جي جستجو جي سرگرمي کانسواءِ ڪجھ بہ ناهي." (مارڪس ۽ اينگلس .مقدس خاندان)

مارڪسزم جيڪو ڪجھ ڪندو آهي اهو صرف ايترو آهي ته فرد جي ڪردار کي انهيءَ طرح بيان ڪندو آهي جيئن سماج ان کي ڏنو هوندو آهي ۽ جيڪو آخرڪار هڪ مخصوص طبقي جي مفادن جي نمائندگي ڪندڙ هوندو آهي. خيالن ۽ تصورن جو ڪو بہ الڳ وجود ناهي هوندو. جرمن آئيڊيالوجي ۾ مارڪس لکي ٿو ته "زندگي جو تعين شعور سان ناهي هوندو پر شعور جو زندگي سان ٿيندو آهي." ماڻهن جا فڪر ۽ افعال سماجي لڳ لاڳاپن سان مشروط هوندا آهن جن جي ارتقا ڪنهن بہ طرح فردن جي ذاتي خواهشن جي تابع ناهي هوندي پر اها مطلق قانونن جي تحت نھندي ڏھندي آهي ۽ جيڪي آخري تجزيي ۾ پيداواري قوتن جي ترقي جي عڪاسي ڪندڙ هوندا آهن. انهن عنصرن جي وچ ۾ گڏيل لاڳاپن جو ڳنجوڙ هڪ اهڙي الجميل انداز ۾ پويل هوندو آهي جنهن کي ڏسي سگھڻ اڪثر مشڪل هوندو آهي. انهن لاڳاپن جو مطالعو ئي مارڪسزم جي تاريخ بابت نظريي جو بنياد آهي. اچو اسان هتي هڪ مثال پيش ڪريون ٿا. برطانوي انقلاب جي وقت اوليور ڪرامويل کي پختو يقين هو ته هو فرد جي حق لاءِ وڙهي رهيو آهي ته جيئن خداوند کان پنهنجي ضمير جي مطابق ڪجھ ڪهي سگھي. پر تاريخ جي پنهنجي پيش رفت اهو ثابت ڪيو ته ڪرامويل جو انقلاب، برطانوي بورجوازي جي طاقت ۾ اڇڻ لاءِ ناقابل

مزاحمت اڳيرائي ثابت ٿيو. سترهين صدي ۾ برطانيہ ۾ پيداواري قوتن جي ترقيءَ ٻيو ڪو نتيجو پيدا ئي نہ ٿيڻ ڏنو.

1789_93ع جي عظيم فرانسيسي انقلاب جي اڳواڻن "آزادي، برابري ۽ اخوت" جي نعري تحت پنهنجي ويڙهہ وڙهي هئي. ڪين پوروپرو سو هيو تہ اهي انصاف ۽ دليل جي آفاقي قانون لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. پر پنهنجي تصورن ۽ ارادن جي برعڪس جيڪوبنز(Jackobins) فرانس ۾ بورجوازي حڪمراني جي لاءِ فضا هموار ڪري رهيو هيو. سماجي ارتقا جي ان مقام تي ٻيو ڪوئي حل ممڪن ئي نہ هيو.

مزدور تحريڪ جي نڪتہ نظر کان مارڪس جي عظيم خدمت اها آهي تہ هو پهريون شخص هيو جنهن اها وضاحت ڪئي تہ سوشلزم رڳو هڪ سنو نظريو ئي نہ پر سماجي ارتقا جو هڪ ضروري نتيجو بہ آهي. مارڪس کان پهرين سوشلسٽ مفڪرن ۽ يوٽوپيائي سوشلسٽن اهڙا آفاقي قانون دريافت ڪرڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن سبب انساني عقل ۽ دانش کي طبقاتي سماج جي اٽبرابري تي فتح حاصل ٿي وڃي. ان لاءِ ضروري هو تہ هڪ اهڙو تصور پيدا ڪجي جنهن کانپوءِ اهڙا سڀ مسئلا حل ٿي وڃن. اهو هڪ خيال پرستاڻو نقطہ نظر آهي. يوٽوپيائي سوشلسٽن جي ابتڙ مارڪس ڪڏهن بہ عمومي سماجي قانونن جي دريافت جي ڪوشش نہ ڪئي. هن هڪ مخصوص سماج يعني سرمائيداراڻي سماج جي حرڪت جي قانون جو تجزيو ڪيو ۽ وضاحت ڪئي تہ ان کڻڻي نموني جنم ورتو کڻڻي طريقي اهو پروان چڙهيو ۽ ڪيئن اهو هڪ مخصوص مرحلي تي پهچي ڪري ختم ٿي ويندو. ان عظيم ڪم کي مارڪس پنهنجي شاهڪار ڪتاب "سرمايو" جي ٽن جلدن ۾ بيان ڪيو.

مارکس ۽ ڊارون:

چارلس ڊارون پنهنجي جبلت ۾ مادیت پرست هيو جنهن وضاحت ڪئي ته مختلف انواعن جي ارتقا فطري ماحول جي اثرن جي نتيجي ۾ ٿي آهي. ڪارل مارڪس وضاحت ڪئي ته انساني نسل جي ارتقا هڪ اهڙي "مصنوعي" ماحول مان ٿي آهي، جنهن کي سماج چئجي ٿو. ٻنهي ڳالهين ۾ هڪ پاسي اهو فرق آهي ته فطرت جي نسبتن سادگي جي مقابلي ۾ انساني سماج جو ڪردار نهايت پيچيده آهي. ٻيو فرق هي آهي ته انساني سماج ۾ تبديلي جو عمل، فطري انتخاب جي ارتقائي عمل جي انتهائي غير معمولي سست روي جي مقابلي ۾ انتهائي تيز رفتار هوندو آهي. پيداوار جي سماجي لاڳاپن جي بنياد تي ئي پر پيچ قانوني ۽ سياسي شڪليون پنهنجي نظرياتي، ثقافتي ۽ مذهبي عڪاسي سان گڏ بيٺل هوندیون آهن. صورتن ۽ نظرين جي ان پيچيده ڊانچي کي ڪافي دفعا سماج جو مٿيون ڊانچو (Super Structure) ۽ قرار ڏنو ويندو آهي. جيئن ته اهو ۽ سدائين معاشي بنيادن تي ئي بيٺل هوندو آهي، پر هي مٿيون ڊانچو معاشي بنيادن کان مٿي اٿندو ويندو آهي ۽ پوءِ ان تي قابض ٿي ڪري سڀ ڪجهه ڪرڻ لڳندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته فيصلائتي انداز ۾ ڪندو آهي. بنياد ۽ مٿين ڊانچي جي وچ ۾ اهو جدلياتي لاڳاپو انتهائي پيچيده هوندو آهي ۽ اهو هميشه واضح ۽ چٽو ۽ ناهي هوندو. پر آخري تجزيي ۾ معاشي بنياد ئي فيصلائتو ثابت ٿيندا آهن. ملڪيت جا رشتا ئي طبقن جي وچ ۾ لاڳاپن جو قانوني اظهار ٿيندا آهن. پهرين ته اهي لاڳاپا، پنهنجي قانوني ۽ سياسي اظهار ۾، پيداواري قوتن جي ترقي ۾ مدد فراهم ڪري رهيا هوندا آهن، پر پيداواري قوتن جي ترقي، مروجه ملڪيت جي رشتن جي طئ ٿيل حدن کي سامهون ڪٽي ايندا آهن. بعد ۾ پيداواري قوتن جي ترقي جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ اتي ئي ڪٽي اهو مرحلو موجود هوندو آهي جتان اسين انقلاب جي دور ۾ داخل ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهيون.

خيال پرست انساني شعور کي سيني انساني افعالن جو محرڪ سبب ۽ تاريخ جو جذبو قرار ڏيندا آهن، پر سموري انساني تاريخ اهو ثابت ڪري ٿي ته اها ان جي بلڪل ابتڙ ۽ مختلف آهي. عام طور تي انساني

شعور ترقي پسند يا انقلابي ناهي هوندو. واقعن جي، عمل جي معاملي ۾ هي گهٽو سست ۽ انتهائي قدامت پسند هوندو آهي. اڪثرماڻهو تبديلي کي پسند ناهن ڪندا. تبديلي جي ان موروثي خوف جون پاڙون اجتماعي نفسيات ۾ نهايت گهرائي تائين ڪتل هونديون آهن. هي ان دفاعي ميڪينزم جو حصو آهي جيڪو نوع انساني جي قديم ماضي سان جڙيل هلندو پيو اچي. هڪ عمومي اصول طور تي اسان چئي سگهون ٿا ته سماج ان وقت تائين اڳتي قدم ناهي وڌائيندو جيسيتائين ڪين نهايت ضرورت جي دٻاءُ تحت مجبور نه ڪيو وڃي. جيتري حد تائين به ۽ جيسيتائين به ممڪن هوندو آهي فرد، پراڻي نظرين سان چنبڙيل رهندي، ان تي بغير غور فڪر جي، مروج طريقن سان ٽوري گهٽي تبدلين سان نڀيل ٽڪيل يا اڳ ڏسيل رستن تي هلندا رهندا آهن. جهڙي ريت ڪنهن مشينري ۾ موجود توانائي پنهنجو ڪم ڪندي رهندي آهي اهڙي ريت ئي روايتون، عادتون ۽ يڪسانيت انساني ذهن مٿان وڏو بوجھ هوندي آهي. ان جو مطلب هي آهي ته سماج تي حاوي نظريا واقعن کان گهٽو پوئتي هلندا رهندا آهن. ان نظرياتي جمود کي ٽوڙڻ لاءِ ڏماڪيدار واقعن جي ضرورت هوندي آهي. جنهن کانپوءِ ئي ماڻهو مروج نظام، ان جي نظرين ۽ ان جي قدرن جي باري ۾ سوچڻ ۽ ڪرڻ شروع ڪندا آهن. اهو سمورو انقلاب يا تبديلي ان حقيقت کي ظاهر ڪري رهيو هوندو آهي ته معاشي ترقي ۽ موجود سماجي ڍانچي جي وچ ۾ پلجندڙ تضاد، هاڻي ناقابل برداشت ٿي چڪا آهن. اهو مرڪزي تضاد صرف ان صورت ۾ ختم يا حل ڪري سگهجي ٿو مروجہ نظام کي ڍاهي پٽ ڪري ان جي جڳهہ تي نوان سماجي لاڳاپا قائم ڪيا وڃن جن جي مدد سان معاشي بنيادن کي مٿين ڍانچي سان هڪجهڙو ڪيو ۽ رکيو وڃي. هڪ انقلاب دوران سماج جي معيشت کي بنيادي نوعيت جي تبديلي جي عمل مان گذرڻو پوندو آهي. ان کانپوءِ قانوني ۽ سياسي مٿيون ڍانچو هڪ ڪامل ۽ موثر تبديلي منجهان گذرندو آهي. هر معاملي ۾ نوان ۽ اعليٰ پيداواري لاڳاپا سماج جي ڪک مان جمندا ۽ واڌ ويجهہ ڪري چڪا هوندا آهن ۽ اها گهرج ڪرڻ لڳندا آهن ته نئين سماجي نظام جي فوري ضرورت کي يقيني بڻايو وڃي.

تاريخي مادیت:

مارکسزم ان لکیل جوهر جو تجزیو کندو آهي جیکو اوائلي قبائلي سماج کان ویندي اڄوکي موجوده جدید سماج جي ترقي جي پویان کارفرما رهندو پیو اچي. ان وڙ وکڙن واري رستي جي ڳولها کرڻ وارو طریقیکار تاریخ جي مادي تعبیر چورائي ٿو. هي سائنسي طریقیکار اسان کي تاریخ کي سمجهڻ جي سڌ فراهم کري ٿو پر هي کو تاریخ کي بي ربط ۽ اڻ ڏٺل واقعن جو سلسلو نہ ٿو سمجهي پر ان کي هڪ قابل فهم ۽ مربوط عمل جي طور تي پرکي ٿو. هي عمل ۽ ردعمل جو هڪ اهڙو سلسلو اهي جیکو سیاست، معیشت سمیت سماجي ترقي جي کلي طرز جو احاطو کندو آهي. انهن سمورن لڳاڻن جي وچ موجود پیچیده جدلیاتي لاڳپن کي سمجهڻ ئي تاریخي مادیت جو کم آهي. " رومن سلطنت جو زوال ۽ انهدام" جي مصنف ۽ عظیم برطانوي مورخ ایڈورڈ گبن لکیو تہ انساني تاریخ نسل انساني جي بیوقوفین، ڏوهن ۽ بدقسمتن جو هڪ ننڍڙو کتابچو آهي." تاریخ جي جدید ترین مابعدالجدید (Post Modernist) تشریح بہ پنهنجي حقیقت ۾ کجهہ نئون ناهي بیان کري سگهي ۽ هینئر تائین ڳالهہ اتي جو اتي آهي جنهن مطابق تاریخ محض "بیان کیل ڳالهین" جو غیر مربوط سلسلو آهي جنهن جو کوئي نامیاتي ربط ناهي ۽ جیکا اندروني معني ۽ منطق کان محروم آهي، کنهن بہ سماجي نظام کي هڪ بي کان بهتر یا بدتر نہ ٿو قرار ڏئي سگهجي ۽ ترقي یا بدحالي جو کوئي سوال ئي پیدا نہ ٿو ٿي. مابعدالجدید نقطہ نظر جي مطابق تاریخ اتفاقي واقعن یا حادثن جي بي معني ۽ ناقبل سمجهہ سلسلن کان سواءَ کجهہ بہ ناهي. اها کنهن قاعدي قانون تحت تہ هوندي ناهي جو اسان ان جي تشریح کري سگهون. انکري ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي کوشش کرڻ بیکار آهي. ان تصور تحت هڪ تغیر جیکو سامهون آیو آهي ۽ جیکو کجهہ علمي حلقن ۾ نهایت مقبول بہ آهي، اهو هي تہ کلچر ۽ سماجي ترقي جي اعلیٰ یا کمتر صورتن جهڙي کائي شئي ٿیندي ئي کونهي. سندن (پوسٹ ماڈرنسٹن) دعویٰ آهي تہ اهڙو کجهہ

هوندو ئي ڪونهي جنهن کي ترقي چيو ويندو آهي. سندن مطابق اهو اٽوبهين صدي جو هڪ فرسوده نظريو آهي جنهن کي وڪٽورين لبرلز فيبئن سوشلسٽن ۽ ڪارل مارڪس مقبول بڻايو.

تاريخ ۾ ترقي جو اهو انڪار زوال جو شڪار ان بورجوازي نفسيات کي ظاهر ڪري ٿو جيڪا سرمائيداراٽي نظام جي زوال جو نتيجو آهي. اها نفسيات ان حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿي ته سرمائيداراٽي نظام جي تحت ترقي جو عمل پنهنجي حدن کي پهچي چڪو آهي ۽ اهو هاڻي هر شئي کي تباهه و برباد ڪرڻ واري حد تي پهچي چڪو آهي. بورجوازي ۽ سندس نمائنده دانشور ان ڳالهه کي سمجهڻ ۽ تسليم ڪرڻ جا اهل ئي ناهن. لينن هڪ دفعي چيو هيو ته "هڪ ڪڏ جي ڪناري بيٺل فرد عقل ۽ فهم کان عاري ٿي ويندو آهي." ان باوجود کين حقيقي صورتحال جو ڪجهه زرو پرزو عڪس ضرور ڏسڻ ۾ اچي پيو ۽ اهي پنهنجي نظام مٿان طاري ٿيل مايوسي جي حوالي سان هيڏانهن هوڏانهن کان جواز ۽ دليل ڳولهڻ جي جستجو ۾ لڳا پيا آهن. انهيءَ خطا ٿيل حوصلي واري صورتحال ۾ هو ترقي جي امڪان جي تصور کي مڪمل طور رد ڪرڻ تي ڳنڍ ڏئي بيهي رهيا آهن. ترقي جو تصور سندن شعور ۾ ان حد تائين مبهم ٿي چڪو آهي جڏ اهو ڪو ڪنهن ۾ دنيا جو قصو هجي. ايسيتائين جو اسٽيفن جي گولڊ جهڙي مايا ناز مفڪر (جنهن Dialectical Punctuated Equilibrium جي ٿيوري ان تصور کي ئي بدلائي ڇڏيو ته ارتقا محسوس شده ٿيندي آهي) دليل ڏيندي ارتقا جي ڏس ۾ هيٺان کان مٿائين طرف ترقي جو تصور ئي غلط آهي ته جيئن مائڪروبز (Microbes) (هڪ خليي يا ان کان به گهٽ تي مشتمل جاندار جن کي مائڪرو اسڪوپ سان ڏسي سگهجي) کي ان سطح تي وڌي وڃي سگهجي جتي انسان هوندا آهن. هڪ حوالي سان اها ڳالهه درست به آهي ته سڀ جاندار شيون هڪ ٻي سان جڙيل آهن. انساني جينوم ان ڳالهه کي واضح انداز ۾ ثابت به ڪري ڇڏيو آهي ته نسل انساني ڪنهن قادر مطلق جي تخليق ناهي پر ارتقا جي پيداوار آهي ۽ نه ئي اهو درست آهي ته ڪو ارتقا ڪنهن عظيم منصوبي (Grand

(Design) جي هڪ شڪل سمجهي وڃي ٿو جنهن جو مقصد اسان جهڙي مخلوق جي تخليق ڪرڻ هيو. پر هڪ غلط تصور کي رد ڪندي اهو لازم ناهي هوندو ته اسان ڪنهن بي انتها تي پڃي وڃون ۽ وڏيڪ غلطيون سرزد ڪندا وڃون. سوال اهو ناهي ته اوهان ڪنهن قدرتي قسم جي منصوبي کي تسليم ڪريو ٿا، خواه ان جو تعلق ڪنهن آسماني مداخلت سان آهي يا علم توافق (Teleology) سان. پر اهو ضرور واضح آهي ته ارتقائي قانون فطرت جي ميراث هوندا آهن ۽ اهي درحقيقت زندگي جي سادي صورتن کي نهايت پيچيده صورتن ۾ ترقي کي متعين ڪندا آهن. زندگي جون ابتدائي ترين شڪيلون مستقبل جي سمورن ترقي جي امڪانن کي پنهنجي ڪڪ ۾ سمائي رکنديون پيون اچن. ان ڳالهه جي وضاحت ممڪن آهي ته اکين، جنگهن ۽ ٻين عضون جي ترقي کيئن ٿي، ان لاءِ ڪنهن تقديري منصوبي جي ذڪر جي ب ضرورت ناهي. هڪ مخصوص مرحلي تي پهچندي اسان هڪ مرڪزي اعصابي نظام ۽ ذهن سان طاقتور ٿيندا آهيون. آخرڪار اسان هومو سيپئينز (Homo Sapiens) تائين پهچندي انساني شعور جي منزل کي ماڻي ونندا آهيون. اتي پهچي مادو پاڻ بابت باشعور بڻجي ويندو آهي. غيرنامياتي مادي منجهان نامياتي مادي (زندگي) تائين جي ترقي جي عمل ڪانپوءِ اهو سڀ اهم ترين انقلاب آهي.

پنهنجي ناقدين کي خوش ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجي نقطه نظر منجهان هڪ خلاصو پيش ڪرڻ چاهيون ٿا. بيشڪ مائڪروبز جيڪڏهن پنهنجو کو نقطه نظر پيش ڪرڻ جي اهليت رکي ها ته شايد هو نهايت ئي سنجيده اعتراض ۽ سوال اٺاري ها. پر چو جو اسان انسان آهيون انڪري اسان لازمي طور شين کي ان طريقي ڏسون جهڙي نموني اهي هڪ عام انساني اک ذريعي نظر اچن ٿيون ۽ اسان اهو اصرار ڪريون ٿا ته ارتقا دراصل زندگيٰ جي سادي صورتن کان نهايت پيچيده ۽ مختلف طرز صورتن جي طرف ترقي کي پيش ڪري ٿي، ٻين لفظن ۾ زندگي جي هيئان کان مٿين ۽ اعليٰ صورتن طرف ترقي. ان قسم جي ترتيب تي اعتراض ڪرڻ ڪنهن حد تائين بي تڪو ۽ سائنسي بجاءِ دانشوراڻو لڳي ٿو. تنهنڪري اهو سڀ

ڪجهه بيان ڪرڻ جو هرگز اهو مطلب نه ورتو وڃي مائيڪروبز جي خلاف ڳالهايو پيو وڃي. جيڪو بهرحال اسان کان ڪنهن قدر وڌيڪ عرصي تائين موجود رهيو ۽ جيڪڏهن سرمائيداراڻي نظام کي پاڻون پٽي ڦٽو نه ڪيو وڃي ته شايد اهو ئي هجي جنهن کي آخري ٽهڪ ڏيڻ جو موقع ميسر ٿي.

تاريخ جون محرڪ قوتون:

پنهنجي ڪتاب سياسي معاشيات تي تنقيد (The critique of political Economy) ۾ مارڪس پيداواري قوتن ۽ مٽين ڏانچي جي وچ ۾ لاڳاپن جي هيٺين طرح نشاندهي ڪئي آهي:

"پنهنجي پيدا ڪيل سماجي پيداوار کانپوءِ انسان اهڙن لاڳاپن سان جڙي ويندو آهي جيڪي ان جي خواهشن کان آزاد ۽ صادق هوندا آهن. اهي پيداواري رشتا، مادي پيداواري قوتن جي ترقي جي هڪ يقيني مرحلي جي نشاندهي ڪري رهيا هوندا آهن. مادي زندگي ۾ پيداواري طريقا ئي زندگي جي سماجي، سياسي ۽ روحاني پاسن جو تعين ڪندا آهن. اهو انسانن جو شعور ناهي هوندو جيڪو ان جي وجود جو تعين ڪندو آهي پر ان جي برعڪس انهن جو سماجي وجود ان جي شعور جو تعين ڪندو آهي."

جيئن ته مارڪس ۽ اينگلز نهايت تڪليف منجهان اهو لکيو هيو ته تاريخ ۾ حصو ڳنڍيندڙن کي شايد ان ڳالهه جو پوري طرح ادراڪ نه هيو ته اهي ڪهڙا محرڪ آهن جيڪي کين سرگرم رکن ٿا، پلي پوءِ اسان انهن متعلق اهڙا تهڙا ڪهڙا به دليل يا جواز تلاش ڪندا رهون پر انهن محرڪن جو وجود هيو ۽ ان جي حقيقي دنيا ۾ بنيادون به هيون.

جيئن ته چارلس ڊارون وضاحت ڪئي آهي ته انواع دائمي ناهن هوندا پر انهن جو هڪ ماضي، حال ۽ مستقبل به هوندو آهي ۽ اهو به ته اهي بدلجندا ۽ ترقي ڪندا رهن ٿا، اهڙي ريت مارڪس ۽ اينگلس به چيو ته هڪ موجود سماجي نظام به حتمي يا دائمي ناهي هوندو. اهو ئي هر دؤر جو تصور هلندو پيو اچي. هر سماجي نظام اهو سمجهي هلندو پيو اچي ته

صرف اهو ئي انسانن جي زندھ رھڻ جي اڪيلي ممڪن صورت آھي. ان جا ادارا، ان جو مذھب، ان جي اخلاقيات ئي حرف آخر آھي. آدم خورن کان ويندي مصري پادرين تائين ۽ ميري انتوينت (Marie Antoinette) کان ويندي روس جي زار تائين سڀني جو اهو ئي ڪامل ايمان هيو. اڄ بورجوازي ۽ ان جا حمايتي ٻه ان قسم جومظاهرو ڪندي نظر اچن ٿا ۽ اسان کي معمولي تسلي ٻه ڏيندي بغير اهو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ "فري انٽرپرائزز" جو نظام واحد ممڪن نظام آهي، اهو يقين ڏيارڻ جي شدت سان ان وقت ڪوشش ڪئي پئي وڃي جڏھن هي نظام ٻڏڻ ڪنڌي تي پھتو آهي.

اڄڪلھ ارتقائي نظريي کي گھٽ ۾ گھٽ پڙھيل لکيل حلقن ۾ عمومي مقبوليت حاصل ٿي رهي آهي، ڀارون جي نظرين جيڪي سندس دؤر ۾ انقلابي سمجھيا پئي ويا، ھاڻي انھن کي الهامي سمجھيو پيو وڃي. تنھنڪري ارتقا کي عام طور ھڪ اھڙو سست مرحليوار عمل سمجھيو ويندو آهي جنھن ۾ ڪي ٻه مداخلتون يا سرڪشيون رونما ناھن ٿيندیون. سياست ۾ ان قسم جي منطق کي وڏي پيماني تي اصلاح پسندي جي لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، بدقسمتي سان هي غلط فهمي تي مبني آهي. اڄ ٻه ارتقا جي حقيقي ميڪنيزم جو معاملو اھڙو ئي آهي جيئن ھڪ ڪتاب ستن صندوقن ۾ بند هجي. اها ڳالھ ڪجھ حيران ڪندڙ آ تہ ڀارون کي خود ٻه ان ڳالھ جي سمجھ نہ آئي. ڏھارو سال کن يا ان کان ڪجھ وڌيڪ عرصو گذريو هوندو جو جڏھن استيفين جي گولڊ جنھن جو مٿي اسان پھرين ذڪر ڪري چڪا آهيون، علم ارضيات ۾ جديد کوجنائون ڪيون جن منجھان اهو ثابت ٿيو تہ ارتقا ھڪ تدريجي عمل ناهي. اھڙا ڪيترا ئي عرصا گذري چڪا آهن جن دوران ڪي ٻه تبديليون مشاهدي ۾ نہ آيون، پر انهيءَ دوران ھڪ مخصوص مرحلي تي ارتقا جو هي خط ھڪ ڏماڪي سان ڦاٽي پوي ٿو. ان ۾ اهو حقيقي حياتياتي انقلاب ٻه شامل آهي جنھن دوران ڪيترائي انواع وڏي پيماني تي نيست و نابود ٿي ويا جڏھن تہ ڪجھ تيزي سان ايري ڪري سامھون ٻه آيا.

سماج ۾ فطرت جي وچ ۾ مطابقت بهرحال تخميني تي ئي مبني هوندي آهي. پر ان باوجود تاريخ جو مصنوعي ترين مشاهدو ۾ تجزيو اهو ئي ثابت ڪري ٿو ته تدريجي وضاحت قطعي بي بنياد آهي. سماج ۾ فطرت وانگر، سست ۾ تدريجي تبديلي جي هڪ وڏي مشتمل عرصي مان گذرندو آهي پر جنگين ۾ انقلابن جهڙن ڏماڪن سبب تبديلي جو عمل، شدت سان گڏ تيزرفتار ٿي ويندو آهي. حقيقت ۾ اها ئي آهي ته اهي واقعاتي عنصر ئي تاريخي ترقي جي محرڪ قوت جو ڪم ڏيندا آهن. انقلاب جو بنيادي سبب اها حقيقت هوندي آهي ته هڪ مخصوص سماجي معاشي نظام پنهنجي حدن تائين پڄي چڪو آهي ۽ اهو پهرين جيان پيداواري قوتن کي ترقي ونڌائڻ جي قابل ناهي رهيو.

تاريخ جون رنگينيون:

اهي فرد جيڪي انساني سماجي ترقي جي قانونن جا انڪاري هوندا آهن اهي چاهڻ نه چاهڻ باوجود تاريخ کي هڪ موضوعي ۽ اخلاقي نڪته نظر سان ڏسندا يا پرکيندڙ هوندا آهن. پر گبن وانگر (سندس غير معمولي صلاحيت کان قطع نظر) اهي سڀ فرد حيرانگي منجهان مٿو پٽيندي ان بيهوده وحشاڻي تشدد کي تڪيندا رهندا آهن جنهن جي دوران هڪ انسان بي انسان سان غير انساني رويو اختيار ڪندي نظر ايندو آهي. هڪ سائنسي نڪته نگاهه بجاءِ اسان کي هڪ فرد جي سوچ حاوي نظر ايندي آهي. ڇو جو معاملو اخلاقي نصيحت جي نه پر هڪ معقول بصيرت جي طلب رکي ٿو. هيڏانهن هوڏانهن جي حقيقتن يا ڳالهين کان قطع نظر ۽ بالاتر ٿي ڪري اهو لازمي آهي ته اهڙا وسيع النظر ۽ ڪشاده رجحان ڳولهجن جن سان هڪ منجهان بي سماجي نظام طرف تبديلي ممڪن ٿي سگهي ۽ اها بنيادي محرڪ قوت دريافت ڪري سگهجي جيڪا انهن تبديلين جو تعين ڪري سگهي. تاريخ متعلق، جدلياتي ماديت جي طريقيڪار جي استعمال ڪرڻ سان اها ڳالهه جلد آشڪار ٿي پوندي آهي ته انساني تاريخ پنهنجا مخصوص قانون رکي ٿي ۽ اهو به ته انساني تاريخ

کي هڪ جاري عمل طور ئي سمجھڻ ممڪن آهي. مختلف سماجي ۽ معاشي نظامن جي عروج ۽ زوال کي سائنسي طور تي ئي سمجھي سگھجي ٿو. ان سان اسان کي ان ڳالھ جي بہ سڌ پوي ٿي تہ انساني تھذيب ۽ ثقافت ڪھڙي نموني پروان چڙھي ۽ ڪيئن انسان فطرت تي قابض ٿي سگھيو. اڪثريت اهو سمجھي ٿي تہ سماج هميشہ کان بس ائين ئي هلندو پيو اچي ۽ اهو بہ تہ مذهب، اخلاقيات ۽ نظرياتي قدر حتمي ۽ ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندڙ آهن، انهن ڳالهين سان انساني فطرت کي بہ ڳنڍيو ويندو آهي. پر تاريخ متعلق ٿوري ڄاڻ بہ اهو ظاهر ڪري ٿي تہ اهي سمورا خيال غلط ۽ بي تڪا آهن. انفرادي ماڻهو وانگر سماج بہ پيدا ٿيندا، وڌندا، پنهنجي حدن تي پهچندي، بحرانن ۽ مسئلن جو شڪار ٿيندا آهن ۽ آخرڪار هڪ نئون سماج انهن جي جڳهہ ولاري وڃندو آهي.

آخري تجزيي ۾ ڪنهن بہ سماج ۽ معاشي نظام جي اهليت ۽ تعين ان طرفان پيداواري قوتن کي ترقي ڏيڻ واري صلاحيت ڪندي آهي. مذهب، سياست، فلسفو، اخلاقيات، مختلف طبقن جي نفسيات ۽ ليڊرن جي انفرادي خاصيتون جھڙا ٻيا ڪيترائي عنصر ان پر پيچ معاملي ۾ مداخلت ڪندا آهن، پر اهو سڀ خيال يا ڳالهيون آسمانن منجهان ناهن نازل ٿيندڙ پر انهن حالتن اندر وجود رکندڙ هونديون آهن جيڪي فرد جي خواهشن کان آزاد هونديون آهن. هڪ سماج جيڪر عروج جي حالت ۾ هجي، جيڪو پنهنجي پيداواري قوتن کي ترقي ڏيارينده هجي ۽ تهذيب توڙي ثقافت جي نون روشن پهلوئن ۾ وڌارو ڪندڙ هجي، اهو ان سماج کان بلڪل مختلف نفسيات جو مالڪ هوندو آهي جيڪو جمود ۽ زوال جي حالت ۾ پهچي چڪو هجي. تاريخي صورتحال ئي هر شئي جو تعين ڪندي آهي ۽ اها موجود اخلاقي صورتحال سان گڏوگڏ فرد جي مروج سياسي ۽ مذهبي ادارن جي متعلق روين تي بہ اثرانداز ٿيندي آهي ايستائين جو اها اڳواڻن جي انفرادي صلاحيتن کي بہ متاثر ڪندڙ هوندي آهي.

سرمائيداراڻي نظام پنهنجي عروج واري دؤر ۾ تمام گهڻا ۽ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. ان پيداواري قوتن کي غيرمعمولي سطح جي ترقي

ڏني جنهن جي مدد سان اهو ان قابل ٿي سگهيو جو انساني تهذيب جي سرحدن کي تمام گهٽو پوئتي ڇڏي ويو. ماڻهن اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته هن نظام اندر موجود سمورين ناانصافين ۽ استحصال باوجود هي سماج اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ ترقي ڪري پيو انهيءَ احساس هڪ عمومي رجائيت ۽ ترقي جي خيال کي لاڳو ڪيو جيڪو پراڻن لبرلز جي خاصيت هيو جن جو اهو پختو يقين ٻڌجي چڪو هيو ته اڄوڪو ڏينهن گذريل ڏينهن کان بهتر آ ۽ ايندڙ ڏينهن اڄوڪي ڏينهن کان وڌيڪ بهتر هوندو. پر اڄ هن نظام اندر اها ساڳي طاقت، ڪيفيت يا حالتون موجود ناهن. ترقي متعلق پهرين واري خوشفهمي، رجاعيت ۽ انڌي اعتماد جي جڳهه هاڻي اٿاه بدگماني ۽ مستقبل متعلق شديد مايوسيءَ ولاري آهي. هر طرف هر جڳهه ۽ هر سطح تي خوف ۽ عدم تحفظ جو اهو احساس ان حقيقت جي نفسياتي عڪاسي ڪري رهيو آهي ته سرمائيداراڻو نظام هاڻي ڪٿي بہ ڪو بہ ترقي پسنداڻو ڪردار ادا ڪرڻ جي اهليت کان مڪمل طور محروم ٿي چڪو آهي. 19 هين صدي ۾ لبرل ازم بورجوازي جي هڪ نظريي طور ترقي ڪئي ۽ جمهوريت لاءِ قدم کنيا، پر اڄوڪي دؤر ۾ نيولبرلزم صرف هڪ نقاب آهي جنهن جي پنيان انتهائي جابر استحصال جو مڪروه چهرو لڪيل آهي. هي نظام هينئر سموري دنيا جي زوري عزت لٽي رهيو آهي ۽ ايندڙ نسلن جي زندگين جي پرواهه بغير سموري ماحول کي تباهه ۽ برباد ڪريو رهيو آهي. وڏين وڏين ڪمپنين جي بوربڙ تي حاڪم ٻڌيا وينل فرد، جيڪي آمريڪا سميت سموري دنيا مٿان قابض آهن، سندن زندگي جو اول آخر مقصد امير کان امير ترين ٿيڻ آهي. وڏ کان وڏ ڦرلٽ ڪري، اثاثن کي هڙپ ڪندي، بدعنواني ذريعي، نجڪاري ذريعي عوامي ادارن کي وڪڻي ڪائي ڪپائي ۽ هر قسم جي طفيليت ذريعي هڪ گهري زوال جي حالت ۾ بورجوازي صرف اهي ئي ڪارناما نمايان طور سرانجام ڏئي رهيو آهي.

سماجن جو عروج ۽ زوال:

"هڪ سماج کان ٻي سماج تائين تبديلي جي عمل جو تعين هميشہ کان پيداواري قوتن جي ترقي ذريعي ٿيندو پئي آيو آهي، جيڪا ٽيڪنڪ ۾ پورهئي جي تنظيم سان ڳنڊيل هئي. هڪ خاص مقام تائين سماجي تبديليون پنهنجي ڪردار ۾ مقداري رهنديون آهن ۽ اهي سماج جي بنيادي يعني ملڪيت جي مروج صورتن کي ڪجهہ ٻ ناهن ڪنديون. پر آخرڪار اهو مرحلو اچي ويندو آهي جڏهن پختيون ٿي ويل پيداواري قوتون ملڪيت جي پراڻي صورتن جي اندر پاڻ کي موزون ناهن سمجهنديون، انهيءَ وقت سماجي بيهڪ ۾ بنيادي تبديلي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي، جيڪا سماج کي ڏوڪڙي جڏڻ جهڙن واقعن ۾ گهيلي ويندي آهي." (مارڪسزم اسان جي دؤر ۾: ليون ٽراٽسڪي. اپريل 1939ع)

سوشلزم کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هڪ عام دليل اهو ڏنو ويندو آهي تہ "انساني فطرت کي تبديل ڪرڻ سراسر ناممڪن آهي، ڇو جو ماڻهو فطري طور خود غرض ۽ لالچي وغيره وغيره هوندا آهن." حقيقت تہ اها آهي تہ انساني فطرت جهڙي ڪا مافوق التاريخ شئي ناهي ٿيندي، اسان جو چوڻ آهي تہ انساني فطرت، انساني ارتقا جي عمل دوران ڪيترائي ڀيرا تبديلي جي مرحلن مان گذري آهي. فرد مسلسل محنت جي ذريعي فطرت کي تبديل ڪندا رهن ٿا ۽ ائين ڪرڻ دوران هو خود ٻ تبديل ٿيندا آهن. جيسيتائين ان منتق جي ڳالهہ آهي تہ "ماڻهو فطري طور لالچي ۽ خود غرض هوندا آهن" تہ اها ڳالهہ انساني ارتقا جي عمل مان ئي مڪمل طور تي غلط ثابت ٿئي ٿي. اسان جا شروعاتي ابا ڏاڏا پوري طرح انسان نہ هئا ۽ باقي جاندارن جي ڀيٽ ۾ قد ڪاٺ ۾ ننڍا ۽ جسماني طور انتهائي ڪمزور ٻ هئا. سندن ڏند ۽ ٻانهون ٻ مضبوط نہ هيون. سندن جهڪيل پٺي ان طرف اشارو ڪري ٿي تهاهي پنهنجي شڪار کي پڪڑڻ يا وري ڪنهن موتمار جانور کان خود کي بچائڻ جيڪو خود کين کائڻ جي ڪوشش ۾ هوندو هيو کان بچڻ يا ڀڄي سگهڻ جهڙا نہ هئا. سندن دماغ جي سائيز ٻ چمپينزي جي دماغ جيتري هئي. شمالي ڪوريا جي ٻيلن ۾ گهمندڙ ڦرندڙ اسان جا ابا ڏاڏا ٻين جاندار

شين جي مقابلي ۾ ڪيترين ئي ڪمزورين ۾ وڪوڙيل هيا. سوائي هڪ بنيادي پهلو جي.

اينگلز پنهنجي شاندار مضمون "پولي کان انسان تائين جي سفر ۾ محنت جو ڪردار" ۾ لکي ٿو ته "بيهڻ واري سگهه يا حالت هٿن کي آزاد ڪيو جيڪي پهرين ان حالت ۾ هئا جو انهن سان وٽن تي چڙهڻ ۾ ٻيا ڪم ورتا ويندا هئا. پٽر جي اوزارن جي تخليق هڪ معياري چال ثابت ٿي جنهن اسان جي ابن ڏاڏن کي ارتقائي فوقيت سان همڪنار ڪيو. پر ان کان وڌيڪ اهم سندن گڏيل هجڻ، اجتماعي پيداوار ۽ سماجي زندگي جو مضبوط احساس هيو ان جي بدولت ئي زبان جي ترقي ممڪن ٿي. اسان جا ابا ڏاڏا، جن جي گڏجي شڪار ڪرڻ واري مجبوري، کين خوراڪ جي ڳولها ۾ هڪ هنڌان کان ٻي هنڌ هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪندي رهندي هئي، انهيءَ ڪري انساني ٻارن جي باقي جانورن جي اولاد جي ڀيٽ ۾ حد کان وڌيڪ ڪمزور هجڻ جي سبب سندن تحفظ جي لاءِ گڏيل جڙت ۽ يڪجهتي جي ضرورت کي جنم ڏنو ۽ اها ئي جڙت سندن قبيلي يا ڳوٺ جي تحفظ جو بنياد بڻي. اسان اهو انتهائي يقين وچان چئي سگهون ٿا ته تعاون ۽ يڪجهتي جي ان مضبوط احساس جي بغير نوع انساني پنهنجي پيدائش کان پهرين ئي معدوم ٿي چڪي هجي ها.

ان ڳالهه جو مشاهدو اڄ به ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن اڄ ڪٿي ڪو ٻار ٻڌندو هجي ته بيشمار ماڻهو پنهنجي زندگي جو سوچڻ بغير ان ٻار کي بچائڻ خاطر پاڻي ۾ ٽپو ڏيڻ ۾ دير نه ڪندا ۽ اهڙن واقعن ۾ ڪيترا خود ٻڏي مري ٻه چڪا آهن. ان کي نه ته ڪنهن وڏائي سان ڀيٽي سگهجي ٿو نه ئي ڪو قبائلي گروهه جي خون جي رشتن جي لاڳاپي سان جوڙي سگهجي ٿو. پر ائين ڪرڻ وقت اهي فرد اهو ناهن ڏسندا ته اهي ڪنهن کي بچائڻ ٻيا وجن ۽ نه ئي کين ڪنهن انعام اڪرام جي طلب هوندي آهي. اهو بغير لالچ وارو رويو خودرو هوندو آهي ۽ ان جون پاڙون گهڻو پراڻيون يڪجهتي واري جبلت ۾ پويل هونديون آهن. لبرلز جو اهو دليل ته ماڻهو فطري طور تي خود غرض هوندا آهن، انسانيت جي منهن تي توهين آميز چماٽ جيان آهي.

حقيقت ۾ اها سوچ سرمائيداراٽي سماج جي بدصورت ۽ انسان ڪش ويڳاٽپ جي عڪاسي ڪري ٿي. نوع انساني جي تاريخ جو هڪ وڏو عرصو اهو رهيو آهي جڏهن ماڻهو اهڙي سماجن ۾ زندگي بسر ڪندا هئا جنهن کي اڄوڪي جديد لفظن ۾ نجي ملڪيت کان بغير وارو سماج چئجي ٿو ڪا روڪ رقم نه هوندي هئي. ڪوئي مالڪ ڪوئي نوڪر نه هوندو هيو ڪوئي بينڪر يا ڪوئي جاگيردار نه هوندو هيو. نه رياست هئي نه منظم مذهب. نه پوليس ۽ نه ئي قيد خانو ايسيتائين جو موجوده دؤر جهڙو بيان ڪيل خانداني سسٽم به وجود ڪو نه رکندو هيو. اڄ اسان مان اڪثريت لاءَ اهڙي دنيا جو تصور به محال آهي ته جنهن ۾ اهڙو ڪجهه به نه هجي. اڄوڪيون اهي سڀ موجوده شيون اهڙي طرح فطري لڳن ٿيون ۽ محسوس ٿين ٿيون جڙ ڪي قادرِ مطلق جي جوڙيل عين قانونن مطابق هجن. جڏهن ته اسان جا ابا ڏاڏا انهن سيني شين بغير انتهائي سهڻي نموني سان معاملا هلائيندا رهيا آهن. اجتماعي شڪاري سماج کان مضبوط ۽ منظم زراعت ۽ هاريپي طرف اڳيرائي. پهريون عظيم سماجي انقلاب هيو جنهن کي عظيم آسٽريلوي آثارِ قديمہ جو ماهر ۽ مارڪس وادي "گورڈن چائلڊ" "نيوليٿڪ انقلاب" قرار ڏي ٿو. هُني هاري ڪرڻ لاءِ پاڻي جي ضرورت پوندي آهي. جڏهن اها خاص سطح جي بنيادي پيداوار کان اڳتي وڌندي آهي ته ان لاءِ آبپاشي. ڪوٽائي. ڊيم ٺاهڻ ۽ وڏي پيماني تي پاڻي جي رسد جي ضرورت پوندي آهي. اهي سڀ سماجي ذميواريون هونديون آهن. وڏي پيماني جي آبپاشي لاءِ وڏي پيماني جي نظام جي ضرورت هوندي آهي. ان لاءِ تمام گهڻن ڪم ڪندڙن ۽ هڪ اعليٰ قسم جي نظم و ضبط جي ضرورت هوندي آهي. پورهئي جي ورهاست پهرين به هارن جي پيدائش ۽ انهن جي پالنا جي بنياد تي صنفي بنياد تي پنهنجي ابتدائي شڪل ۾ هلندي پئي آئي. اها تقسيم هڪ وڏي پيماني تي ترقي ڪندي اڳتي وڌندي وئي. ٽيم جي شڪل ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٽيم ليڊرن. فورمينن ۽ نگراني ڪندڙ وغيره جي ضرورت هوندي آهي. ان سان گڏوگڏ اهڙن آفيسرن جي جي به جيڪي ايڈي وڏي منصوبي جي نگراني ڪري سگهن. ايڈي وسيع پيماني تي تعاون جي لاءِ منصوبہ بندي

سان گڏوگڏ سائنس ۽ ٽيڪنيڪ جي به ضرورت هوندي آهي. اهو سڀ ڪجهه انهن ننڍڙن گروهي قبيلن جي وس جي ڳالهه نه هئي جن قديم سماج جي مرڪز جا بنياد رکيا هئا. وڏي تعداد ۾ ڪم ڪرڻ وارن کي منظم ۽ متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت هڪ مرڪزي رياست جي قيام جو رستو هموار ڪيو جنهن جي هڪ مرڪزي انتظاميه ۽ فوج به هجي جيئن مصر ۽ ميسوپوٽيميا ۾ ٿيو. وقت جو استعمال ۽ حساب ڪتاب، پيداوار جو لازمي عنصر هئا ۽ اهي پنهنجي جوهر ۾ پيداواري قوت هئا. جيتوڻيڪ هيروڊوٽس مصر ۾ جاميٽري جي شروعات ڪئي هئي ته جيئن خالي زمينن جي سالياني بنيادن تي ٻيهر حدبندي ڪري سگهجي. لفظ جاميٽري جو مطلب به اهو ئي آهي ته زمين جي نه گهٽ نه وڌ پيمائش. ڪائنات، فلڪيات ۽ رياضي جي مطالعي مصر جي پادرين ۾ اها اهليت پيدا ڪئي ته اهي نيل دريا ۾ طغياني ۽ ٻيون اڳڪٿيون ڪري سگهن. جيتوڻيڪ معاشي سرگرمين سائنس جا بنياد وڌا. پنهنجي ڪتاب "مابعد الطبيعات" ۾ ارسطو بيان ڪري ٿو ته "انسان زندگي جي سهولتون فراهم ٿيڻ کانپوءِ سڀ کان پهرين پاڻ کي فلسفي ڪان روشناس ڪرائيندو آهي." ڪارل مارڪس کان 2300 سال اڳ ارسطو جا اهي لفظ، تاريخي مادیت جي دل جي آواز آهن.

امير ۽ غريب، حڪمران ۽ عوام، پڙهيل لکيل ۽ جاهل وچ ۾ فرق جو بنيادي سبب ذهني ۽ جسماني پورهئي جي ورهاست آهي. فورمين عام طور تي جسماني محنت ناهي ڪندو جيڪا هڪ توهين آميز تصور ڪئي ويندي آهي. بائيبل ۾ "ڪائيون ڪندڙ ۽ پاڻي پريندڙن" جو ذڪر آهي جن کي ثقافت کان ٻاهر ڏور رکيو يا پيش ڪيو ويندو هيو. ثقافت، جيڪا ڪيترن ئي پراسرار ۽ جادوئي پردن ۾ ويڙهيل سيڙهيل هوندي هئي ۽ جنهن جي رازن جي تحفظ جي ذميواري پادرين ۽ پروهتن پنهنجي ڪلهن تي کنئي هئي ۽ ان مٿان سندن ئي هڪ هٿي قائم هئي، هٿي اسان کي هڪ طبقاتي سماج جا واضح خدوخال نظر اچن ٿا. سماج استحصال ۽ نيم استحصال ڪندڙ ۾ ورهايل هيو. هر ان سماج ۾ جتي آرٽ، سائنس ۽ حڪومت تي چند فردن يا گروهن جي (اقليت) جي هڪ هٿي قائم هوندي

تہ اها اقليت پنهنجي پوزيشن کي پنهنجي مفادن جي پورائي لاءِ هر طريقي خواه اهو درست هجي يا غلط استعمال ڪندي. طبقاتي سماج جو اهو سڀ کان بنيادي راز آهي جيڪو گذريل 1200 سالن کان هلندو پيو اچي. ان دوران سماجي ۽ معاشي زندگي جي صورتن ۾ تمام گهڻيون بنيادي تبديليون ٻه رونما ٿيون آهن پر حاڪمن ۽ محڪومن، اميرن ۽ غريبن، ڦورن ۽ ڦرجندڙن جي وچ ۾ بنيادي تعلق ۽ رويو ساڳيو ئي هلندو پيو اچي. اهڙي طرح حڪومت ڪرڻ جون صورتون ٻه تبديل ٿيون آهن پر رياست جو ڪردار ساڳيو ئي رهيو آهي، اها جبر جو اوزار بڻي ۽ حڪمران طبقي جي حڪمراني جي اظهار طور موجود آهي. غلام داراڻي سماج جي عروج ۽ زوال بعد جاگيرداريءَ يورپ ۾ غلبو حاصل ڪيو ۽ بعد ۾ سرمائيداريءَ ان جي جڳهه ورتي. هالينڊ ۽ انگلي جي شهرن ۽ ننڍن علائقن منجهان اپريل شروعاتي سرمائيداري، 16هين ۽ 17 هين صدي ۾ هالينڊ ۽ برطانيه ۾ برپا ٿيندڙ سرمائيداراڻن انقلابن ۽ ان کان پوءِ فرانس جي 1789ع واري عظيم انقلاب بعد فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي. انهن سڀني تبديلين دوران ڪلچر، آرٽ، ادب، مذهب ۽ فلسفي ۾ تمام ڏور رس تبديليون رونما ٿيون.

رياست:

رياست جبر جو اوزار هوندي آهي. سماج کان مٿانهين هوندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي تيزي سان بيگانگي حوالي ڪندي ويندي آهي. هن طاقت جون پاڙون ماضي ۾ ڪتل آهن پر حالتن جي مناسبت سان ان جون صورتون بدلجنديون رهيون آهن. جرمن ۽ آمريڪي وڏڻ لاءِ ان جو ظهور جنگي نغارن سان ٿيو جيڪي جنگ جي قيادت ڪندڙن جي چوڌاري وڄيا پئي. اهڙو ئي ڪجهہ يونانين سان ٿيو جنهن جو احوال اسان کي هومر جي عظيم نظمن مان ملي ٿو. ان وقت صورتحال اها هئي تہ قبائلي سردارن کي پنهنجي ذاتي بهادري، ڏاهپ ۽ ٻين صفتن جي ڪري تمام گهٽا اختيار حاصل هئا. اڄوڪي حڪمران طبقي کي قيادت جي ان قسم جي ذاتي صفتن سان ڪو بہ سروڪار ڪونهي. جيئن بربريت واري دؤر ۾ هيو. ان جي برعڪس ان جو پاڙون معروضي، سماجي ۽ پيداواري لاڳاپن ۽ سرمائي جي طاقت سان ڳنڍيل آهن. ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي تہ قيادت ڪندڙ سٺو آهي يا خراب يا وري بي نياز.

طبقاتي سماج جون اوائلي صورتون اسان اڳيان اها ڳالهہ ظاهر ڪن ٿيون تہ ڪهڙي ريت رياست هڪ آدم خور جيان واڌو پيداوار جي وڏي حصي کي ڦڙڪائي ويندي هئي. عوام کي دٻائي رکندي هئي ۽ کين سندن سمورن حقن کان محروم رکندي هئي. ان دوران ئي اها (رياست) پورهئي جي ورهاست ۾ واڌارو آڻيندي رهي. سماج کي منظم ڪندي ۽ تعاون کي پهرين کان بلند ۽ مٿين سطح تائين کڻي ويندي رهي جنهن جي بدولت اها انساني پيداواري محنت کي خواب ۽ خيال جيڏي بلندي تائين پهچائيندي رهي. پنهنجي بنيادن ۾ اهو سڀ ڪجهہ ان وقت هارين جي پورهئي جي بدولت ٿيو پوي. رياست کي وڏي تعداد ۾ هارين جي ضرورت هوندي هئي جيڪي ٽيڪس بہ ڏين ۽ هر قسم جي بيگار محنت بہ ڪري سگهن. انهن ٻنهي ڳنبن تي سماج اڌيل يا بيئل رهيو جيڪو بہ ان پيداواري نظام کي ڪنٽرول ڪندو هيو اهو ئي طاقت ۽ رياست کي پنهنجي ڪنٽرول يا قبضي ۾ رکندو

هيو. رياستي طاقت جو پاڙون ۾ بنياد پيداواري لڳ لاڳپن ۾ سمايل هئا نه ڪي ذاتي خوبين ۾. ان قسم جي سماجن ۾ رياستي اقتدار لازمي طور تي مضبوط ۽ افسر شاهاڻو هوندو هيو. پنهنجي نوع ۾ اهو هڪ مذهبي ڪردار جو حامل ۽ پاپائيت جي طاقت سان مخلوط هيو. جنهن جي سربراهي ديوتا نما بادشاهه ڪندو هيو ۽ جنهن جي هيٺان آفيسرن، مصاحبن، نگرانن وغيره جي هڪ فوج هوندي هئي. لکڻ هڪ پراسرار قسم جو فن هيو جيڪو خود انهن چند فردن تائين محدود هيو. جيتوڻيڪ پنهنجي ابتدا کان هينئر تائين رياست جا دفتر پراسرار نموني هلندا پيا اچن، جتي حقيقي سماجي لاڳاپا بيگاني ڪيفيت ۾ موجود هوندا آهن. معاملو هينئر تائين اهڙي ئي نموني جاري آهي. برطانيه ۾ ان پراسراريت کي شعوري طور تي اهتمام سان جشن، نمائش ۽ روايت ذريعي پروان چاڙهيو ويندو آهي. آمريڪا ۾ ان لاءِ ٻين قسم جا ذريعا استعمال ڪيا ويندا آهن. ان ۾ صدر جي شان شوڪت به شامل آهي. جيڪو رياستي طاقت جي مجسم تشخص جو نمائندو قرار ڏنو ويندو آهي. انڪري ئي پنهنجي بنيادن ۾ رياست جي هر هڪ شڪل هڪ طبقي جي باقي سماج مٿان قبضي جي نمائندگي ڪندڙ هوندي آهي. ايسيتائين جو پنهنجي اعليٰ ترين جمهوري صورت ۾ به، اها هڪ طبقي يعني حڪمران طبقي جي آمريت جي ئي نمائندگي ڪندي آهي. اهو طبقو ئي پيداواري ذريعن جو مالڪ ۽ ڪنٽرول ڪندڙ هوندو آهي.

جديد رياست هڪ افسر شاهي آدم خور آهي، جيڪو پورهيت طبقي جي پيدا ڪيل دولت جي تمام وڏي حصي کي ڦڙڪائي ويندو آهي. مارڪس وادي انارڪسٽن جي ان ڳالهه سان اتفاق ڪن ٿا ته "رياست استحصال جو هڪ خونخوار اوزار آهي جنهن کي لازمي طور تي ختم ٽيڻ گهرجي." سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهو آخر ڪيئن ٽيندو ڪير ڪندو ۽ ان جو متبادل ڪهڙو هوندو؟؟ ڪنهن به انقلاب لاءِ اهو هڪ بنيادي سوال آهي. بالشويڪ انقلاب کان ترت پوءِ شروع ٽيل گهرو ويڑهه جي دوران ٽراٽسڪيءَ انارڪزم جي موضوع تي ڪيل تقرير ۾ رياست جي متعلق مارڪسي پوزيشن بيان ڪندي چيو هيو ته:

"بورجوازي جو چوڻ آهي ته رياست کي نه چيڙيو ويجي، اهو پڙهيل لکيل طبقي جي مقدس مورثي مراعت آهي. جڏهن ته انارکسٽ چون ٿا ته رياست کي ڪجهه نه چيو ويجي چو جو اها هڪ فضول ايجاد ۽ بيڪار آلو (اوزار) آهي، اسان جو ان سان ڪو واسطو نه هجڻ گهرجي. بورجوازي چون ٿا اها مقدس آهي، انارکسٽ چون ٿا ته ان کي ڇهڻ کان به پرهيز ڪجي چو جو اها هڪ ناپاڪ شئي آهي. ٻنهي جو خيال آهي ته ان کان پاسو ڪجي. پر اسان کلم کلا چئون ٿا ته نه رڳو ان کي ڇهجي پر ان کي پنهنجي هٿن (قبضي) ۾ ورتو ويجي. ان کي پنهنجن مفادن (پورهيت طبقي جي مفادن) جي حصول لاءِ تشڪيل ڪيو ويجي ته جيئن نجي ملڪيت جو خاتمو آڻي سگهجي ۽ پورهيت طبقي کي نجات ڏياري سگهجي." (انقلاب ڪيئن مسلح ٿيو؟ جلد پهريون ٽراتسڪي، 1918ع)

مارڪسزم وضاحت ڪري ٿو ته رياست مسلح ماڻهن جو جٿو هوندي آهي، جنهن ۾ فوج، پوليس، عدالتون ۽ جيلون شامل آهن. انارکسٽن جي مبهم نظرين جي برعڪس مارڪس دليل پيش ڪيو ته پورهيتن کي استحصال ڪندڙ جي مزاحمت کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ هڪ رياست جي ضرورت هوندي آهي. پر مارڪس جي ان دليل کي بورجوازين ۽ انارکسٽن ٻنهي بگاڙي ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مارڪس "پرولتاريه جي آمريت" (پورهيت راج: مترجم) جي ڳالهه ڪئي هئي جنهن جو سادو مطلب "پورهيتن جو سياسي اقتدار" آهي. اڇڪلهه لفظ آمريت جي جيڪا معنيٰ ۽ تشريح جيڪا رائج آهي، اهي مارڪس جي دؤر ۾ ٻي قسم جون يا اجنبي هيون. هڪ اهڙو دؤر جيڪو هٽلر ۽ استالن جي هولناڪ ڏوهن جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو ويجي ٿو ۽ جيڪو مطلق العنان درندگي، اذيت گاهن ۽ خفيه پوليس جي هنياڻ ڏارندڙ عملن سان پريل آهي پر مارڪس جي وقت ان قسم جي ڳالهين جو تصور تائين محال هيو. مارڪس جي ويجهو آمريت جو لفظ ان معنيٰ ۾ هيو جيئن رومن بادشاهت ۾ رائج هيو ته جڏهن جنگ جي صورتحال دوران عمومي قانون ڪجهه عرصي لاءِ عارضي طور تي معطل ڪيا ويندا هئا. رومن ڊڪٽيٽر هڪ اهڙو غير معمولي مجسٽريٽ هوندو هيو

جيڪو اهڙي اٽارٽي استعمال ڪندو هيو جيڪا عام مجسٽريٽ جي روز مره جي اٽارٽي کان تمام وڌيڪ هوندي هئي. ان اداري کي "عوام جو آقا" چيو ويندو هيو. مطلب شهرين جي فوج جو آقا. ٻين لفظن ۾ اها هڪ فوجي حڪمراني هوندي هئي جيڪا هميشہ ان وقت سامهون ايندي يا لاڳو ٿيندي هئي جڏهن فوج کي جنگي محاذ تي لهڻو پوندو هيو. جيئن ئي اهو مخصوص بيان ڪيل وقت ختم يا حالتون عام صورت ۾ تبديل ٿي ويندیون هيون تہ ان "آمر" وارو ادارو ب ختم ٿي ويندو هيو. روس ۾ استالن جهڙي مطلق العنان آمريت جو تصور ب مارڪس کي ڏکائي وجهي ها تہ جنهن ۾ رياست، مراعت يافتہ افسر شاهي جي مفادن جي لاءِ پورهيت طبقي جو استحصال ڪندي هئي. مارڪس پرولتاريت جي آمريت واري پنهنجي نظريي جو بنياد 1871ع جي پيرس ڪميون تي رکيو هيو. جنهن دوران عام ماڻهن پورهيت طبقي جي اڳواڻي ۾ پراڻي رياست کي اکيڙي ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن حد تائين سماج کي تبديل ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو هيو. ڪنهن واضح عملي منصوبي، تنظيم ۽ قيادت جي غير موجودگي باوجود عوام طرفان حيران ڪندڙ غير معمولي جرت، اڳپرائي ۽ تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو. مارڪس ۽ اينگلس پيرس ڪميون جي تجربي جو خلاصو هنن لفظن ۾ بيان ڪيو "ڪميون گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاري آهي تہ پورهيت ساڳي نعيل نڪيل رياستي مشينري ذريعي ڪجهہ ب نہ ٻئي ڪري سگهيا ۽ نہ ئي ان کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري ٻئي سگهيا." (ڪميونسٹ مينيفيسٹو: 1872 جرمن ايڈيشن جو مهاڳ)

سوشلزم طرف اڳپرائي هڪ اهڙي اعليٰ سماج طرف سفر آهي جيڪو حقيقي جمهوريت ۽ هر شئي سينيجي لاءِ جي بنياد تي قائم هوندو آهي. اها سماجي صورت تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿي جڏهن سماج صنعت ۽ رياست کي هلائڻ جي عمل ۾ پورهيت طبقي جي عملي شعوري شموليت موجود هجي. سرمائيدار يا افسر شاهي ڪنهن ب صورت ۾ رحمدلي جو مظاهرو ڪندي اقتدار پورهيت طبقي جي حوالي ناهي ڪندي. لينن ۽

تراتسڪي جي قيادت ۾ قائم ٿيل سوويت رياست پورهيتن کي ڪارونهوار، حساب ڪتاب جي ڪمن ڪارن ۾ شريڪ ۽ شامل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندي رهي ته جيئن آفيسر شاهي ۽ رياستي طاقت جي "خاص عملداري" کي گهٽ کان گهٽ هجڻ کي يقيني بڻائي سگهجي. آفيسرن جي پگهارن، اختيارن ۽ مراعتن تي سخت پابندي مڙهي وئي ته جيئن مراعت يافته پرت جي تشڪيل کي روڪي سگهي. 1917ع جي بالشويڪ انقلاب جي صورت ۾ قائم ٿيل پورهيت رياست نه ته آفيسر شاهاڻي هئي ۽ نه ئي مطلق العنان. ان جي برعڪس استالنسٽ آفيسر شاهي جي طرفان عوام جا اختيار کسڻ کان پهرين، اها اهڙي جمهوري رياست هئي جيڪا پهريان ڪڏهن به ڪٿي اڳ وجود ۾نه رهي هئي. سوويتن (پنجائتن) جي اقتدار جا بنيادي اصول نه ته مارڪس ۽ نه ئي لينن جا ايجاد ڪيل هئا پر اهي پيرس ڪميون جي نئوس تجربي تي قائم ڪيا ويا هئا، پر لينن انهن پنجائتن جي بعد ۾ واضح ۽ چٽي نموني تشريح ڪئي هئي. لينن آفيسر شاهي جو ڪٽر دشمن هيو، هو هر وقت چوندو رهندو هيو ته "پورهيتن کي رياست جي ضرورت ان لاءِ ۽ ان وقت تائين هوندي آهي جيستائين اها يقدم متجي ۽ ميسارجي نه ٿي وڃي." هڪ حقيقي ۽ خالص مزدور رياست جو هن قسم جي افسر شاهي ۽ انسان دشمن رياست سان ڪو به تعلق ۽ واسطو ناهي هوندو جيڪا اڄ وجود رکي پئي يا جيڪا گهٽ ۾ گهٽ استالنسٽ روس ۾ موجود هئي. لينن پنهنجي اهم ترين تحريرن منجهان هڪ "رياست ۽ انقلاب" ۾ مزدور جمهوريت جا بنيادي شرط هي بيان ڪيا آهن:

1. واپس گهرائڻ جي حق (Right to Recall) سان گڏ، سمورن آفيسرن کي آزاد چونڊن جي ذريعي منتخب ڪيو ويندو. (واپس گهرائڻ مان مراد اها آهي ته جيڪڏهن ڪو به آفيسر يا حڪومتي عملدار سونپيل ذميواري سان ڪنهن به قسم جو نياءُ نه ٿو ڪري ته ڪيس ڪنهن به وقت ان عهدي تان لاهي ڪنهن پي ڪم سان لڳائي سگهجي ٿو. مترجم)
2. هڪ هنرمند مزدور کان ڪنهن آفيسر جي اجرت وڌيڪ نه هوندي.
3. ڪا به باقاعدہ فوج يا پوليس نه پر مسلح عوامي مليشيا هوندي.

4. ڏاڪي بڏاڪي انتظامي معاملن ۾ سڀني کي شريڪ ڪيو ويندو. "هڪ باورچي به وزيراعظم ٻڌجڻ جو اهل هوندو هر ڪوئي پنهنجي جاءِ يا ڪم ۾ آفيسر هوندو ٻين لفظن ۾ ڪو به آفيسر نه هوندو."

هي اهي شرط هئا جيڪي لينن ترتيب ڏنا هئا پر اهي مڪمل سوشلزم يا ڪميونزم لاءِ نه پر مزدور رياست جي ابتدائي عرصي لاءِ هئا يعني سرمائيداراٽي نظام کان سوشلزم ڏانهن وڌڻ واري عبوري دؤر لاءِ. پورهيتن ۽ سپاهين جي سوويتن جي نائبن جون چونڊيل اسيمبليون پيشه ور سياستدان يا آفيسر شاهي تي نه پر عام مزدورن، هارين ۽ سپاهين تي مشتمل هيون. اها سماج کان بلند تر ڪا بيگاني طاقت نه هئي پر اها هيڻ عوام سان سڌو سنهون ڳنڍيل ۽ سندن ئي چونڊيل طاقت هئي. ان جا جوڙيل قانون ڪنهن به حوالي سان اهڙا نه هئا جهڙا هڪ سرمائيداراٽي رياستي طاقت جي عملداري جا هوندا آهن. اها هن وقت جي آمريڪا ۽ يورپ جي جديد ترقي يافته ملڪن ۽ موجوده سرمائيداراٽي جمهوريت جي طاقت کان مڪمل طور مختلف ۽ بهتر هئي. اها قوت 1871ع جي پيرس ڪميون جهڙي طرز ۽ نوعيت جي هئي. اها ڳالهه درست آهي ته ان وقت موجود هولناڪ پسماندگي، غربت ۽ ناخواندگي سبب روس جو پورهيت طبقو ان قوت کي نه پئي سنپالي سگهيو جيڪا ان جي هٿن ۾ اچي چڪي هئي. انقلاب کي انهن سبب جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي جنهن جي نتيجي ۾ زوال پذيري جي گهيري ۾ ايندو ويو ۽ جيڪو آخر ۾ استالنزم جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويو. سرمائيداري جي حمايتي مورخن جي دعوائن جي برعڪس استالنزم قطعي طور بالشوازم جي نه پر ان جي بدترين دشمنن جي پيدائش هيو. استالن جي مارڪس ۽ لينن سان اهڙي ئي نسبت آهي جهڙي نپولين جي جيڪوبنز سان يا پوپ جي پهرين عيسائن سان. شروعاتي سوويت رياست ڪنهن به صورت ۾ اهڙي نه هئي جهڙو اڇڪلهه تاثر ڏنو ويندو آهي، پر اها پورهيو ڪندڙ انسانن جي انقلابي طاقت جو اظهار ۽ آئيني دار هئي. جيڪڏهن مارڪس جي لفظن ۾ ان کي بيان ڪجي ته اها هڪ "نيم رياست" هئي يعني هڪ اهڙي رياست جنهن کي پنهنجي بيهڪ ۾ ئي

آخرڪار ختم ٿيڻو هيو ۽ سماج ۾ تحليل ٿي وڃڻو هيو. جنهن سان سماج ۾ اجتماعي ڪارهنوار منظم ۽ مستحڪم ٿي ويڄي ها جيڪو هر فرد جي بهتري لاءِ ڪم ڪري ها. اهو بغير ڪنهن جبر يا داٻي ڏڪي جي. اهو ئي صرف اهو ئي مارڪس جو مزدور رياست جي حوالي سان حقيقي تصور آهي.

بورجوازي جو ايار:

ڏاڪاتسڪي چيو هيو ته "انقلاب، تاريخ جي محرڪ قوت هوندو آهي." اهو ڪو اتفاق نه هيو ته ڪو اٽلي، هالينڊ، برطانيه ۽ پوءِ فرانس ۾ بورجوازي (سرمائيداري) جي ايار سان گڏ ڪلچر، فن ۽ سائنس کي به غير معمولي واڌ ويجهه ملي. 17هين ۽ 18هين صدي ۾ رونما ۽ ڪامياب ٿيندڙ سرمائيدار انقلابن ۾ پيداواري قوتن ۽ ٽيڪنيڪ سان گڏوگڏ سائنس ۽ فلسفي ۾ به هڪجهڙي ترقي ٿيندي رهي، جنهن جي بدولت ڪليسا جي نظرياتي تسلط جو به خاتمو آيو. ان جي مقابلي ۾ اهي ملڪ جتي جاگيرداري ۽ ڪليسا جون رجعتي طاقتون نئين سماج جي پاڻن ۾ ڪٽل ۽ چنبڙيل رهيون اتي نئين سماج کي تنزلي، نقصان ۽ ٻين اهڙن مسئلن جي ڏڪهي عرصي وارن بيزار ڪندڙ معاملن سان منهن ڏيڻو پيو. ان حوالي سان اسپين کي هڪ نمايان مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. سرمائيداراڻي نظام جي ايار واري ڏينهن ۾، جڏهن هي نظام تاريخي طور ترقي پسند قوت طور نمائندگي ڪري رهيو هيو تنهن وقت سرمائيداري جي نظريي دانن کي جاگيرداري جي نظرياتي عنصرن سان شديد قسم جون نظرياتي جنگيون وڙهڻيون پيون. ان جي شروعات ڪيٿولڪ چرچن کان ٿي. جاگيري زميندارن کي اڪيڙي ڦٽو ڪرڻ کان گهڻو اڳ سرمائيداري کي پنهنجي سپ کان باشعور انقلابي نمائندن جي ذريعي، جاگيرداري جي نظرياتي دفاعي سرحدن کي ٽوڙڻو پيو يعني ان فلسفياڻي ۽ مذهبي فريم ورڪ کي جيڪو ڪليسا جي چوڌاري بيٺل هيو. سرمائيداراڻي نظام جي ايار جي ابتدا هالينڊ ۽ اٽلي جي اتر وارن شهرن منجهان ٿي. ان ايار دوران نوان رويا

سامهون آيا جنهن سان نئين اخلاقيات ۽ نوان مذهبي عقيدا جنم ونندا ۽ واڌ ويجهه ڪندا رهيا. جاگيرداراٽي نظام جي تحت معاشي طاقت پنهنجو اظهار زمين جي ملڪيت جي شڪل ۾ ڪندي هئي جڏهن ته ڪرنسي جو ڪردار انتهائي محدود هوندو هيو پر واپار مينوفيڪچرنگ جي ايار ۽ ان سان گڏ قائم ٿيندڙ منڊي جي نون لاڳاپن پيسي (ڪرنسي) کي تمام گهٽو طاقتور بٽائي ڇڏيو. فوگرز جهڙا وڏا بينڪار خاندان سامهون آيو جيڪي بادشاه لاءِ چئلينج بڻجندا ويا. 16هين ۽ 17هين صدي جون مذهبي جنگيون، گهيري طبقاتي تضاد ۽ خارجي اظهار جي هيو ڪجهه بہ نہ هيون. انهن لڙائين جو واحد ۽ ممڪنہ نتيجو بورجوازي جي اقتدار ۽ اختيار جو ايار هيو جنهن سان نوان سرمائيداراٽا پيداواري رشتا (لاڳاپا) سامهون ايندا ويا. ان جنگين جي قيادت ڪندڙن کي انهن نتيجن جو پهريان کان ڪو ادراڪ نہ هيو 60_1640ع جو برطانوي انقلاب هڪ تمام وڏي سماجي تبديلي هيو. قديم جاگيرداراٽي حڪمراني کي ڌاهي پٽ ڪيو ويو ۽ ان جي جڳهه نئين سرمائيداراٽي سماجي نظام ولاري. گهرو ويڑهه هڪ طبقاتي جنگ هئي جنهن چارلس اول جي آمريت ۽ ان جي پٺيرائي تحت وجود رکندڙ رجعتي جاگيرداراٽي ڪارهنوار کي ختم ڪري ڇڏيو. پارليامينٽ، شهرن ۽ ملڪ ۾ ايرندڙ نئين وچولي طبقي جي نمائندگي ڪندي هئي پراٽي حڪمراني کي چئلينج ڪندي شڪست فاش ڪيو. بادشاه جو سر قلم ۽ دارالامرا جي عملداري کي ختم ڪيو ويو. معروضي حوالي سان اوليورڪراموِيل برطانيہ ۾ بورجوازي جي اقتدار جا بنياد رکي رهيو هيو. پر اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ ۽ جاگيردارن ۽ ڪليسائي گندگي کي صاف ڪرڻ کان پهرين ڪيس بزدل بورجوازي کي وقت طور پاسي تي ڪرڻو پيو. پارليامنيٽ کي تحليل ڪرڻو پيو ۽ پنهنجا بنياد اوپر انگلينڊ جي ننڍن زميندارن جي پيٽي بورجوا پرت (جنهن سان سندس خود جو بہ تعلق هيو) سميت پوري ملڪ جي پورهيتن ۽ نيم پرولتاريہ سان گڏجي رکٽا پيا. پنهنجو پاڻ کي انقلابي فوج جي سربراه طور براجمان ڪندي ڪراموِيل کي عوام جي وڙهڻ واري طاقت کي ڪتب آڻڻ لاءِ بائبل، پادرين ۽ زمين تي خداوند جي سلطنت جي

قيام جي نعري جو سهارو ونڻو پيو. سندس سپاهين، ڪرايو منافع ۽ وياج جا نعرا لڳائيندي نه پر مذهبي گيت ڳائيندي جنگ وڙهي هئي. اها مقدس روحانيت جلد ئي هڪ انقلابي جوش ۽ جذبي سان ليس ٿيندي وئي. ايسيتائين جو ڪجهه موقعن تي ته ڪميونسٽ انداز ۾ اختيار ڪندي رهي. ان ڳالهه ئي عوام کي شاندار جرت ۽ ولولي سان "Hosts of Baal" جي خلاف جنگ وڙهڻ تي آماده ۽ تيار ڪيو. ان باوجود ڪراموِيل اقتدار ۾ اچي وڃڻ بعد ۾ تاريخ جي تشڪيل ڪيل تقاضائن ۽ پنهنجي وقت جي معروضي حدن کان ٻاهر نه پئي وڃي سگهيو. ان کي ليفٽ ونگ جو مخالف ٿي وڃڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. ليولرز (Levellers) کي جبري طور دٻائڻو پيس ۽ هڪ اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻي پئي جنهن تحت بورجوازي جو ساٿ ڏنو ويو ۽ برطانيه ۾ سرمائيداراڻي ملڪيت تي بينل لاڳاپن کي ٻيهر رائج ڪرڻو پيو. آخر ۾ ڪراموِيل کي پارليامينٽ تحليل ڪرڻي پئي ۽ پنهنجي موت تائين آمر بڻجي حڪمراني ڪندو رهيو. جڏهن برطانوي بورجوازي کي ان خوف ورائي ورتو ته انقلاب گهٽو اڳتي نڪري چڪو آهي ۽ ملڪيتن لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو انهن استيورٽ کي ٻيهر تخت تي ويهاري ڇڏيو.

فرانس وارو 93_1789ع وارو انقلاب معياري طور تي برطانوي انقلاب کان تمام گهٽو بلند هيو. جيڪوبنز مذهب جي جڳهه تي دليل جو سهارو ورتو هن آزادي، برابري ۽ اتحاد جي نعري تحت جنگ وڙهي ته جيئن ڪم ڪندڙن ۽ نيم پرولتاريه کي جاگيردار اشرافيه ۽ بادشاهت جي خلاف مزاحمت جي لاءِ تيار ڪري سگهجي. باسٽيل جي ناقابل تسخير ديوارن کي زمين بوس ڪرڻ کانپوءِ ان انقلاب، نظر نه ايندڙ ۽ ناقابل تسخير سمجهي ويندڙ ڪليسا ۽ مذهب جي ديوارن کي به ريزا ريزا ڪري ڌاهي ڇڏيو. پر جيئن فرانس جي سرمائيدارن اقتدار سنياليو ته اهي نوجوان نسل جي ذهنن ۾ روشن ڪيل منطق پسندي ۽ دهريت کي وساري ويٺي. روبس پيري اقتدار جي خاتمي کانپوءِ ملڪيت جي مالڪي جو حق رکندڙ مستحڪم ٿيندا ويا. استحڪام جي لاءِ فارمولي جي تلاش ۽ هڪ قدامت پسندي نظريي جي

لاءِ جيڪو انهن جي مراعتن کي جائز قرار ڏئي سگهي. بورجوازيءَ جلد ئي مقدس سڏجندڙ ڪليسا کي ٻيهر سيني سان لاتو. هونئن ب ڪليسا حالتن ۾ سمائجي وڃڻ جي صلاحيت سان مالامال هوندو آهي. اهو بيشمار سماجي تبديلين جي باوجود پنهنجي وجود کي هزارين سالن کان قائم رکيو پيو اچي. ڪيٿولڪ ڪليسا پنهنجي نون مالڪن ۽ محافظن (سرمائيدارن) کي دل و جان سان پليڪار ڪندي وڏي سرمائي کي تقدس فراهم ڪرڻ شروع ڪيو ائين ئي جيئن پهرين ان (ڪليسا) جاگيردارن ۽ بادشاهن کي ڏنو هيو ۽ ان کان ب گهٽو اڳ سلطنت روم کي ب. جيڪا غلامن جي مالڪي جي ڀڳالهه ڪندي هئي ۽ مالڪ هئي.

مارڪسزم جي مسخ شده شڪل:

پنهنجي ڪلاسيڪل ڪتاب "تاريخ ڇا آهي" ۾ انگريز مورخ "اي ايڇ ڪار" بيان ڪري ٿو ته "تاريخي حقيقتون هميشه پنهنجي مرتب ڪرڻ واري جي ذهن مان ٽيندين سامهون ايندين آهن." هو وڌيڪ لکي ٿو ته "اوهان کي حقيقتن جي مطالعي ڪرڻ کان پهرين مورخ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي." ان مان سندس مراد اها آهي ته تاريخ جي بيان کي ڪنهن ب طرح لکڻ ۽ پڙهڻ واري جي سياسي (يا ڪنهن ٻي خيال طور ب) نقط نگاه ۽ ان دؤر جنهن ۾ اهي موجود هوندا آهن يا هئا، کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته تاريخ کي فاتحن مرتب ڪيو يا ڪرايو آهي. ٻين لفظن ۾ تاريخي واقعن جي چونڊ ۽ تشريح، انهن مسئلن يا عملن جو ئي نتيجو هوندي آهي جيڪي مورخ کي متاثر ڪندا آهن جن منجهان هو اهو مفهوم يا ادراڪ متعين ڪندو آهي ته سندس قاري ڇا پڙهڻ چاهيندو؟ بورجوا مورخن پاران ڪنهن مجوزه معروضيت جي متعلق سمورن تعصبن باوجود تاريخ جو لکجڻ، اٽٽر طور هڪ طبقي (مٿين طبقي) جي نقط نگاه جي عڪاسي ڪندو آهي. اهو ناممڪن هوندو آهي ته بيان ڪيل واقعن جي حوالي سان ڪنهن جانبدار راءِ ڏيڻ کان بچي سگهجي. ان جي برعڪس اڻ ڏري هجڻ جي اهڙي ڪا ب دعويٰ پڙهندڙن کي ڪنهن

ڏوکي ڏيڻ کانسواءَ ٻيو ڪجھ ناھي ھوندي. مارڪس وادي جڏھن ٻہ سماج جو تجزيو ڪندا آھن تہ اھي ڪنھن ٻہ حوالي سان اڏڻريو ھجڻ جو نہ ارادو رکندا آھن نہ ئي اھڙي کا دعويٰ ڪندا آھن. اھي (مارڪس وادي) چٽي ۽ واضح نموني پورھيت طبقي جي جدوجھد ۾ سوشلزم جي پرچار ڪندا آھن. ان باوجود ھي اسان کي ڪنھن ٻہ طرح سائنسي معروضيت کان نہ ٽو روکي. ھڪ حساس آپريشن ڪرڻ دوران ھڪ سرجن ان ڳالھہ جي پرپور ڪوشش ڪندو آھي تہ ھو مريض کي ھر حالت ۾ بچائي وٺي. ھو نتيجي جي حوالي سان "غيرجانبداري" کان ڪونھين ڏور ھوندو آھي. پر ان ھڪ سبب خاطر ھو عضون جي مختلف پرتن جي معاملي ۾ لازمي احتياط کي رعايت طور رکندو. انھيءَ انداز ۾ مارڪس وادي سماجي عمل جي نوس تجزيي جي لاءِ انتھائي سائنسي انداز اپنائڻ جي پرپور ڪوشش ڪندو تہ جيئن ھو ڪاميابي سان نتيجي تي اثرانداز ٿيڻ جي قابل ٿي سگھي. پر ھينئر اسين ڪنھن طرح ھڪ ٻي پنيان سامھون ايندڙ حقيقتن تي ٻڌل سلسليوار واقعن جو ذڪر نہ ٻيا ڪريون پر اسان جو ارادو ان عمومي عمل جو جائزو وٺڻ آھي جيڪي ان واقعن جي وقوع پذير ٿيڻ جو سبب ۽ ان جي وضاحت ڪري ٿو. ان سان ئي اسان تاريخ جي وھڪري ۽ ان جي رخ کي پروڙي سگھون ٿا ۽ اھو ٻہ تہ ڪھڙي طرح ھڪ ٻي پنيان ٿيندڙ مختلف سماجي طبقن جي جدوجھد سماج کي پنھنجي مفادن جي مطابق پوئڻ جي ڪوشش ڪندي آھي۽ ان وھڪري منجھان ھڪ ٻي سان جھيڙيندڙ طبقا ڪھڙا نتيجا حاصل ڪن ٿا. سدائين ۾ اڪثر طور اھا ڪوشش ڪئي وئي آھي تہ مارڪسزم مٿان. ان جي تاريخي تجزيي جي طريقيڪار جي حوالي سان چٽرون ڪجن. عام طور تي مارڪس ۽ اينگلز جي حوالي سان جيڪا بيھودگي ڪئي ويندي آھي. اُھا اِھا تہ انھن ٻنھي ھر شئي ۾ ھر ڳالھہ کي صرف معيشت تائين محدود رکيو آھي. ان ٻي عقلي جو جواب مارڪس ۽ اينگلز بار بار ڏنو. جيڪو اينگلز طرفان بلوخ جي نالي لکيل خط مان واضح ٿئي ٿو:

"تاريخ جي مادي تصور مطابق، تاريخ جو سڀ کان متعين عنصر زندگي جي پيدائش ۽ جنم آهي، ان کان وڌيڪ نہ مارڪس ۽ نہ ئي مون (اينگلس) ڪڏهن ڪجهہ بيان ڪيو آهي. ان باوجود بہ جيڪڏهن ڪوئي بار بار اهو چوي ٿو تہ صرف معيشت ئي واحد متعين عنصر هوندو آهي تہ ان جي چيل ڳالهہ سوائي بي مقصد، تجريد ۽ ناداني کانسواءِ ڪجهہ ناهي."

تاريخي مادیت جو آزاد خيال پٽي سان ڪوئي سروڪار ناهي، عام ماڻهو انڊي تاريخي توتن جي ڪٽ پٽلي ناهن هوندا، پر ان سان گڏوگڏ اهي مڪمل طور تي آزاد عامل بہ ناهن هوندا جو پاڻ کي درپيش معاشي ترقي، سائنس ۽ ٽيڪنيڪ پاران مڙهيل معروضي حالتن (تہ جيڪي آخري تجزيي ۾ ڪنهن بہ سماجي معاشي نظام جي موثر يا غيرموثر هجڻ جو تعين ڪنديون آهن) مٿان گهيري نظر رکندي پنهنجي قسمت خود تشڪيل ڏيندا رهن. اينگلز مطابق:

"انسان پنهنجي تاريخ پاڻ ئي گهڙيندو آهي، خواه ان جو نتيجو ڪهڙو بہ نڪري. ان دوران هر فرد پنهنجي حتمي شعوري خواهش جي پيروي ڪندو آهي. اهڙي طرح ڪيترين ئي خواهشون مختلف رخن ۾ ڪم ڪري رهيون هونديون آهن ۽ جن جا چٽا اثر خارجي دنيا تي مرتب ٿيندا آهن ۽ انهن ئي سمورن اثرن جي ميلاپ جي نتيجي ۾ تاريخ مرتب ٿيندي آهي." (لدوگ فيورباخ)

مارڪس ۽ اينگلز ڪافي پيرا ان ڳالهہ تي تنقيد ڪئي تہ ڪجهہ فرد مصنوعي انداز ۾ تاريخي مادیت جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن. ڪونراڊشمٽ کي 5 آگسٽ 1890ع ۾ لکيل پنهنجي خط ۾ اينگلز چوي ٿو تہ:

"عام طور تي لفظ "مادیت" کي جرمني جا نوجوان ليکڪ جيئن دل چوين، پنهنجي جملن ۾ استعمال ڪن ٿا. هر ڳالهہ کي بغير ڪنهن وسيع مطالعي جي لکيو وڃي ٿو. ان ڪري اهي صرف لفظن ۾ اڙجي رهجي ويندا آهن ۽ پوءِ وري اهو سمجهڻ شروع ڪندا آهن تہ انهن پنهنجي لکڻين ۾ اهو مسئلو ئي حل ڪري ورتو آهي. پر ان سڀ کان هٽي ڪري اسان جو تاريخ

بابت تصور هيگل جي پوئلڳن جيان تعمير ڪرڻ جو ڪو اوزار ناهي، پر مطالعي جي گائيڊ آهي، پوري تاريخ کي سڪون سان پڙهڻ گهرجي. سماج جي مختلف صورتن جي وجود جي شرطن کي انفرادي طور تي پرکيو وڃي، ان کان پهرين جو انهن کي سندن سياسي، سماجي قانون، جماليات، فلسفي، مذهب وغيرهه جي نقطه نگاهه سان جانچيو ۽ اخذ ڪيو وڃي. ان متعلق هينئر تائين تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي ۽ جو جو تمام ٿورن ماڻهن ان تي سنجيدگي سان توجه ڏني آهي. ان سلسلي ۾ اسان کي تمام گهڻي مدد ملي سگهي ٿي، جيڪو به ان لاءِ سنجيدگي سان ڪم ڪندو اهو نه صرف گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهندو پر خود به اعليٰ بڻجي پوندو. پر ائين ڪرڻ بجاءِ جرمن نوجوانن جو جڏهو تعداد تاريخيماديت کي صرف پنهنجي محدود تاريخي علم ۾ جملي بازي جي لاءِ ڪتب آڻي ٿو (هونئن ته ڪنهن به شئي کي جملن تائين محدود ڪري سگهجي ٿو)... ڪڏهن اهو چيو وڃي ٿو ته معاشيات جي تاريخ اڃان نئين آهي ۽ ان کي تمام جلد هڪ شفاف نظام طور تي تعمير ڪيو ويو آهي، ان بعد هي ماڻهو سمجهن ٿا ته اسان وڏو تير هڻي ڪڍيوسين. وري ڪجهه وقت کانپوءِ "بارٿ" جهڙا مورخ وچ ۾ اچي وڃن ٿا ۽ جنهن عمل کي سطحي جملن تائين محدود ڪيو ويو آهي ان تي حملا ڪندي ان مٿان چٽر بازي ڪئي وڃي ٿي." (مارڪسز اينگلز. گڏيل لکڻيون، جلد نمبر 49، صفحو 8)

ڪونراڊشمٽ کي پنهنجي 27 آڪٽوبر 1890ع واري موڪليل خط ۾ ايگلز لکي ٿو ته:

"انهن همراهن کي جيڪا ڏکيائي پيش اچي پئي، ان جو سبب جدليات بابت درست يا پڪي ڄاڻ نه هجڻ ڪري آهي. ڪين ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ڪين يڪدم سبب ۽ نتيجو ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي ٿو. اها صرف خالي تجريد آهي، ان قسم جو مابعدالطبيعاتي تضاد حقيقي دنيا ۾ ان وقت ظاهر ٿيندو آهي جڏهن بحران عروج تي هجن، جڏهن سمورو وسيع عمل، گڏيل پائيجاري جي صورت ۾ متحرڪ هوندو آهي (اگرچه مختلف اٽبرابري تي مشتمل قوتن تي مبني هوندو آهي، معاشي تحريڪ گهڻو ڏور

هوندي آهي پر اها مضبوط ترين. سڀ کان بنيادي ۽ سڀ کان وڌيڪ فيصلائتي هوندي آهي)، هتي هر شئي اضافي آهي ۽ ڪجھ به مطلق ناهي. اهڙي نموني ڏسڻ يا پرکڻ انهن شروع ئي ناهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته هيگل انهن لاءِ وجود ئي نه ٿو رکي. (مارڪس اينگلز، مجموعي لکڻيون، جلد نمبر 49 صفحو 59)

مارڪسزم نظرين بابت سوال کان انڪار نه ٿو ڪري پر هو اِهو ڏسندو ۽ پرکيندو آهي ته اهي ڪهڙي طريقي ظاهر ٿين ۽ ايرندا آهن. اهڙي طرح اهو (مارڪسزم) فرد جي ڪردار کان به انڪاري ناهي ۽ اهڙي طرح اتفاقن کان به. انڪري مارڪسزم انهن سڀني کي سندن درست سلسلي ۾ ڏسندو آهي. ڪار جو هڪ حادثو يا ڪا هڪ گولي به بيشڪ تاريخ جي رخ کي موڙي سگھي ٿي پر ان کي ڪنهن به صورت ۾ محرڪ قوت قرار نه ٿو ڏئي سگھجي. هيگل چيو هيو ته ضرورت پنهنجو اظهار حادثي (اتفاق) جي صورت ۾ ڪندي آهي. پهرين مهاڀاري جنگ جو سبب بڻجندڙ سرائيوو (موجوده بوسينا جو گادي وارو هنڌ) ۾ آرڪ ڊيوڪ فرنڊينينڊ جي زندگي کسيندڙ گولي هڪ تاريخي حادثو هئي جيڪا وڏين طاقتن جي وچ ۾ دشمني جو عملي روپ ثابت ٿي. پر اصل ۾ اها دشمني 1914ع کان پهرين وڏين يورپي طاقتن جي وچ ۾ ناقابل حل معاشي، سياسي ۽ عسڪري تضادن جي صورت ۾ پلجندي رهي هئي.

مارڪسي فلسفو:

هتي اسان جي اڳيان اهو بنيادي سوال ڪر کڻي ٿو ته مارڪسي فلسفو ڇا آهي؟ ڇو جو اسان کي مارڪس ۽ اينگلز جي لکڻين منجھان ڪو به فلسفياڻو نظام نه ٿو ملي جيئن هيگل جي لکڻين ۾ آهي. تنهن باوجود انهن لکڻين ۾ اعليٰ پيماني جي بصيرت ۽ اشارا ضرور ملن ٿا جن کي جيڪڏهن باقاعده مرتب ڪيو وڃي ها ته سائنسي طريقيڪار جي خزاني ۾ تمام وڏو اضافو ٿئي ها. بدقسمتي سان اهڙو ڪو به ڪم سنجيدگي سان ناهي ڪيو ويو جيڪو به جدلياتي ماديت کي گھرائي وچان ۽ تفصيل سان

پڙهڻ چاهيندو آهي. انکي تمام گهڻي مشڪل کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. موضوع جي انتهائي اهميت باوجود، مارڪس ۽ اينگلس جو پنهنجو ڪو به ڪتاب موجود ڪونهي جيڪو ان سوال کي جامع انداز ۾ بيان ڪندڙ هجي. ان باوجود اها به عالم آشڪار حقيقت آهي ته مارڪس جي سڀني تحريرن ۾ جدلياتي طريقيڪار بلڪل واضح صورت ۾ موجود آهي. شايد ئي ڪنهن مخصوص شعبي ۾ جدليات جي اطلاق جو ان کان بهتر ڪو مثال موجود هجي. هتي اسان سياسي معاشيات جو بطور خاص ذڪر ڪنداسين، جيڪا "سرمايو" جي ٽن جلدن تي مشتمل آهي. هڪ وڏي عرصي تائين مارڪس ڀرپور ڪوشش ڪندو رهيو ته جدلياتي مادیت تي ڪتاب لکي ۽ "سرمايو" تي ڪم ڪرڻ سبب ائين نه ڪري سگهيو. ان تمام وڏي ۽ ڳري ذميواري (سرمايو لکڻ) کان علاوه مارڪس لاتعداد سياسي تحريرون به لکيون. ان سان گڏ هو مزدور تحريڪ ۾ به سرگرم رهيو. خاص طور "انٽرنيشنل ورڪنگ مين ايسوسيئيشن" (پهرين انٽرنيشنل) جي تعمير ۽ تشڪيل جي عمل ۾ انتهائي گرمجوشي سان شريڪ رهيو. انهن سرگرمين ۽ ذميوارين سندس زندگي جو هر لمحو مصروف رکيو. سندس بدترين معاشي حالتن، غير موذون خوراڪ ۽ بيزاري جي ڪري سندس صحت بگڙجي چڪي هئي. مارڪس جي وفات ڪانپوءِ اينگلز فلسفي تي لکڻ جي منصوبابندي ڪئي، جيڪو ڪم سندس عزيز دوست (مارڪس) نه ڪري سگهيو هيو. اينگلز اسان جي لاءِ مارڪسي فلسفي جي حوالي سان ڪيتريون ئي نادر ۽ ناياب تحريرون ڇڏي ويو آهي جن ۾ لڊوگ فيورباخ ۽ ڪلاسيڪل جرمن فلسفي جو اختتام، انتي ڊيوهرنگ ۽ فطرت جي جدليات شامل آهن. پر بدقسمتي سان اينگلز به ڪجهه سببن جي ڪري مارڪسي فلسفي تي ڪو حتمي ڪتاب نه لکي سگهيو. پهرين ته ڪيس جرمني جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي اندر هڪ موقع پرست رجحان جي ايار مجبور ڪيو ته هو پنهنجي سائنسي تحقيقي واري ڪم کي پاسي تي رکي ان موقع پرستي جي خلاف هڪ مدلل مضمون لکي، جيڪو (اهو مضمون) هينئر مارڪسزم جي اهم ترين ڪلاسيڪي ڪمن منجهان

هڪ آهي. اهو مشهور ڪتاب انتي ڊيوهرنگ آهي جيڪو پين معاملن کان علاوه مارڪسي فلسفي جي ابتدائي ڪمن منجهان هڪ آهي. بعد ۾ اينگلز پيهر پنهنجي مطالعي طرف راغب ٿيو هيو ته جيئن هو فلسفي متعلق هڪ جامع ڪتاب جي تياري ڪري سگهي. پر مارچ 1883ع ۾ مارڪس جي وفات بعد هڪ دفعو پيهر اينگلز کي "سرمايو" جي ٻئين ۽ ٽئين جلد جو وکريل مشڪل ڪم سنوارڻ ۽ ترتيب ڏيڻو پئجي ويو. جنهن کي مارڪس مڪمل نه ڪري سگهيو هيو.

مارڪس ۽ هيگل:

جدلياتي فلسفي کي جرمن خيال پرست جارج هيگل جي فلسفي جي صورت ۾ بلند ترين عروج حاصل ٿيو. هيگل جو سڀ کان وڏو ڪارنامو جدليات جي دريافت هيو. جيڪا اصل ۾ يونانين جي پيش ڪيل هئي. هيگل ان کي نيون بلنديون فراهم ڪيون. پر هن اهو سڀ ڪجهه خيال پرستاڻي طريقي سان ڪيو. اينگلز جي لفظن ۾ ته اهو تاريخ جو سڀ کان وڏو حمل جي ضايع ٿيڻ (Misscarriage)جهڙو عمل هيو. هيگل جو مطالعو ڪندي اوهان کي هڪ حقيقي عظيم تصور جو ادراڪ ٿيندو آهي، جيڪو هڪ خيال پرستاڻي تصوف جي زنجيرن منجهان آزاد ٿيڻ جي جدوجهد ڪري رهيو آهي. اتي اسان کي غيرمعمولي ڪامل تصورن جي هڪ دنيا پلئه پوندي آهي، بصيرت جو هڪ عجائب آهي پر اهو سڀ هڪ خيال پرستاڻي بي ترتيبي جي هيٺان دٻيل پيو آهي. هيگل جو مطالعو حواسن کي بولاٽيون کارائڻ وارو تجربو آهي. بار بار هي عظيم مفڪر (هيگل)، عجب ڏيارينڊڙ حد تائين مادیت پرستاڻي پوزيشن جي انتهائي ويجهو به پهتو پر عين آخر ۾ هو پوئتي هٽي وڃي ٿو. شايد ڪنهن فساد جي خوف کان. هيگيلين فلسفو غير تسلي بخش، تضادن سان پرپور ۽ نامڪمل رهيو. اهو ڪم مارڪس ۽ اينگلز پنهنجي هٿن ۾ کنيو ته هيگل جي فلسفي جي گهٽن گهيڙن جي وچ ۾ موجود کوٽ ۽ پيچيدگين کي ختم ڪندي ان فلسفي کي ان جي منطقي انجام تائين وٺي وڃجي. ائين ڪندي نه رڳو ان جي مڪمل نفي ڪندا وڃون پر ان کي معياري برتري ۾ بدلائي ڇڏجي.

هيگل روايتي فلسفي کي جيترو پري کٽي ويچي سگهيو پئي هن اهو ڪيو اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ دورا هيگل کي فلسفي جي مروجه حدبندين کان تمام گهٽو ٻاهر نڪري ويڃو پيو. ان عمل دوران فلسفي جي نفي ڪرڻي پيس. فلسفي کي وهمن ۽ وسوسن جي دنيا کان مادي شين جي حقيقي دنيا، جيئري جاڳندڙ عوام جي دنيا، حقيقي تاريخ ۽ ان جدوجهد جي طرف واپس اچڻو هيو جنهن کان اهو گهٽو وقت اڳ ڪٽجي چڪو هيو. فيورباخ ۽ موسس هيس جهڙن کاپي ڏر جي ٻين هيگيلين مفڪرن سان مسئلو اهو ٿيو جو انهن ڪلي طور هيگيل کي "نہ" چئي ڇڏي ۽ سندس فلسفي کي مڪمل رد ڪندي ان جي نفي ڪئي.

ان وقت پروشيائي رياست جي جبر ۽ ان وقت يورپ ۾ حاوي عام رجعتيت جي موجودگي ۾، "هيس" جو مادیت پرستي طرف وڌڻ پنهنجي جوهر ۾ هڪ دليراڻو قدم هيو. اهڙو قدم کڻڻ لاءِ واقعي ٻه دليري جي ضرورت هئي، جنهن ان وقت نوجوان مارڪس ۽ اينگلز کي تمام گهٽو متاثر ڪيو. پر آخرڪار ان (هيس) کي ٻه ناڪامي ٿي. ڪوئي ٻه ڪڪ جي داڻي کي چيپاٽيندي ان جي نفي ڪري سگهي ٿو. پر جدلياتي نفي جو اهو نظريو ڪونهي ته ڪنهن شئي کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏجي. هي نظريو (جدلياتي مادیت) ان کي مٽائيندو ته آهي پر ان دوران هر ان شئي کي محفوظ ٻه رکندو آهي جيڪا محفوظ رکڻ جي مستحق هجي. جيڪڏهن ڪڪ جي داڻي کي مٽي ۾ دفن ڪري ڇڏجي ته اها ٻه ان داڻي جي نفي ٿي. (مطلب هڪ پاسي ان داڻي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ته ضرور ڪئي وئي پر ان مان جيڪا شئي بچڻ لائق آهي مطلب اڳتي هلي جيڪو ڪڪ جو سلو ان مان ڦٽندو خود ان کي بچايو ٻه ويو اهڙي طرح ڪنهن ٻه شئي کي رد ڪرڻ وقت ان جي انهن شئي کي بچائڻ ضروري آهي جيڪي سماج لئه ڪارگر ثابت ٿي سگهن ٿيون. مترجم)

هيگل نشاندهي ڪئي هئي ته هڪ ٻار جي واتان اچاريل لفظ جيڪي هڪ پوڙهي جي واتان ٻه نڪرندا هجن، ساڳي وزن جا حامل نه ٿا ٿي سگهن، ڇو جو پوڙهي هڪ طويل زندگي بسر ڪئي هوندي آهي ۽ هو وڏن تجربن

سان مالامال ٻه هوندو آهي. ساڳيو معاملو فلسفي سان ٻه آهي. پنهنجي ابتدائي جڳهه ڏانهن نه موٽڻ کان پهرين فلسفي کي طئه ٿيل گهٽ گهيڙن جو ورجاءُ ناهي ڪرڻو پوندو. پنهنجي بزرگي کان پنهنجي ٻاروتڻ طرف ويندي ڪيس ٻار ناهي ٿيڻو پوندو پر ڪيس ٻه هزار سالن جي تاريخ ۾ سائنس ۽ ٽڪنيڪ جي ترقي جي دامن منجهان گذرندي عظيم يونانين جي قديم نظرين تائين وڃڻو پوندو آهي. اهو ڪنهن ٻه طرح ڪنهن وڏي ٿيڻي جي مڪينيڪل حرڪت جهڙو عمل ناهي هوندو ۽ نه ئي اهو گذريل مرحلن جي بيهوده تڪرار هوندي آهي. جهڙي ريت نه ختم ٿيندڙ جنم جو عمل جيڪو اوپر جي مذهبن ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. اها نفي جي نفي هوندي آهي جيڪا پاڻ کي ثابت ترقي جي هڪ ٻي ابتدائي شڪل ۾ ڪندي آهي پر هڪ بلند پيماني جي مهارت سان. اها هڪجهڙي هجڻ باوجود هڪجهڙي ناهي هوندي.

ان باوجود جيڪڏهن ڪجهه ڳوڙهن ۽ اهم نتيجن تائين پهچڻ ۽ مادیت پرستي جي ويجهو هجڻ باوجود (مثال طور پنهنجي ڪتاب فلسفي جي تاريخ ۾) هيگل پنهنجي خيال پرستاڻي نقطه نگاه کان آزاد ناهي ٿي سگهيو. هن پنهنجي جدلياتي طريقي کي ڪڏهن ٻه فطرت ۽ سماج جي حقيقي دنيا سان درست طرح سان جوڙڻ جو ڪوشش ئي نه ڪئي ڇو جو سندس خيالن مطابق حقيقي ترقي صرف تصورن جي دنيا جي ترقي ئي هئي.

مارڪس جو فلسفياڻو انقلاب:

مارڪس جي پيش ڪيل سڀني ٿيوريز منجهان جنهن کي سڀ کان وڌيڪ تنقيد، مذاق ۽ تذليل جو منهن ڏسڻو پيو اها جدلياتي مادیت آهي. اهو ڪو اتفاق ناهي ڇو جو اها ئي مارڪسزم جو اصل اساس آهي. اها ٿوري گهٽي فرق سان سائنسي سوشلزم جو طريقيڪار آهي. مارڪسزم صرف هڪ سياسي پروگرام يا هڪ معاشي نظريي جو ئي نالو ناهي پر ان کان ٻه گهڻو ڪجهه وڌيڪ آهي. هي هڪ اهڙو فلسفو آهي جيڪو پنهنجي وسعت ۾ صرف سياست ۽ طبقاتي جدوجهد جو ئي نه پر سموري انساني

تاريخ معيشت، سماج، فڪر ۽ فطرت جو به احاطو ڪري ٿو. اڄ سرمائيداري جو نظريو انتشار جي گهيري ۾ آهي، نه صرف معيشت ۽ سياست پر فلسفي جي ميدان ۾ پڻ ڪيس ان انتشار کي منهن ڏسڻوئجي رهيو آهي. پنهنجي جوپن وارن ڏينهن ۾ سرمائيداري، هيگل ۽ ڪانٽ جهڙا مفڪر پيدا ڪري رهي هئي. هاڻي پنهنجي شديد زوال جي ڪيفيت ۾ ڪجهه به ڏنگ جو پيدا ڪو نه ٿئي ڪري نه ٿي سگهي ٿي. اهو ممڪن ئي ناهي ته اوهان يونيورسٽيز جي فلسفي جي شعبن جون سنڊ تحريرون پڙهو ۽ اوهان جي اندر ۾ چڙ پيدا نه ٿي.

حڪمران طبقن جي خلاف ويڙهه صرف ڪارخانن، روڊن رستن، پارليامينٽ يا لوڪل ڪائونسلن تائين محدود ناهي هوندي پر اسان کي ان کي نظرياتي ميدانن تي به وڙهڻو پوندو آهي، جتي بورجوازي جا تباهي آڻيندڙ ۽ نقصان ڏيندڙ اثر ڪنهن ٻي شعبي کان گهٽ ناهن هوندا ۽ جيڪي مڪروه ۽ غير جانبداري ۽ مصنوعي معروضيت جي پردن ۾ لڪيل هوندا آهن. مارڪسزم جو اهو فرض ٿئي ٿو ته هو پراڻي ۽ فرسوده ٿي ويل منصوبن جو متبادل پيش ڪري. پنهنجي جواني وارن ڏينهن ۾ ئي مارڪس، هيگل جي فلسفي کان شديد متاثر هيو جنهن (هيگل جي فلسفي) ان وقت جرمني جي يونيورسٽين کي پنهنجي قبضي هيٺ رکيو هيو. هيگل جو سمورو نقطه نگاهه ان ڳالهه تي مرڪوز هيو ته صرف تبديلي کي بقا حاصل آهي ۽ ترقي تضادن جو نتيجو هوندي آهي. ان حوالي سان هي فلسفي ۾ هڪ حقيقي انقلاب جي اڳيرائي هئي. ان فلسفي متحرڪ انقلابي صفت نوجوان مارڪس کي متاثر ڪيو ۽ اهو ئي اڳتي هلي ان جي نظرين جي شروعات جو سبب به بڻيو.

مارڪس ۽ اينگلز ٻنهي هيگل جي نفي ڪئي ۽ ان جي تصورن جي نظام کي ان جي الٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. پر ائين ڪرڻ وقت انهن ٻنهي سلسليوار ۽ انتهائي غور، فڪر ۽ خيال سان هيگل جي فلسفي جي قابل قدر حصن کي محفوظ رکيو. هنن پاڻ کي هيگل جي فلسفي جو "مدلل نگهبان" بڻائيندي انهن تصورن کي نهايت ئي بلند سطح تي وڃي ويا ۽ انهن

کي ترقي ڏيندي حقيقي مواد سان آشڪار ڪيو جيڪي ان جي اندر پهريان کان موجود هئا. هيگل ۾ تاريخي قوتن جي حقيقي جدوجهد پنهنجو اظهار تصورن جي تحرڪ جي مبهم شڪل ۾ ڪري ٿي. پر جيئن مارڪس چوي ٿو ته نظريا پنهنجي اندر ۾ ڪائي تاريخ نه ٿا رکن ۽ نه ئي انهن جو حقيقي وجود هوندو آهي. اهڙي ريت هيگل وٽ حقيقت، هڪ تصوفاتي ۽ بيگاني صورت ۾ ملي ٿي. فيورباخ جي معاملي ۾ به معاملا ڪجهه بهتر ناهن ڇو جو ان وٽ به انسان هڪ يقطرفي، خيال پرستاتي ۽ غير حقيقي ڪيفيت ۾ موجود آهي. صرف مارڪسي فلسفي جي دنيا ۾ ئي انسان حقيقي ۽ تاريخي طور تي ظهور پذير ٿين ٿا.

مارڪس جي فلسفي جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ٿيو جو فلسفو آخرڪار پنهنجي پاڻ ۾ مضبوط ٿي ويو يعني جدليات ۽ماديت، پنهي مان. اتي نظريو ۽ عمل هڪ ٻي سان هٿ ملائيندي ۽ خوشي ملهائيندي ملن ٿا ۽ فلسفو هڪ اوندانهين ۽ بي آواز مطالعي مان ٻاهر نڪري ڪري ٻاهر جي واءَ سواءَ منجهان لطف اندوز ٿيڻ لڳي ٿو اهو زندگي جو ناقابل رد حصو بڻجي وڃي ٿو. ڪنهن وجود جي بغير نظرين جي مبهم جهيڙي جي جاءِ تي اسان کي مادي دنيا ۽ سماج جي حقيقي تضادن سان واسطو پوي ٿو. حقيقت کان بالاتر ڏنڏلن خيالن جي وچ ۾ تضادن بجاءِ اسان کي زنده انسانن سان واسطو پوي ٿو جيڪي حقيقي سماج ۾ جيئن پيا، حقيقي تاريخ مرتب ڪري رهيا آهن ۽ حقيقي جنگيون به وڙهي رهيا آهن.

هيگل وٽ جدليات هڪ سحر انگيز ۽ نيم صوفياڻي انداز ۾ ڪارفرما آهي، جيڪڏهن ائين چئجي ته غلط نه هوندو ته "مٿي پر بيٺي آهي." اسان کي اتي سماج ۽ فطرت ۾ ڪارفرما حقيقي عنصر نه ٿا ملن پر ان بجاءِ اتي اسان کي ڪجهه انسانن، خاص طور فلسفين، جي دماغن ۾ ٽٻيون هٽندڙ تصورن جون تجليون هٽندڙ عڪس نظر اچن ٿا. اينگلز جي لفظن ۾ جدليات هيگل جي هٿان انتهائي ذهين هجڻ باوجود به هڪ وڏي خاتمي جو شڪار ٿي وئي، هيگل جي جدليات کي مارڪس اچي بچايو. اينگلز جي مطابق صرف مارڪس ئي هيو جنهن هيگل جي منطق ۾ بند

تصوف کي ڪيڙي ٻاهر ڪيو ۽ ان ۾ موجود جدليات جي جوهر کي سامهون آندو ان شعبي ۾ اها مارڪس جي حقيقي کوجنا هئي.

مارڪس جدلياتي طريقيڪار کي نئين سري سان تعمير ڪندي تصورن کي درست نموني ترقي ڏني. جڏهن ته هيگل جو فلسفو شين جي وضاحت دماغ يا وري آفاقي شڪتي جي نقطه نگاهه (يعني خيال پرستاڻي طريقي) سان ڪري ٿو. مارڪس اهو ظاهر ڪيو ته انسانن جي ذهنن ۾ خيالن جي ترصي، سماج ۽ فطرت ۾ وقوع پذير ٿيندڙ ترقي جي ئي عڪاس هوندي آهي. جيئن مارڪس چوي ٿو ته "هيگل جي جدليات، هر قسم جي جدليات جو بنياد آهي، پر صرف ان جي تصوفاڻي هيئت منجهان ڪيڙ ئي منهنجي طريقيڪار کي منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿو. (ڪوگل مين جي نالي خط 6 مارچ 1868ع، گڏيل لکڻيون جلد 15، صفحه 543)

جدليات چا آهي؟

ٽراٽسکي پنهنجي مختصر پر شاندار مضمون "جدلياتيماديت جي ابجد" ۾ جدليات جي تعريف ڪجهه هن نموني بيان ڪئي آهي:

"جدليات نه ته ڪا افساني نگاري آهي نه ئي تصوف، پر اها اسان جي سوچڻ جي طريقن جي سائنس آهي ۽ اها روزاني جي زندگي جي مسئلن تائين محدود ناهي رهندي پر اها کوشش ڪندي آهي ته ڏوراهين ۽ پيچيده ترين معاملن جو ادراڪ به ڪري وڃي. جدليات ۽ رسمي منطق جو پاڻ ۾ اهو ئي تعلق آهي جيڪو عام رياضي ۽ پيچيده رياضي جي وچ ۾ آهي."

جدلياتي طريقيڪار ماديت سان ملي ڪري انتهائي موثر ۽ طاقتور تجزياتي اوزار تخليق ڪيو آهي. پر اها جدليات آهي چا؟ هي اهو هنڌ ناهي جتي اسان هيگل جي تشڪيل ڪيل ۽ مارڪس جي تڪميل ڪيل جدليات جي سيني قانونن کي بيان ڪريون. مون (ايلن ووڊز) ان موضوع تي پنهنجي ڪتاب "مارڪسي فلسفو ۽ جديد سائنس" ۾ ڪنهن قدر تسلي بخش بحث ڪيو آهي. البته هتي آئون ان کي چند فقرن ۾ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. پنهنجي ڪتاب "اينٽي ڊيوهرنگ" ۾ اينگلز ان کي

ڪجھ هيئن بيان ڪيو آهي "جدليات، عام لفظن ۾ انساني سماج، فطرت، تصورن جي ترقي ۽ حرڪت جي عمومي قانونن جي سائنس آهي." پنهنجي ڪتاب "فطرت جي جدليات" ۾ اينگلز جدليات جي بنيادي قانونن جو خاڪو هن ريت پيش ڪيو آهي:

1. مقدار جو معيار ۾ تبديلي جو قانون:
2. ضدن جي وچ ۾ جدل ۽ اتحاد جو قانون ۽ پنهنجي انتها تي پهچي ڪري انهن جو تبديل ٿي وڃڻ.
3. تضاد ذريعي ترقي جو قانون يعني نفي جي نفي.

پنهنجي نامڪمل حالت باوجود اينگلز جو ڪتاب "فطرت جي جدليات" مارڪسزم جي شاگردن جي لاءِ "اينٽي ڊيوهرنگ" جيان نهايت ئي اهم آهي. بغير ڪنهن شڪ جي اينگلز کي پنهنجي ئي دؤر جي سائنسي ايجادن ۽ علم تي پاڻڻو هيو. تنهن باوجود اسان اهو يقين سان چئي سگهون ٿا تہ اينگلز جي مواد جي تاريخي اهميت تصديق شده آهي پر "فطرت جي جدليات" جي حوالي سان جيڪا ڳالهہ حيران ڪندڙ آهي، اُهي اِهي تفصيل يا حقيقتون ناهن، جن کي سائنسي جي پيش قدمي پوئتي ڇڏي وئي هئي. ان جي برعڪس وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهہ اينگلز جون اهي جديد نظرياتي پوزيشنز آهن جن منجهان اڪثر انهيءَ دؤر ۾ سائنسي ٿيوري سان ٽڪراءَ ۾ هيون (مطلب انهن ان دؤر جي سائنسي ٿيوريز کي رد ڪيو ۽ اڄ ثابت ٿيو آهي تہ انيگلس انهن سائنسي ٿيوريز کي رد ڪرڻ بابت درست هيو)، پر جن کي اڄوڪي سائنسي اپنائي ورتو آهي، پوري ڪتاب منجهہ اينگلز پنهنجي ان خيال تي زور ڏنو آهي تہ مادو ۽ حرڪت (جنهن کي اسان هاڻي توانائي چئون ٿا) ناقابل عليحدگي آهن. حرڪت، مادي جي وجود جو انداز (mode) هوندي آهي. مادي جو حرڪياتي تصور هڪ اهڙي حتمي سچائي آهي، جنهن کي يونان جي ابتدائي فلسفين لڳ ڀڳ سمجهي ورتو هيو يا جنهن ان جو اندازو لڳائجي چڪو هيو. مثال طور هراقليطس چوي ٿو تہ "هر شئي آهي بہ ۽ ڪونهي بہ. چو جو هر شئي وهڪري (تحرڪ) ۾

آهي." هر شئي مستقل طور تبديل ٿي رهي آهي، وجود ۾ اچي ٿي ۽ فنا ٿيندي پئي وڃي."

عام عقل جي مطابق ڪنهن شئي جو وزن يا مقدار مستقل رهندو آهي. مثال طور تي هڪ ڪرندڙ لاٽون جي وزن ايترو ئي رهندو آهي جيترو ان جي بغير حرڪت واري حالت ۾ هوندو آهي. تنهن ڪري ڪيس رفتار کان الڳ ٿلڳ "ثابت" سمجهيو ويندو رهيو. اڳتي هلي اهو ظاهر ٿيو ته اهو تصور غلط آهي. حقيقت اها آهي ته وزن يا مقدار وڌي وڃي ٿو پر اهو واڌارو ان ئي حالت ۾ معلوم پئجي سگهي ٿو جڏهن حرڪت روشني جي رفتار جيتري هجي. روزاني جي عملي مقصدن جي لاءِ اسان اهو تسليم ڪري سگهون ٿا ته وزن يا مقدار مستقل رهندو آهي قطع نظر ان جي ته ان حرڪت جي رفتار ڪيتري آهي. تنهن ڪري رفتار جي وڌ ٽ سان گڏوگڏ اهو بيان غلط ٿيندو ويندو. ان قانون جي باري ۾ پروفيسر فين مين جو چوڻ آهي ته :

"فلسفياڻي طور تي اسان ان عام قانون متعلق بلڪل غلطي تي آهيون. دنيا متعلق اسان جي پوري تصوير ئي تبديل ٿي ويندي آهي جڏهن مقدار ۾ هڪ معمولي تبديلي بہ ظاهر ٿيندي آهي. قانونن جي پٺيان فلسفي يا تصورن جي حوالي سان اها ڳالهہ نهايت ئي منفرد هوندي آهي. ايسيتائين جو تمام ننڍڙو اثر بہ ڪنهن وقت اسان جي تصورن ۾ مڪمل تبديلي جو گهرجائو ٿي پوندو آهي."

(پروفيسر رچرڊ فين مين، طبيعات تي ليڪچرز)

اهو چٽو مثال ابتدائي مڪينڪس ۽ ايڊوانس ماڊرن فزڪس ۾ بنيادي فرق کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙي طرح ابتدائي رياضي ۾، جيڪا روزاني جي سادي حساب ڪتاب ۾ استعمال ٿيندي آهي ۽ اعليٰ درجي جي رياضي ۾ تمام گهڻو فرق آهي جنهن جو ذڪر اينگلز "اينٽي ڊيوهرنگ" ۽ "فطرت جي جدليات" ۾ ڪيو آهي. اهڙو ئي فرق رسمي منطق ۽ جدليات ۾ بہ هوندو آهي. روزاني زندگي جي لاءِ رسمي منطق ڪافي آهي. تنهن ڪري نهايت پيچيده حالتن ۾ اهي قانون ابتا سبتا ۽ هيٺ مٿي بہ ٿيندا رهندا آهن ۽ اهڙي ريت انهن جي محدود سچائي غلط ثابت ٿي ويندي آهي.

مقدار ۽ معيار:

جدلياتي ماديت جي نقط نگاھ کان مادي دنيا جو نہ ته ڪوئي آغاز آھي نہ ئي ڪو نہ انت، پر اھا مادي (يا توانائي) جي ھڪ اھڙي وڏي حجم (مقدار) تي مشتمل آھي جيڪو مسلسل حرڪت جي حالت ۾ آھي. مارڪسي فلسفي جو بنيادي تصور اھو آھي ۽ جنھن جي، گذريل ھڪ سئو سالن کان جديد سائنس تحت ٿيندڙ ڪوجنائون مسلسل تائيد ڪندیون پيون اچن. روزاني جي زندگي جي ڪنھن بظاھر مستحڪم لقاءَ جو ڪو مثال کڻي وٺو اسان ڏسي سگھنداسين ته سطح کان ھيٺ ڪھڙي نموني تبديلي وقوع پذير ٿي رھي ھوندي آھي، جيتوڻيڪ تبديلي پھرين نظر ۾ نظر ناھي ايندي. مثال طور: اسين پاڻي جو ھڪ گلاس کڻون ٿا، "اسان جون اکيون، جي ھا اسان جو ڪنور اکيون کا بہ تبديلي کو نہ ڏسي رھيون ھونديون آھن پر جيڪڏھن اسان جي نظر ھڪ ارب دفعا تيز ٿي وڃي ته اسان ڏسي سگھنداسين ته اسان جي پنھنجي نقط نگاھ کان مسلسل تبديليون رونما ٿي رھيون آھن. مالڪيول ھر طريقي سان پنھنجي جڳھ تبديل ڪري رھيا آھن، سطح کي ڇڏي رھيا آھن ۽ وري واپس اچي رھيا آھن." (پروفيسر رچرڊ مين، طبيعات بابت ليڪچرز باب 1 صفحہ 18)

اھي لفظ اينگلز جا ناھن پر معروف سائنسدان جا آھن جيڪو ڪيليفورنيا انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي ۾ نظرياتي فزڪس پڑھائيندو رھيو آھي. اھو ئي مصنف، اينگلز جي مشھور مثال مقدار جي معيار ۾ تبديلي کي ورجائي ٿو. پاڻي، ھائيڊروجن ۽ آڪسيجن جي ايٽمن جي مسلسل حرڪت سان ملي ڪري نھي ٿو. پاڻي پنھنجي مالڪيولن جي ان باھمي ردعمل جي دوران ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ناھي ٿيندو. پر جيڪڏھن ان کي 100 درجہ سينٽي گريڊ تي نارمل ماحولياتي دباءُ ۾ رکيو وڃي ته ھڪ خاص مقام تي پھچي ويندو آھي جتي مالڪيولن کي ھڪ ٻئي کي ڇڪيندڙ قوتون سست ٿي ويندیون آھن ۽ اھي اچانڪ الڳ ٿي ڪري اڏڻ شروع ڪري ڇڏيندیون آھن. اھو مثال بظاھر عام لڳي ٿو پر سائنس ۽ صنعت جي شعبن ۾ انتھائي ڏور رس اثر جوڳو آھي. ھي جديد فزڪس جي ھڪ نھايت

ئي اهم شعبي "عبوري مرحلن جي مطالعي" جو هڪ حصو آهي. مادو چئن مرحلن يا حالتن ۾ هوندو آهي: ٺوس، پاڻياٽ، گيس ۽ پلازما. اهڙي طرح ڪجهه ٻيون انتهائي حالتون به هونديون آهن جن ۾ Critical Fluids۽ Degenerate Gas شامل آهن.

عام طور تي جڏهن هڪ ٺوس شئي کي گرمي ڏني ويندي آهي (يا جڏهن دٻاءُ گهٽ هوندو آهي) تہ اهو هڪ پاڻياٽ جي حالت ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ گيس بڻجي ويندو آهي. مثال طور تي برف گرمي ملڻ تي پاڻي بڻجي ويندي آهي جڏهن پاڻي کي گرم ڪيو ويندو آهي تہ اهو ٻاڦ بڻجي ويندو آهي. پر جيڪڏهن ان ٻاڦ کي هڪ انتهائي بلند درجي جي حرارت منجهان گذاريو وڃي تہ مرحلي جي هڪ نئين تبديل واقع ٿيندي آهي. 12,000 ڪيلون يا 11,726.85 سيلسئيس گرمي پد تي ٻاڦ پلازما بڻجي ويندي آهي. انهيءَ کي مارڪسزم مقدار جي معيار ۾ تبديلي قرار ڏيندو آهي. ڇوڙ جو مطلب معمولي تبديلين جي هڪ وڏي تعداد آخرڪار هڪ معياري چال پيدا ڪندي آهي يعني حالت جي تبديل، ان جي لاءِ ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن مادي، مثلاً سيسي يا نيوبيم کي هڪ مخصوص گرمي پد تائين ٿڏو ڪري تہ ان جي الیکٹریکل مزاحمت گهٽجي ويندي. 1273 سينٽي گريڊ کان ڪجهه وڌيڪ جي گرمي پد تي پهچڻ کانپوءِ مزاحمت يڪدم غائب ٿي ويندي آهي. اتي هڪ "ڪوانٽم چال جهڙي ڪيفيت سامهون ايندي آهي، هڪ معمولي مزاحمت کان عدم مزاحمت جي طرف عبور.

ڪوئي به شخص سيني فطري سائنس منجهان ان جا بي شمار مثال ڳولهي سگهي ٿو. آمريڪي سائنسدان مارڪ بوچانن "Ubiquity" جي نالي هڪ انتهائي دلچسپ ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ هن اڻگڻت مثالون پيش ڪيون آهن. جيئن دل جو دڙو، ٻيلن ۾ لڳندڙ باهه، تباهيون، جانورن جي آبادي ۾ اضافو ۽ لاٽ، استاڪ ايڪسچينجن جو بحران، ايسيتائين جو فيشن ۽ مختلف فن جي شعبن ۾ ٿيندڙ تبديلين (آئون ان ۾ انقلابن جو اضافو ڪرڻ چاهيان ٿو) انهن سيني شين جو بظاهر هڪ ٻي سان ڪوئي

لاڳاپو نظر نہ ٿو اچي. ان باوجود اهي هڪ ئي قانون سان جڙيل آهن جنهن کي رياضي جي هڪ مساوات سان بيان ڪري سگهجي ٿو. جنهن کي طاقت جو قانون (power law) چيو ويندو آهي. مارڪسي اصطلاح ۾ ان کي مقدار جي معيار ۾ تبديلي جو قانون چوندا آهن ۽ اهو سڄو مطالعو اهو ظاهر ڪري ٿو ته هي قانون هر هنڌ موجود آهي. يعني هي ڪائنات ۾ هر سطح تي موجود آهي تنهن ڪري اينگلز جي بقول هي هڪ حقيقي عالمگير قانون آهي.

جدليات بمقابلہ تجربيت (Empiricism):

"اسان اڳيان حقيقتون پيش ڪيون وڃن!" ڪنهن شاهي فرمان وانگر اهو مطالبو حقيقي عمليت پسندن طرفان پيش ڪيو ويندو آهي. پلا ٻيون ڪهڙيون حقيقتون سندن سامهون آڻي رکجن! جيڪو ڪجهہ بہ حقيقت جي دنيا ۾ ظاهر ٿيندو آهي، جلد ئي اهو پنهنجي الٽ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. هڪ وقت ۾ جيڪي حقيقتون مستند. هونديون آهن اهي ڪنهن وقت بہ پهريان کان وڌيڪ مختلف ٿي سگهن ٿيون. هر شئي مستقل تبديلي جي حالت ۾ آهي ۽ دير يا سويل هر شئي پنهنجي الٽ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. جيڪا هڪ وقت نوس نظر اچي ٿي اها پي پل هوا ٿي ويندي آهي.

جدلياتي طريقو اسان کي سگه ڏئي ٿو ته اسان ظاهر کان اڳتي ۽ سطح کان هيٺ وجود رکندڙ شيون بہ ڏسي سگهون. هي حالتن ۽ لقائن جو جامع ۽ متحرڪ نقطہ نگاهہ پيش ڪندو آهي. جدليات شين جو تجزيو انهن جي لاڳاپن ۾ ڪندي آهي نہ ڪي علحدگي ۾. ڪين انهن جي تحرڪ ۾ ڏسندي آهي نہ ڪي جمود ۾. ڪين سندن زندگي ۾ ڏسندي آهي نہ ڪي موت ۾. جدليات جي علم جو مطلب مستند حقيقتن ۽ شين جي ظاهري حالت جي غلامي مان آزادي آهي، جيڪا مصنوعي تجربيت پسندي جي بنيادي خصوصيت هوندي آهي. سياست ۾ اها خاصيت اصلاح پسندن جي هوندي آهي ته پنهنجي قدامت پسندي، تنگ نظري ۽ بزدلي کي عمليت پسندي ۽ "حقيقت پسندي" جهڙن فلسفياڻي اصطلاحن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن

جدليات اسان کي موقعو فراهم ڪندي آهي تہ اسان کي مهيا ٿيل حالتن. فوري ۽ بظاهر نظر ايندڙ دنيا کان ٻاهر مداخلت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ان پوشيده عمل کي دريافت ڪريون جيڪو سطح جي هيڻان ڪارفرما آهي. اسان نشاندهي ڪريون ٿا تہ خاموش ظاهريت ۽ حرڪت جي غير موجودگي جي پٺيان ثابت تبديلين جو هڪ عمل موجود هوندو آهي. نہ صرف فزڪس ۾ پر سماج ۾ ۽ عوام جي نفسيات ۾ بہ. ان ڳالهہ کي اڄان ڪو گهڻو وقت ناهي گذريو جڏهن ماڻهو اهو سمجهندا هئا تہ عروج هاڻي هميشہ هميشہ جي لاءِ هڪ مستقل لقاءُ بڻجي چڪو آهي. اها ئي هڪ لاجواب حقيقت هئي يا بظاهر ائين ئي لڳو پئي. اهي ماڻهو جيڪي ان ظاهري نظر ايندڙ حقيقت بابت ڪا بہ ڳالهہ ڪندا هيا تہ اها مستقل ناهي رهڻي تن کي چريو قرار ڏنو ويندو هيو. پر اڄ اها ئي لاجواب حقيقت هڪ ڪوڙ بڻجي ڏ حوالي ٿي چڪي آهي. حقيقتون پنهنجي الٽ ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. اهو جيڪو هڪ ناقابل ترديد سچ لڳندو هيو هو ڪوڙ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. هيگل جي لفظن ۾ تہ "دليل بي دليل بڻجي چڪي آهي."

ان طريقيڪار کي هڪ صدي کان وڌيڪ عرصو اڳ پهرين استعمال ڪندي اينگلز ڪيترن ئي شعبن ۾ پنهنجي ڪيترن ئي همعصر سائنسدانن کان اڳتي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اڄ جي جديد سائنس جي ڪوجنا ڪيل معاملن جي اڳڪٿي ڪئي. اينگلز ڪهڙي بہ حوالي سان پيش ور سائنسدان نہ هيو پر هو پنهنجي زماني جي فطري سائنس جي حوالي سان وسيع علم رکندو هيو. ان باوجود جدلياتي تجزيي جي طريقي ۾ پنهنجي مهارت ۽ ادراڪ جي بدولت اينگلز موجوده سائنس جي حوالي سان ڪيترين ئي فلسفياڻين تشريحون پيش ڪيون. جتوڻيڪ اڄ بہ سائنسدان جي وڏي تعداد ان کان مڪمل طور تي اڻواقف آهي.

بيشڪ فلسفو فطري سائنس جي قانونن مٿان حڪم نٿو صادر ڪري سگهي. اهي قانون، فطرت جي سنجيده ۽ درست تجزيي منجهان ئي واڌ ويجهہ حاصل ڪري سگهن ٿا. سائنس جي ترقي اندازن لڳائڻ جي هڪ

سلسلي سان پنهنجا خدوخال مرتب ڪندي آهي. مشاهدي ۽ تجربي جي ذريعي اسان ان قابل ٿي ويندا آهيون جو پوري سچائي ڄاڻي سگهون. مادي ۽ ڪائنات جا پوشيده اسرار ۽ رمز ۾ وڇڙيل گهيري مداخلت جو هي هڪ نه ختم ٿيڻ وارو عمل آهي. سائنسي نظرين جي سچائي جي پرک صرف عمل، مشاهدي ۽ تجربي منجهان ٿيندي آهي. نه ڪي فلسفين جي ڪنهن حڪمنامي جي.

ماضي ۾ فلسفين پاران جيڪي مختلف قسم جا سوال اٿاريا ويا هئا، انهن کي سائنس حل ڪيو آهي. پر پر ان باوجود اهو سمجهي ڇڏڻ به هڪ نهايت وڏي غلطي هوندي ته فلسفو سائنس ۾ ڪو ڪردار ادا نه ٿو ڪري سگهي. فلسفي جا به پهلو اهڙا آهن جيڪي اڄ تائين مستند آهن ۽ جن کي اڄ تائين سائنس هضم يا ڇڙڪائي ناهي سگهي. اهي آهن رسمي منطق ۽ جدليات. اينگلز جو اصرار هيو ته سائنس جي لاءِ "تصوف ۾ قائل جدليات هڪ مطلق ضرورت بڻجي ويندي آهي." بغير شڪ شهبي جي جدليات وٽ ڪا جادوئي صفت ناهي ته هو جديد فزڪس جا درپيش مسئلا حل ڪري سگهي. ان باوجود به هڪ جامع ۽ مربوط فلسفو سائنسي تحقيق جي رهنمائي ۾ نتيجا خيز معاونت ڪري سگهي ٿو ان کي غير منطقي ۽ تصوفاڻي مفروضن کان بچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. انهن غير منطقي مفروضن منجهان ڪا به هڙ حاصل ناهي ٿيندي اڄ سائنس کي جيڪي بيشمار مسئلا منهن سامهون آهن، انهن جو هڪ خاص سبب اهو به آهي ته نوس فلسفياڻي بنيادن کان محروم آهي.

جدليات ۽ سائنس:

ڪيترن ئي سائنسدانن جو فلسفي ڏانهن رويو توهين آميز هوندو آهي. جيسيتائين "جديد" (نام نهاد جديد: مترجم) بيهوده فلسفي جو تعلق آهي، اها توهين ٺيڪ به آهي. اهو گذريل ڏيڍ سئو سالن کان اهڙي بيابانن ۾ قائل آهي جتي ڳولهيندي به زندگي نه ٿي ملي. ماضي جا قيمتي خزانا پنهنجي قديم عظمت ۽ روشن خيالي سميت مڪمل طور تي خواب ۽ خيال بڻجي رهجي ويا آهن. نه صرف سائنسدان پر عام انسان به ان ڪنڊر ۾ قدم

رکندو تہ ان کي بہ ڪجھ حاصل نہ ٿيندو. ڪنھن کي اميد جي ڪوئي ڪرٽو بہ نظر ڪو نہ ايندو. ان تلخ حقيقت باوجود سائنسدانن جو فلسفي متعلق توھين آميز روين جي ڪائي مناسب وجہ موجود ناھي. ان جي لاءِ جيڪڏھن اسان جديد سائنس جي موجوده ڪيفيت تي سنجيدگي سان نظر وجھنداسين يا وڌيڪ درست انداز ۾ اھو چئجي تہ سندس نظرياتي پريشانين ۽ مفروضن تي غور ڪريون تہ اسان ڏسي سگھنداسين تہ حقيقت ۾ سائنس پاڻ کي اھڙي ريت فلسفي مان آزاد نہ ڪيو ھو. ڪيس ناخوشگوار انداز ۾ گھر منجھان ٻاھر ڌڻو ڪيو ويو آھي جنھن کانپوءِ فلسفو عقبي دروازي (Back Door) مان سائنس ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آھي. سائنسدان فخر واري انداز ۾ فلسفي کان پنھنجي مڪمل بي نيازي جي دعويٰ ڪندي دراصل اھي سڀ مفروضہ بيان ڪري رھيا ھئا ھوندا جيڪي پنھنجي جوھر ۾ فلسفياڻا ئي آھن. اھو بہ سچ آھي تہ ان قسم جي لاشعوري ۽ بلاتنقيدي فلسفي بازي پنھنجي قديم طريقيڪار کان ڪنھن طور بلند ناھي پر ان کان ڪيترو ئي گھٽ درجي جوڳي آھي. ان کان بہ وڌيڪ اھا روش ڪيترن ئي عملي غلطين جو بہ سبب بڻيل آھي.

گذريل صدي جي شاندار سائنسي ترقيءَ فلسفي کي بي فائدو ۽ متروڪ ڪري رکيو آھي. ھڪ اھڙي دنيا جتي اسان ڪائنات جي گھيرن اسرارن ۽ رمزن ۾ مداخلت ڪري سگھون ٿا ۽ Sub_Atomic Particle جي پيچيده حرڪتن کي سمجھي سگھون ٿا. اھي قديم سوال جن فلسفين جي دماغن کي الجھائي رکيو ھيو سائنس حل ڪري ڇڏيا آھن. ائين اھڙي طريقي سان فلسفي جو رول گھٽايو ويو آھي. پر ھتي اسان ٻيھر پنھنجي ڳالھ کي ورجائينداسين تہ بہ شعبا اھڙا آھن جتي فلسفي جي اھميت اڃان تائين برقرار آھي: ھڪ رسمي منطق ۽ ٻيو جدليات.

سائنس جي تاريخ جي حوالي سان جدلياتي طريقيڪار اپنائڻ جي ھڪ وڏي ڪوشش 1962ع ۾ 'ٽي.ايس ڪوھن' جي ڪتاب "سائنسي انقلابن جو ڍانچو" جي اشاعت ھئي، جنھن ۾ سائنسي انقلابن جي اٽٽر ھجڻ کي ظاھر ڪندي اھو ڏيکاريو تہ ڪھڙو ممڪن طريقيڪار ڪٽي ظاھر ٿيو.

"هر اها شئي جيڪا وجود رکي ٿي، ان کي غائب (فنا) ٿيڻو آهي" اها ڳالهه نه صرف زنده جسمن جي لاءِ درست آهي پر سائنسي ٿيوري جي لاءِ به. ايسيتائين جو ان خيالن جي لاءِ به جن کي اڄ اسان مطلق مستند سمجهي رهيا هئا. حقيقت ته اها آهي ته اينگلز پنهنجي هم عصر فردن کان (جن ۾ ڪيترائي سائنسدان به شامل هئا) فطري سائنس جي متعلق پنهنجي روين ۾ تمام گهڻو اڳتي هيو. هن نه صرف اها وضاحت ڪئي ته حرڪت (توانائي) مادي جو ناقابل رد هوندي آهي پر اهو به واضح ڪيو ته مختلف سائنسن جي وچ ۾ اختلاف توانائي جي مختلف صورتن جي ۽ توانائي جي هڪ صورت جي ٻي صورت ۾ جدلياتي تبديلي جي مطالعي تي مشتمل هوندا آهن. ان کي ئي اڄڪلهه مرحلن جي تبديلي (عبوري مرحلا) چيو ويندو آهي.

ويهين صدي ۾ سائنس جي سموري ارتقا،پراڻي ورهاست کي مسترد ڪري ڇڏيو آهي. هڪ سائنس جو ٻي سائنس سان جدلياتي ڳانڍاپو قبول ڪيو ويو آهي. مارڪس ۽ اينگلس کي پنهنجي دؤر ۾ مخالفن جي شديد مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو جڏهن هنن (مارڪس ۽ اينگلس) اهو چيو ته نامياتي (Organic) ۽ غير نامياتي (Inorganic) مادي جي وچ ۾ فرق اضافي هوندو آهي. هنن واضح ڪيو ته نامياتي مادو ۽ ابتدائي زنده جسم هڪ وقت ۾ غير نامياتي مادي منجهان پيدا ٿيا هئا. اها ارتقا ۾ هڪ معياري چال هئي. هنن بيان ڪيو ته جاندار بشمول انسان، هن جو دماغ، هن جا خيال ۽ هن جا عقيدا، هڪ مخصوص طرز ۾ مادي جي منظم شڪل ۽ اعليٰ پيماني جي مادي حرڪت هوندا آهن. نامياتي ۽ غير نامياتي مادي جي وچ ۾ فرق، جنهن کي ڪانٽ هڪ ناقابل عبور رڪاوٽ قرار ڏيندو هيو، هاڻي ختم ٿي چڪي آهي. جيئن پروفيسر فين مين چيو هيو ته:

"هر شئي ايٽمن تي مشتمل آهي. اهو هڪ ابتدائي مفروضو آهي. مثال طور تي بائيولاجي جو سڀ کان اهم مفروضو اهو آهي ته هر اهو ڪم جيڪو جاندار ڪندا آهن اهو ئي ايٽم به ڪندا آهن. ٻين لفظن ۾ ڪا به اهڙي زنده شئي ڪونهي ڪا جنهن کي ان نقطه نگاهه سان نه سمجهي

سگھجي تہ اها ايٽمن سان ٺهيل ۽ فزڪس جي قانونن مطابق سرگرم آهي."
(پروفيسر رچرڊ فين مين، طبيعات تي ليڪچرز)

سائنسي نقطہ نگاهہ کان انسان مخصوص طرز ۾ مرتب شدہ ايٽمن جو مجموعو آهي. پر اسان رڳو ايٽمن جو منظم مجموعو ئي ناهيون. انساني جسم غير معمولي طور تي پيچيدہ وجود هوندو آهي. خاص طور تي انسان دماغ، جنهن جا ڏانچا، خواص ۽ سرگرمي کي اسان اڃان هاڻي سمجهڻ شروع ڪيو آهي. اهي مذهبن جي بيان ڪيل سيني پراڻي ڪهاڻين کان تمام گهڻو حيران ڪندڙ ۽ خوبصورت آهن. انهيءَ دوران جڏهن مارڪس سياسي معيشت ۾ انقلاب برپا ڪري رهيو هيو تہ، ڊارون انهي ڏينهن ۾ بائيولاجي جي شعبي ۾ انقلاب آڻي رهيو هيو. اهو ڪوئي حادثو ناهي تہ جڏهن ڊارون جو ڪم سامهون آيو تہ ڪاوڙ ۽ بدتميزي جو طوفان برپا ڪيو ويو پر مارڪس ۽ اينگلز فوري طور تي خراج پيش ڪندي ان کي جدلياتي شاهڪار قرار ڏنو. جيتوڻيڪ ڊارون خود ان رمز کان اڻواقف هيو. ان ظاهر تضاد جي وضاحت ائين آهي تہ جدليات هڪ اتفاقي ايجاد ناهي پر فطرت ۽ سماج ۾ حقيقي طو رموجود عمل جو اظهار آهي. جينيات جي ڪوجنائن بلڪل انهيءَ عمل جي ڳولها ڪئي آهي جيڪا هڪ جنس جي ٻي جنس ۾ تبديلي جو تعين ڪري ٿي. انساني جينوم ڊراون جي ڪم کي هڪ نئون سبب فراهم ڪيو آهي ۽ عيان ڪيو آهي تہ انسان پنهنجا جينز نہ صرف پوئٹ پر زندگي جي انتهائي شروعاتي شڪل، بيڪٽريا سان بہ ونڊيندو آهي.

ايندڙ چند سالن جي دوران سائنسدان ليبارٽري ۾ تخليق جو عمل سرانجام ڏيندا. جنهن ۾ هڪ غيرنامياتي مادي منجهان هڪ نامياتي جسم پيدا ڪيو ويندو. الهامي خالق جي پيرن هيٺان زمين جو هي هڪ ننڍڙو ٽڪرو بہ کسجي ويندو ۽ هو آخرڪار ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهندو. هڪ وڏي عرصي تائين سائنسدان اها دليل ڏيندا رهيا تہ يا تہ نئين جنسن جي تخليق وڏي عرصي کان جاري سست تبدلين جو نتيجو آهي يا وري اچانڪ ٿيندڙ وحشي تبديلين جو. جدلياتي نقطہ نگاهہ کان انهن ٻنهي تصورن جي

وچ ۾ ڪوئي تضاد ناهي. مالڪيولر تبديلين (مقداري تبديليون) جو هڪ طويل عرصو هڪ مقام تي پهچي اوچتو ڪجهه اهڙو پيدا ڪري ونندو آهي جنهن کي اڇلهه 'ڪوانٽم ڇال' قرار ڏنو ويندو آهي.

مارڪس ۽ اينگلز کي يقين هيو ته جنس جي ارتقا جي ٿيوري ان حقيقت جو واضح ثبوت آهي ته فطرت جدلياتي انداز ۾ ڪم ڪري ٿي، يعني ترقي تضاد جي ذريعي. ٽيهارو سال پهرين ان ڳالهه کي هڪ انتهائي وڏي اداري برٽش ميوزيم جي طرفان تمام گهٽي پذيرائي ملي جڏهن هتي صدين تي پڌل هڪ قابل قدر خاموشي کي هڪ وڏي بحث ٽوڙي ڇڏيو. ارتقائي ڪڙين ۾ معياري ڇال جي تصورن جو دفاع ڪندڙن جي خلاف هڪ دليل اها هئي ته اهي برٽش ميوزيم جي معاملن ۾ ڪارل مارڪس کي ملوث ڪري رهيا آهن. بهرحال ان باوجود جديد بائيولاجي وٽ ڪوئي رستو نه هيو ته اها پنهنجي پراڻي تصور ۾ تبديلي آڻي ته ارتقا هڪ سلسليوار، سڌو تبديلين ۽ رڪاوٽن کان پاڪ هوندي آهي ۽ اهو تسليم ڪري ته معياري ڇلانگون هونديون آهن جن جي دوران ڪيترائي انواع ختم ٿي ويندا آهن ۽ ڪيترائي جنم ونندا آهن.

17 اپرين 1982ع ۾ "اڪانومسٽ" رسالي ڊارون جي 100 سالہ ياد جي طور هڪ مضمون شايع ڪيو:

"ڏينهنون ڏينهن اهو واضح ٿيندو پيو وڃي ته ننڍڙيون، سادين ۽ اوچتيون تبديليون جيڪي ترقي جي هڪ اهم موڙ تي ظاهر ٿيندڙ تبديلي کي متاثر ڪن ٿيون، وڏي ارتقائي تبديلين جو سبب بڻجنديون آهن (مثال طور تي مخصوص جينز جي ردعمل جي طريقيڪار ۾ ننڍڙي تبديلي دماغ جي سائز ۾ وڏي اضافي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون). ان ڳالهه جون به شاهديون گڏ ڪيون پيون وڃن ته ڪيترائي جينز هڪ سست پر هموار تبديلي جي عمل منجهان گذرندا آهن. اهڙي طرح ٽورو ٽورو ڪندي سائنسدان ان هلندڙ مسئلي کي حل ڪندا پيا وڃن ته ڇا انواع ڊگهي عرصي جوڳا آهستي ۽ مسلسل تبديلي منجهان گذرندا آهن يا وري هڪ ڊگهي عرصي تائين ساڳي حالت ۾ رهندا آهن ۽ پوءِ اوچتو هڪ تيز ارتقائي

تبديلي جي تجربي منجهان گذرندا آهن. امڪان اهو آئي ته ٻنهي قسمن جون تبديليون ئي ظاهر ٿيندڙيون آهن."

ارتقائي نظريي جو پراڻو ماڊل اها ڳالهه چئي رهيو هيو ته شيون صرف سلسليوار تبديل ٿيندڙيون آهن. جيئن هڪ انفرادي جينياتي تبديلي (Mutation) ظاهر ٿيندي آهي، ان کي فطرت چونڊي ونندي آهي. بعد ۾ اسٽيفن جي گولڊ ۽ نائلز ايلڊرج "Punctuated Equilibrium" جي نالي سان هڪ نئين ٿيوري پيش ڪئي جنهن مطابق جينياتائي تبديليون اوچتو ڇلانگن سان به واقع ٿي سگهن ٿيون. اسٽيفين جي گولڊ ته اهو به چئي ڇڏيو ته سائنسدانن اينگلز جي تحريرن تي توجهه ڏني هجي ها ته اهي هڪ هزار سالن جي غلطين کان بچي سگهيا پئي.

ڏيوالو ٿيندڙ دنيا:

2008ع ۾ شروع ٿيندڙ بحران جو پهريون مرحلو وڏين بينڪن جي ڏيوالي نڪرڻ تي ٻڌل هيو. آمريڪا سميت سموري دنيا جي بينڪاري نظام کي رياستن طرفان کربين ڊالرن ۽ يوروز جا ٽڪا لڳائي ڪري بچايو ويو پر سرمائيداري جي داعين کان اهو سوال لازمي پڇڻ گهرجي ته ان پراڻي نظريي جو ڇا ٿيو جنهن ۾ چيو ويو هيو ته جيڪڏهن مندي کي آزاد ڇڏيو وڃي ته اها سمورا مسئلا خود بخود حل ڪري ڇڏيندي؟ ۽ ان عظيم سڏجندڙ نظريي جو ڇا ٿيو جنهن تحت چيو پئي ويو ته رياست کي ڪنهن به حوالي سان معيشت جي معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي؟ پر اسان هينئر ڏسي سگهون ٿا ته نظام کي بچائڻ لاءِ ان کي عوامي سرمائي مان لڳايل ويڪسينز به نتيجي جوڳيون ثابت نه ٿيون آهن. بحران کي ٽارڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ثابت پيون ٿين. اهو ختم ٿيڻ بجاءِ هاڻي پنهنجو رخ رياستن طرف ڪري چڪو آهي. جيڪو ٿيو آهي اُهو اِهو ته بينڪن جي هڪ وڏي خساري جي جڳهه هاڻي پبلڪ مالیات جو هڪ وڏو بليڪ هول سامهون اچي چڪو آهي. ان جي قيمت ڪير ادا ڪندو؟ پيٽ ڦوڪيل متارا بينڪار؟ جن پنهنجي ڪرتوتن جي ڪري عالمي مالياتي نظام کي ئي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو ۽ جن عوام جي پگهر جي پورهيي سان

ڪمايل پيسي منجهان لڪ ۾ پنهنجا ڪيسا ۽ تجوريون پريون آهن ۽ هاڻي اهي پنهنجو پاڻ کي وڏن وڏن بونسن سان نوازي رهيا آهن. نہ قطعي طور ب نہ اهي ان جي قيمت ادا نہ ڪندا. معاشي ماهر ۽ سياستدان جنهن خساري بابت مٿو پٽي رهيا آهن، ان کي سماج جا سڀ کان وڌيڪ غريب ۽ ڪمزور حصا ئي پورو ڪندا. اوچتو ئي اها خبر ب سامهون آئي آهي ت بئين، بيمارن ۽ بيروزگار جي لاءِ ڪا ب رقم موجود ڪونهي ڪا البت بينڪارن جي لاءِ بي انتها پيسو موجود آهي. ان مان مراد اها آهي ت مستقل طور ڪٽوتيون ڪندڙ حڪومتون قائم ٿيون چڪيون آهن. پر اها صورتحال وري نون تضادن کي پيدا ڪري رهي آهي، طلب کي ڪٽڻ سان منڊي سڪڙجي ويندي آهي جنهن جي ڪري زائد پيداوار جو بحران وڌيڪ گهيرو ٿيندو ويندو آهي. هاڻي معاشي ماهر هڪ پي انهدام جي اڳڪٿي ڪري رهيا آهن جنهن سان حڪومتون نئين بحران ۽ ناٽو لاڙ جو شڪار ٿيندو ويندو ۽ جنهن سان عالمي مالياتي نظام جا ٻکيا ئي ايڙجي ويندا. ان جي قطع نظر ت سياستدان خسارن سان منهن ڏيڻ جي حوالي سان چا ٿا چون، قرضن جي شرح اتي وڃي پهتي آهي جو اهي ادا نہ ٿا ڪري سگهجن. يونان ان حقيقت جي زنده مثال آهي. مستقبل هڪ ٻئي گهيري بحران، ڪرندڙ معيارِ زندگي، دردناڪ سمجهوتن ۽ انسانن جي اڪثريت جي لاءِ غربت جي ڪاهي ۾ ڪرڻ جي منظرنامي سان لبريز آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه وڏي ۽ اعليٰ پيماني جي نئين سرڪشين، نئي طبقاتي جدوجهدن کي جنم ڏيڻ جو ذريعو بڻجندو. اهو سرمائيداراڻي نظام جو عالمي بحران آهي.

ڪجهه مسيکن ماڻهو (عقل کان پورا: مترجم) اهو سوال ڪن ٿا ت جيڪڏهن ان سموري حالتن جي ڪري سوشلزم اٽڪل آهي ت پوءِ ان جي لاءِ جدوجهد چو ڪجي؟ (مطلب جيڪڏهن سرمائيداري جي بحران جي ڪري سوشلزم پنهنجو پاڻ ئي نازل ٿي ويندو ت پوءِ آخر جدوجهد چو ڪجي، چپ ڪري ويهي تماشو چو نہ ڏسجي: مترجم) هڪ حقيقت طور تي اهو ممڪن آهي ت اوهان هڪ سخت تقدير پرست هجو ۽ اهو ب ممڪن آهي ت اوهان هڪ سرگرم انقلابي ڪردار ادا ڪرڻ جي حوالي سان

پنهنجو پاڻ کي وقف ڪرڻ لاءِ تيار هجو. ستين صدي ۾ ڪالونسٽس (Calvinists) سخت تقدير پرست هوندا هئا. کين ان ڳالهه مٿان ڪامل ايمان هيو ته تقدير پهريان کان ئي طئ ٿيل آهي ۽ اهو ته هر انسان جي تقدير ۽ نجات جو فيصلو سندس پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي ٿي چڪو آهي. پر ان سخت عقيدي رکڻ باوجود به حالتون ڪالونسٽن کي به ڪمزور ٿيندڙ جاگيرداراڻي نظام ۽ ان جي نظرياتي محافظ رومن ڪيٿوليڪ چرچ جي خلاف جدوجهد ۾ انقلابي ڪردار ادا ڪرڻ کان نه روڪي سگهيون. ان جو جيڪڏهن مختصر سبب بيان ڪجي ته اهو ٿيندو ته اهي انصاف پرست ۽ پنهنجي مقصد جي ڪاميابي جي اٽٽر فتح تي ڪامل يقين رکندا هئا ۽ پنهنجي جدوجهد کي ڪاميابي سان همڪنار ڪرڻ جي لاءِ بي انتها بهادري سان وڙهندا هئا.

هن وقت پراڻو نظام گوڏن ۾ پنهنجا آخري پساهه کڻي رهيو آهي ۽ سڪرات واري حالت ۾ آهي ۽ هڪ نئون سماج جنم وٺڻ جي لاءِ جستجو ڪري رهيو آهي پر اهي فرد جيڪي هن موجود نظام مان جهجهو مال ڪمائي يا گڏ ڪري چڪا آهن ۽ ڏينهنون ڏينهن امير ٿيندا پيا وڃن انهن کي اها پڪ آهي ته هي نظام (سرمائيداري) سدا ائين ئي رهندو ۽ اهي ان جي خاتمي کي ڪڏهن به قبول نه ڪندا. آخر ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه ٻڌندي ڏسندي هي حڪمران طبقا ان ڳالهه کي ترجيح ڏينداڇو نه سمورو سماج ئي تباه ٿي وڃي. سرمائيداراڻي نظام جي ڌهڑ واري عمل جي ڀيگهه انساني تهذيب ۽ ثقافت جي لاءِ سنگين ۽ موتمار خطره پيدا ڪري ڇڏيا آهن. اسان جو اهو اولين فرض بڻجي ٿو ته اسان نئين سماج جي پيدائش جي عمل ۾ مددگار بڻجون ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايون ته اهو عمل نفاست سان سرانجام ڏنو وڃي ۽ گهٽ کان گهٽ تڪليف ڏيندڙ هجي ۽ جنهن جي دوران انسانيت جو گهٽ کان گهٽ نقصان ٿئي. پنهنجي دشمنن جي واويلائن جي ابتڙ، مارڪسسٽ ڪنهن ريت به تشدد جي وڪالت ناهن ڪندا پر اسان حقيقت پسند آهيون ۽ اهو بخوبي ڄاڻون ٿا ته گذريل ڏهن هزار سالن جي تاريخ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ڪنهن به حڪمران طبقي يا پرت پنهنجي

دولت، طاقت ۽ مراعتن تان بغير مزاحمت هٿ کٽڻ قبول ناهي ڪيو. ان جو سادو مطلب اهو آهي ته اها لڙائي ايجان متروڪ ناهي ٿي ۽ اڄ وري اهو ساڳيو معاملو درپيش آهي.

اها سرمائيداري جي زوال پذيري ئي آهي جنهن دنيا کي وحشياڻي تشدد طرف ڌڪي ڇڏيو آهي. تشدد جي امڪانن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ، انتشار ۽ جنگين کي ختم ڪرڻ، سوشلزم جي طرف انتهائي پرسڪون ۽ منظم عبور جي لاءِ سڀ کان پهرين ترجيح ۽ شرط اهو آهي ته پورهيت طبقو جدوجهد جي لاءِ متحرڪ ٿئي ۽ حتمي ڪاميابي تائين ويڙهه جي لاءِ تياري ڪري.

سمورا رستا تباهي طرف:

سرمائيداراڻي نظام جي طرفان هر انسان کي محفوظ ۽ خوشحال مستبقل فراهم ڪرڻ جو اڄ تائين جي ڪيل سمورين دلڪش دعوائن جي بلڪل ابتڙ جيڪا اسين حقيقي دنيا ڏسون پيا ان ۾ ڪروڙين انسان غربت ۽ بک جو شڪار آهن جڏهن ته امير ماڻهو امير کان امير ترين ٿيندا پيا وڃن. انسان جو هڪ وڏو تعداد مستقل طور ان خوف منجهه زندگي گذاري رهيو آهي ته سندن مستقل کڻڻو هوندو جنهن جو فيصلو معقول فيصلن نه پر منڊي جي وحشي گهٽ وڌائي کي ڪرڻو آهي. مالياتي بحرانن، وسيع بيروزگاري ۽ هڪ مٿان ٻي سياسي ۽ سماجي سرڪشين ڪيترين ئي شين کي لوڏي ڇڏيو آهي. جيڪو مستحڪم ۽ مستقل هلندو رهيو آهي اهو راتون رات تحليل ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح ماڻهو جن شين جا عادي ٿي چڪا هوندا آهن ان بابت سوالیہ انداز ۾ سوچڻ شروع ڪري ڇڏن ٿا. مسلسل بيچيني جي اها ڪيفيت نفسياتي طور تي انقلاب جي لاءِ راهه هموار ڪندي آهي جيڪا آخرڪار واحد قابل تصور حقيقي حل بڻجي سامهون ايندو آهي. ان ڳالهه کي عمل ۾ ڏسڻ جي لاءِ ڪوئي هڪ نظر يونان مٿان وجهي ته ڪيس سمجهه ۾ اچي ويندو.

هر ڪوئي اهو ڄاڻي چڪو آهي ته سرمائيداراڻو نظام بحران ۾ آهي، پر ان بحران جو علاج ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن سرمائيداراڻو نظام

انتشار ۾ اڻل پڻل جوڳو نظام آهي جيڪو اڻٽر طور بحرانن کي جنم ڏي ٿو تہ لامحالا ڪوئي بہ اهو نتيجو ڪيندو تہ بحرانن منجهان نجات جي لاءِ سرمائيداراڻي نظام کي ئي ختم ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن توهان الف (بحران طرف اشارو: مترجم) چئي سگهو ٿا تہ پوءِ اوهان کي "ب، ب." (ان جي حل بابت بہ ڳالهائڻ گهرجي: مترجم) چوڻ بہ اڇڙ گهرجي. پر بورجوازي معاشي ماهر اهو ڪجهہ ڪرڻ کان انڪاري آهن. ڇا اهڙو طريقيڪار موجود ناهي جنهن جي مدد سان بورجوازي زائد پيداوار جي بحران مان نڪري سگهن؟ بيشڪ موجود آهي. ان ڏس ۾ هڪ طريقو اهو ٿي سگهي ٿو تہ وياج جي شرح کي گهٽ ڪيو وڃي تہ جيئن منافعن جي شرح کي وڌائي سگهجي ۽ سرمائيداري کي فروغ ڏئي سگهجي. پر نظر وجهنداسين تہ پتو لڳندو تہ وياج جي شرح تہ پهرين ئي زيرو جي ويجهو آهي. هلو ان کي ايان گهٽ ڪريون ٿا يعني ان کي منفي (ڪاٽو) سطح تي کڻي ٿا هلون. ان سان بينڪيون ماڻهن کي قرض ڏينديون. پر اهو سمورو ڪجهہ سراسر بيوقوفي هوندو پر سرمائيدار اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ بابت بہ بحث مباحثہ ڪري رهيا آهن! ان مان ئي ظاهر ٿي ويو تہ هو (سرمائيدار) ڪيتري قدر بي چين ٿيندا پيا وڃن. ٻيو طريقو اهو آهي تہ رياستي خرچ وڌايا وڃن ۽ اهو اِهو طريقو آهي جنهن جي اصلاح پسند ۽ ڪينشينسٽ ماهر وڪالت پيا ڪن. پهرين ڳالهہ اها تہ اهو سڀ ڪجهہ آزاد منڊي جي معيشت جي ڏيوال پٽي کي ظاهر ڪري ويو. نجي شعبو ايترو تہ ڪمزور. بوسيده ۽ صحيح لفظن ۾ بيان ڪجي تہ ايترو تہ ڏيوال پٽي جو شڪار ٿي چڪو آهي جو ان کي لازمي طور تي رياست تي ڀاڙڻو پوندو جيئن هڪ منڊي ماڻهو کي لٽ جي سهاري جي ضرورت پوندي آهي. پر اهو حل بہ هن نظام جي بچڻ جو رستو نہ ٿيو ڏيکاري.

اهو صاف ظاهر آهي تہ بينڪيون ۽ وڏيون وڏيون هڪ هٿيون پنهنجي بقا جي لاءِ رياستن جون محتاج ٿي چڪيون آهن. مشڪلاتن ۾ ڦاسي پوڻ کان ترت پوءِ، اهي سڀ شخص جيڪي اهو چوندا رهيا تہ رياست کي معيشت ۾ ڪو بہ ڪردار ادا نہ ڪرڻ گهرجي، پر هينئر تڪڙو ئي هٿ

ٽنگيندا حڪومتن وٽ پهنچي ويا آهن ۽ گريون رقمون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ لڳا آهن. حڪومتن بہ ڪين فوري طور ئي "بلينڪ چيڪس" ڏئي ڇڏيا آهن. عوام جي دولت منجهان ڪربين پائونڊ بينڪن جي حوالي ڪيا ويا آهن. مجموعي طور تي اها رقم 14 ڪرب ڊالرز جي لڳ ڀڳ ٿئي ٿي. پر ان باوجود بحران جاري ۽ ساري ئي نہ پر ان ۾ ايجان واڌارو ايندو پيو وڃي. گذريل سالن ۾ جيڪو نتيجو نڪتو آهي اهو اهو آهي تہ تباهي جو ازدها نانگ جيڪو بينڪن کي ڳڙڪائڻ وڃي رهيو هيو ان هاڻي پبلڪ مالڪيات طرف رخ ڪيو آهي. بينڪن کي بچائڻ لاءِ هر عام فرد منجهان توقع ڪئي پئي وڃين تہ اهي قرباني ڏين پر بينڪارن ۽ سرمائيدارن کان ڏري برابر قرباني نہ پئي ورتي وڃي، جن جي ڪري ئي سمورو مسئلو موجود آهي. ان جي ابتڙ اهي ٽيڪس ادا ڪندڙن جي پيسن منجهان پنهنجو پاڻ کي مراعتون ڏيڻ ۾ پورا آهن. وڏن خسارن جي موجودگي اهو ظاهر پئي ڪري تہ رياستي خرچن ۾ اضافو آڻڻ جي ڪينشينسٽ دليل پنهنجي ئي ٻوجھ هيٺان دٻجي چڪي آهي. رياستون پلا اهو خرچ ڪهڙي نموني ادا ڪري سگهنديون جيڪو سندن وس ۾ ئي ناهي؟ هڪڙو رستو هينئر تائين انهن لاءِ ڪليل آهي ۽ اهو آهي ڪرنسي جي ڇپائي، جنهن کي "Quantitative Easing" يعني "مقداري آساني" جو نالو ڏنو ويو آهي. تمام وڏي مقدار ۾ مصنوعي سرمائي جي ٽڪن ذريعي معيشت کي هلائڻ پنهنجي تباهي جي لاءِ خود قبر کوٽڻ جي مترادف آهي. هي ان نشئي جهڙي ڪيفيت آهي جيڪو تمام گهٽي مقدار جي نشي جون سيون پنهنجون پاڻ کي هٽندو آهي تہ جيئن پهرين جهڙا سرور ونی سگهي. اهڙو ئي طريقو آزمائڻ جي ڪري هي همراهہ بہ نظام کي وڌيڪ زهريلو ڪندي ان جي صحت کي وڌيڪ تباهي جوکو پيا ڪن. اهي قدم هڪ حقيقي بوکلاهٽ جو اظهار آهي جيڪا دير يا سويل افراطِ زر ۾ اضافو ڪندي. اهڙي طرح اهي ايندڙ وقت ۾ هڪ ٻئي وڏيڪ شديد بحران جو رستو هموار ڪري رهيا آهن. هي ان حقيقت جو اٽنر نتيجو آهي تہ گذريل عرصي ۾ سرمائيداراڻو نظام پنهنجي حدن کان ٻاهر نڪري چڪو آهي. هڪ بحران کان بچڻ لاءِ ۽ ان کي روڪڻ جي لاءِ

هنن اهي طريقا پهرين ئي اختيار ڪري ڇڏيا جيڪي هينئر انهن کي بچائي پئي سگهيا. اهو ئي سبب آهي جو بحران ايترو ته شديد گهيرو ۽ سخت ٿيندو پئي وڃي. جيئن ته مارڪس وضاحت ڪئي هئي ته سرمائيداراڻو نظام پنهنجي بحرانن مان ان ئي صورت ۾ نڪرندو آهي جڏهن "پنهنجي لاءِ وڌيڪ شديد ۽ وڌيڪ تباه ڪندڙ بحران کي جنم ڏي ۽ انهن سڀني ذريعن کي تباه و برباد ڪري ڇڏي جيڪي بحرانن کي ٽاري سگهن ٿا." (ڪميونسٽ مينيفيسٽو)

وڏو عرصو اڳ ڪليسا جو نعرو هيو ته "سڀئي رستا روم طرف". اڄڪلهه بورجوازي ان جي جڳهه تي نئون نعرو ڏنو آهي"سڀئي رستا بربادي طرف." اها ڳالهه ئي ناقابل تصور ٿي لڳي ته هڪ بحران جيڪو سموري دنيا کي انتشار ۾ ڌڪيندو پيو وڃي، جيڪو لکين انسانن کي بيروزگاري، غربت ۽ مايوسي جي دلدل ۾ دسيندو پيو وڃي، جيڪو نوجوان نسل کان سندن مستقبل کسڻ تي لهي آيو آهي، جيڪو صحت، گهر، تعليم ۽ ثقافت کي تباهه ڪري رهيو آهي ۽ انهي سموري صورتحال ۾ اهو ڪنهن سياسي ۽ سماجي بحران کي پيدا نه ڪندو. ان بجاءِ اهو بيحد وڏن سياسي ۽ سماجي بحرانن کي جنم ڏيندو. سرمائيداراڻي نظام جو بحران هر طرف انقلاب لاءِ حالتون تيار پيو ڪري.

اهو ڪنهن به حوالي سان ڪو نظرياتي مفروضو ناهي. اها هڪ حقيقت آهي. جيڪڏهن اسان رڳو گذريل 12 مهينن جي حالتن مٿان نظر وجهنداسين ته اسان چا ٿا ڏسون؟ هڪ پڻيان ملڪن ۾ انقلابي تحريڪون وقوع پذير ٿئي رهيون آهن. تيونس، مصر، يونان، اسپين ايسيتائين جو آمريڪا جي اندر آڪوپائي وال اسٽريٽ موومينٽ ۽ ان کان اڳ وسڪانسن ۾ وڏا وڏا عوامي احتجاج. اهي ڊرامائي انداز ۾ ظاهر ٿيندڙ واقعا هڪ واضح علامت آهن ته سرمائيداراڻي نظام جو بحران عالمي سطح تي هڪ مزاحمت کي جنم ڏئي رهيو آهي. ماڻهو صورتحال منجهان انقلابي سبق حاصل ڪن پيا.

جيسيتائين زمين، بينڪيون ۾ وڏيون وڏيون هڪ هٿيون هڪ محدود اقليت جي هٿن ۾ رهنديون، تيسين سمورا بنيادي فيصلا ۽ اقليت (حڪمران) ڪندي، اهڙا فيصلا جيڪي ڏرتي جي ڪروڙين انسانن جي زندگين ۾ قسمت کي متاثر ڪندا. امير ۽ غريبن ۾ وڏي وڻ ٽيل ناقابل برداشت فرق، سماجي رشتن تي پنهنجو ڏاڍ وڌائيندو پيو وڃي. پراڻي سوشل ڊيموڪريسي جي طبقاتي امن ۽ سماجي دوستي تي ٻڌل سماج جي خواب جون بنيادون ڪجهه اهڙي ريت ٽٽي چڪيون آهن جو ٻيهر تعمير نه ٿيون ٿي سگهن. آڪيوپائي وال استريٽ موومينٽ جي نعري ۾ ان حقيقت کي هڪ سٽ ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته "هڪ ڀڳالهه جيڪا اسان ۾ عام آهي اُها هي ته اسان (پورهيت) 99 سيڪڙو آهيون جيڪي هاڻي ڪنهن ۽ طور هڪ سيڪڙو (حڪمرانن ۽ سرمائيدارن) جي لالچ ۽ بدعنواني کي وڌيڪ برداشت نه ڪنداسين."

مسئلو اهو آهي ته موجوده احتجاجي تحريڪ پنهنجي مقصدن ۾ ابهام جو شڪار آهي. اها هڪ مضبوط پروگرام ۽ جرتمند قيادت کان محروم آهي. پر اها ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو عمومي اظهار ضرور ڪري رهي آهي جيڪو سطح کان هيٺ پلجي رهيو آهي ۽ جيڪو جلد ئي پنهنجو رستو ڳولهي ونندو. پر هڪ ڀڳالهه جيڪا ٺهه آهي ته اهي سڀ تحريڪون سرمائيداراڻي نظام جي خلاف آهن ۽ اڄ يا سڀاڻي، مختلف ملڪن ۾ سرمائيداراڻي نظام کي ڌاهڻ وارو انقلابي قدمن کڻڻ جو سوال سامهون اچي ويندو. سرمائيداراڻي نظام جي هوندي، جيئن مارڪس واضح ڪيو هيو ته، پيداواري قوتون انتهائي حيرت ڏيارينڊڙ ترقي ڪئي آهي. ان باوجود حڪمران طبقن جا نظريا، پنهنجي سڀ کان ساراهه جوڳي دؤر ۾ به، پيداوار، ٽيڪنيڪ ۽ سائنس کان گهٽو پوئتي آهن.

ثقافت کي درپيش خطرا:

سائنس، ٽيڪنڪ ۽ انسانيت جي ترقي جي وچ ۾ فرق جو سڀ کان وڏو اظهار دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته ملڪ آمريڪا ۾ ٿئي ٿو. هي اهو ملڪ آهي جتي سائنس سڀ کان وڌيڪ حيرت انگيز نتيجا

حاصل ڪيا آهن. انسان جي حتمي نجات جو بنيادي شرط ٽيڪنالوجي جي مسلسل ترقي آهي. انسان جي معيشت جي شعوري منصوبہ بندي جي بدولت غربت، جهالت، بيماري ۽ فطرت جي انسان مٿان غلبي جو خاتمو ٿي سگهي ٿو. نہ صرف هن ڌرتي پر خلا کي فتح ڪرڻ جو بہ انسان لاءِ رستو کلي چڪو آهي. ان باوجود ٽيڪنڪي طور تي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ملڪ جي اندر قديم ترين وهم وسوا پنهنجي حڪمراني قائم رکيون پيا اچن. ڈهن منجهان 9 آمريڪي هڪ المهامي ديو شڪتي جي وجود تي يقين رکن ٿا، جڏهن تہ ڈهن منجهان ست موت بعد زندگي تي ايمان رکن ٿا. 1968ع جي ڪرسمس واري ڏينهن، جڏهن چنڊ جي چئوطرف چڪر لڳائيندڙ پهرين انسان کان سوال ڪيو ويو تہ هو پنهنجي آمريڪي عوام جي خلا منجهان ڪهڙو پيغام موڪليندو تہ هن سموري دنيا جي ادب منجهان "Genesis" جي پهرين ڪتاب جي چونڊ ڪئي. جديد ترين اوزارن ۽ مشينري سان ليس پنهنجي خلائي جهاز ۾ ويٺي هن هي لفظ چيا "ابتدا ۾ خدا زمين ۽ جنت کي تخليق ڪيو."

ڊارون جي وفات کي هڪ سئو ٽيه سالن کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي، پر آمريڪا ۾ اڄ بہ ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد کي يقين آهي تہ بائيبل ۾ جيڪو ڪجهہ چيو ويو آهي اهو لفظ لفظ درست آهي. اهي اسڪولن منجهہ ڪتابِ مقدس ۾ موجود انساني تخليق بابت پڙهائڻ کي فطري چونڊ تي ٻڌل ارتقائي نظريي جي پڙهائڻ تي وڌيڪ ترجيح ڏين ٿا. تخليقي نظريي کي وڌيڪ معتبر ثابت ڪرڻ جي لاءِ ان جي چاهيندڙن ان کي "Intelligent Design" جو نالو ڏنو آهي جنهن سان فوري طور تي ذهن ۾ اهو سوال ايري اچي ٿو تہ ان ذهن ڊيزائنر کي ڪنهن ڊيزائن ڪيو؟ ان معقول سوال جو نہ انهن وٽ ڪوئي جواب آهي، نہ ئي ڪوئي ان ڀالهہ جي وضاحت ڪري سگهي ٿو تہ سندن مبينہ ذهين ڊيزائنر دنيا ناهڻ جو ايڏو مايوسي جوڳو ۽ بربادي وارو ڪم آخر ڇو ڪيو؟ ڇو اهڙي دنيا ڊيزائن ڪئي جنهن ۾ ڪينسر، طاعون، ايڊز ۽ مائيگرين جهڙيون موذي بيماريون آهن. رت پي ڪري جيئرا رهندڙ ڪوئا، ڪيئان، سرمائيدار ۽ بينڪار ڇو

ڊيزائن ڪيا ويا؟ ان ڳالھ بابت ب سوچڻ گھرجي ت چاجي ڪري اسان جي جينز جي وڏي تعداد بيڪار مادي مان ٺھيل ھوندي آھي؟ انھن سمورين ڳالھين تي نظر وجھندي اھو ئي تاثر ملي ٿو ت اسان جو ذھين ڊيزائنر (الھامي شخصيت) ايتري ب ذھين ڪونھي ڪا. ڪيستائل جي بادشاھ عظيم الفانسو (84_1221ع) چيو ھيو ت "جيڪڏھن دنيا تخليق ڪرڻ وقت ھو موجود ھجي ھا ت تخليق ڪندڙ کي تمام گھٽا فائيدمند مشورا ڏي ھا ت جيئن ھڪ بھتر ڪائنات تخليق ڪري سگھجي ھا." بيشڪ ھڪ 11 سالن جو عام عقل وارو ذھين ٻار ب ان کان بھتر نموني ان ڪم کي سرانجام ڏي ھا. پر اھا ڳالھ ب درست آھي ت مغربي ملڪن جي اندر چرچ جي اثارٿي زوال جو شڪار آھي. عملي ايمان رکندڙن جي تعداد تمام ٿوري بچي آھي. اسپين ۽ آئرلينڊ ۾ ت چرچ جي لاءِ نوان پادري پرتي ڪرڻ ۾ مشڪلاتن کي منھن ڏيڻو ٿو پوي. ويجھي عرصي دوران عوام خاص طور نوجوانن جي چرچ ۾ حاضري نھايت تيزي سان گھٽجي رھي آھي. چرچ جي ان زوال بعد وري بي بيماري. مختلف قسمن جا ۽ طريقن جا ٻيا فرقا ڪينسر جيان ڦھيلجي رھيا آھن ۽ مختلف قسمن جي تصوف ۽ وھم وسون سان اھي ٻريا ٻيا آھن. قرون وسطي واري بربريت جي دؤر واري باقيات منجھان ھڪ. دست شناسي ھڪ فيشن وانگر عام ٿي چڪي آھي. سينما. ٽيليوزن ۽ ڪتب خانا ان قسم جي مواد سان ٻريا ٻيا آھن جيڪي ھڪ وڏي ننگي تصوف ۽ وھم پرستي تي ٻڌل آھن. اھي سڀ ھڪ سماجي نظام جي ڳري سڙيڻ جون واضح نشانيون آھن جيڪو پنھنجي عمر پوري ڪري چڪو آھي ۽ جيڪو ڪنھن ب حوالي سان ھڪ تاريخي ترقي پسند قوت ناھي رھيو ۽ جيڪو آخرڪار پيداواري قوتن خلاف ڪلم ڪلا جھيڙي تي لھي آيو آھي. ان تناظر ۾ پورھيت طبقي طرفان بورجوا سماج جي تڪليف ۾ ورتل حصي کي ھڪ سرجن جيان ڪٽي ڌڻي ڪرڻ جي جدوجھد جو مطلب اھو ب آھي ت ھي سائنس ۽ ڪلچر جي ان حاصلات جي دفاع جي ب جدوجھد آھي جن کي بربريت ٻريون قوتون ڳڙڪائڻ تي بضد آھن.

انسانيت جي سامهون واضح متبادل موجود آهي سماج جي سوشلسٽ تبديلي، بورجوازي جي سياسي ۽ معاشي قوتن جو خاتمو انساني تهذيب جي لاءِ نئين مرحلي جي جستجو ۽ جدوجهد يا وري ٻي طرف تهذيب، ايسيتائين جو خود زندگي جو خاتمو ۽ تباهي ارضيات جا ماهر مسلسل اهو چتاءُ ڏيندا پيا اچن تہ ماحول کي برباد ڪيو پيو وڃي ۽ ان منجهان انسانيت کي شديد خطرو لاحق آهي. اهي بلڪل درست پيا چون پر اهي ان اڻ تجربيڪار ڊاڪٽر سان مشاهبت رکن پيا جيڪو بيماري جي علامتن جي تہ نشاندهي ڪندو آهي پر بيماري جي نوعيت جي تشخيص ناهي ڪري سگهندو يا ان جو علاج تجويز ناهي ڪري سگهندو. نظام جي تنزلي جون علامتون واضح آهن، نہ صرف معاشيات جي شعبي ۾ پر اخلاقيات، ثقافت، فن ، موسيقي ۽ فلسفي ۾ بہ سرمائيداراٽي نظام کي ڊيگهہ ڏيڻ جي ڪوشش ۾ صرف پيداواري قوتن کي ئي تباهہ ڪو نہ پيو ڪيو وڃي پر ان سان ڪلچر کي بہ شديد خطرا لاحق آهن. ان سان شڪست جي جذبن ۾ واڌارو اچي رهيو آهي ۽ سماج جون سمورا حلقا چڙ واري حالت جي لپيٽ ۾ آهن. ان سڀني شين جا مستقبل ۾ نهايت پيانڪ اثر سامهون ايندا. اڄڪلهہ هلي ڪري سرمائيداراٽي نظام جو وجود جمهوريت ۽ پورهيت طبقي جي تريڊ يونين واري حقن سان بہ دشمني تي لهي ايندو. ڏوهن ۽ تشدد ۾ اضافو، جنسي چڙواڳي، بورجوا خوغرضي، بين جي تڪليفن کان بي رحماڻي بي نيازي، اذيت پسندي، خاندان جي ٽوڙ ڦوڙ ۽ روايتي اخلاقيات جو انهدام، منشيات ۽ شراب نوشي ۾ اضافو... اهي سموريون شيون ملي ڪري رجعت پرستن جي منافقاڻي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي مشتعل ڪن پيون ۽ اهي سڀ سرمائيداراٽي نظام جي ڪامل زوال پذيري جي علامتون آهن. سلطنت روم ۾ غلام داراٽي سماج جي زوال جي وقت بہ بلڪل اهڙو ئي لڏاءُ سامهون آيو هيو.

سرمائيداراٽي نظام جيڪو منافع کي هر شئي مٿان ترجيح ڏيندو آهي، هاڻي اهو ان فضا کي جنهن ۾ اسين ساهہ کڻون ٿا، ان خوراڪ کي جيڪا اسين کائون ٿا، ان پاڻي کي جيڪو اسين پيئون ٿا زهريلو بڻائي رهيو آهي. يورپ ۾ گوشت جي پيداوار ۾ ملاوٽ جو تازو اسڪينڈل ان ڳالهہ جو

اشارو ڪري ٿو ۽ اهو ته اڄان آبشار مان پهريون قطرو وهي ڪري سامهون آيو آهي. جيڪڏهن اسان اڄان انهن وڏين وڏين هڪ هٿين يا بينڪين کي وڌيڪ پنجاهه سال يا ان کان وڌيڪ عرصو ڪم ڪرڻ ڏنو ته عين ممڪن آهي ته ڏرتي جي تباهي ان نقطي تائين پهچي وڃي جو پوءِ ان کي سنڀالڻ ئي ناممڪن بڻجي وڃي ۽ اهڙي طرح انسانيت جي وجود جو مستقبل ئي داءُ تي لڳي وڃي. تنهن ڪري سماج کي تبديل ڪرڻ جي جدوجهد هاڻي زندگي ۽ موت جي جدوجهد بڻجي چڪي آهي.

منصوبہ بند معيشت جي ضرورت:

گذريل ويهن سالن جي دوران اها معاشي پروپيگينڊا ٻڌي ٻڌي اسان جا ڪن ئي پچي پيا هئا ته هڪ سوشلسٽ منصوبہ بند معيشت جو نظريو فنا ٿي چڪو آهي ۽ اهو ته منڊي جي معيشت پنهنجي سيني اوزارن ۽ طريقن سان ٻيروزگاري کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪندي دنيا کي امن ۽ خوشحالي سان همڪنار ڪري ڇڏيندي. هاڻي 2008ع واري مالياتي انهدام کان پوءِ ماڻهن اڳيان اها ڳالهہ چٽي نموني کلي ڪري سامهون اچي چڪي آهي ته موجوده نظام ته سڀ کان بنيادي انساني ضرورتن کي بہ فراهم ڪرڻ يا پورائي ڪرڻ جي صلاحيت نہ ٿو رکي يعني هڪ روزگار، زنده رهڻ جي لاءِ گهربل اجرت، هڪ گهر، سٺي تعليم، علاج جي سهولت، هڪ مناسب پينشن، هڪ محفوظ ماحول، آبادي جي اڪثريت لاءِ صاف هوا ۽ صاف پاڻي وغيره. اهڙي نظام مٽان ملامت ڪرڻ انهن سمورن غور و فڪر ڪندڙ انسانن جو فرض بڻجي ٿو جن جون اکيون هن نظام جي هٿرادو چمڪ جي ڪري اڄان انڌيون ناهن ٿيون، انهن جيان جن جو اول آخر مقصد انهن مخصوص ماڻهن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي جيڪي هن نظام جي ڏانچن منجهان فائدو ونندا پيا اچن ۽ جيڪي ڪڏهن بہ اهو يقين ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ته ڪو هي نظام سدائين ائين ڪو نہ هلندو ۽ هن کي هڪ ڏينهن ختم ٿيڻو آهي.

ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۽ ان ڪتاب جو مرڪزي نڪتو اهو انقلابي پيغام آهي ته سرمائيداراڻو نظام هميشہ جي لاءِ ناهي. هي اهو عنصر

آهي جيڪو موجوده نظام جي رکوالن جي لاءِ هضم ڪرڻ مشڪل بڻجي رهيو آهي ۽ اها ڳالهه فطري ۽ آهي. تاريخ جي هر سماجي معاشي نظام کي پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ اها خوش فهمي رهي آهي ته سماجي ترقي صرف ۽ صرف ان جي ئي بدولت آهي ۽ رهندي. جيتوڻيڪ اها ڳالهه عام انساني فهم جي نڪته نگاهه کان ۽ سراسر غلط آهي. جيڪڏهن اسان اهو تسليم ڪريون ٿا ته فطرت منجهه هر شئي تبديلي جي عمل منجهان گذرندي رهي ٿي ته پوءِ سماج ان کان ڪيئن مٿانهون ٿي سگهي ٿو؟ جيڪي حقيقتون اسان سامهون رکيون آهن انهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ۽ اشارو ملي ٿو ته سرمائيداراڻو نظام پنهنجي ترقي پسنداڻي مشن کان دستبردار ٿي چڪو آهي. هر ذهين انسان اهو محسوس ڪري ٿو ته پيداواري قوتن جي آزاداڻي ترقي تقاضو ڪري ٿي ته دنيا جي سيني ملڪن جي معيشت کي هڪ مشترڪ منصوبي ۾ گڏيل طور جوڙيو وڃي. جنهن جي بدولت اسان ڌرتي جي بي شمار ۽ قيمتي وسيلن کي دنيا جي سمورن انسانن جي فائدي جي لاءِ استعمال ۾ آڻڻ جي قابل ٿي سگهنداسين. ان سچائي کي اهي سيئي سائنسدان ۽ ماهر به تسليم ڪن ٿا جن جو سوشلزم سان ڪو به تعلق يا واسطو ناهي پر سندن دل ۽ دماغ ان ڪرب سان ڀريل آهن ته انساني نسل جي وڏي اڪثريت انتهائي ڪريل ۽ ڏکين حالتن منجهه زندگي گذاري رهي آهي. جيڪي اهو سمجهن ٿا ۽ ان جي باري ۾ سخت تشويش جو شڪار آهن ته ماحولياتي تباهي ڪري چا چا پيو ٿئي. بدقسمتي سان سندن نيڪ نيتي تي ٻڌل ڳالهيون ۽ مطالبہ سماعت کان محروم ماڻهن مٿان ڪو به اثر نه پيا ڪن. جو جو انهن جي ڪري وڏين هڪ هٿين جي مفادن مٿان آڏر ڪجي ٿي جن جو عالمي معيشت مٿان قبضو ۽ غلبو آهي جن جي خيال مطابق انسانيت جي فلاح ۽ بهبود ۽ ڌرتي جي مستقبل نالي جي ڪائي شئي وجود ئي نه ٿي رکي. ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ لالچ ۽ منافعن لاءِ ڀڄ ڊڪ ئي انهن جي زندگي جي سڀ کان پهرين ۽ حتمي ترجيح آهي.

معاشي منصوبہ بندي جي سرمائيداراڻي انتشار تي برتري کي ته خود بورجوازي ۽ سمجهن ٿا، ان باوجود هو ان جو اعتراف کليل نموني نه ٿا

ڪري سگهن. جڏهن هٽلر جي فوج 1940ع ۾ فرانس کي لوڏي چڏيو ۽ برطانيہ کي گوڏن ۾ جهڪڻ تي مجبور ڪيو. تڏهن انهن چا ڪيو ۽ چا چيو هيو؟ چا اهو چيو هيو تہ منڊي جي قوتن کي فيصلو ڪرڻ ڏنو ويڃي؟ بلڪل بہ نہ. پر انهن معيشت کي مرڪوز ڪري ورتو هيو. ضروري صنعتن کي قومي تحويل ۾ ورتو ويو هيو ۽ فوري طور موثر حڪومتي ڪنٽرول لاڳو ڪيو ويو هيو. ڪيترائي معاشي قاعدا ۽ ضابطہ متعارف ڪرايا ويا هئا. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اهي پوءِ مرڪزيت ۽ منصوبہ بند معيشت طرف مائل ٿيا؟ ان جو جٽو ۽ سڌو سبب اهو آهي تہ معاشي منصوبہ بندي نهايت بهتر نتيجا ڏيندي آهي. ان تي ڪوئي بحث ناهي تہ سرمائيداراٽي نظام تحت پيداوار جي ڪائي حقيقي منصوبہ بندي ناممڪن هوندي آهي. تنهن ڪري ان باوجود جنگ جي ڏينهن ۾ چرچل جي مخلوط حڪومت جي طرف کان رياستي سرمائيداراٽي منصوبہ بندي، هٽلر کي شڪست ڏيڻ لاءِ نهايت ضروري هئي. ان جو هڪ ٻيو حيران ڪندڙ مثال سوويت يونين بہ هئو. يورپ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي دراصل هٽلر جي جرمني جي، جنهن کي پوري يورپي وسيلن جي پٺيڙائي بہ ميسر هئي، سوويت يونين سان هڪ وڏي جهيڙي جو سلسلو هئي. اها سوويت يونين ئي هئي جنهن هٽلر کي شڪست ڏني. ان غير معمولي فتح کي سرمائيداراٽي نظام جو دفاع ڪندڙ ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪندا پر اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا پنهنجو ثبوت بہ پاڻ پيش ڪري ٿي. قوميائل منصوبہ بند معيشت ئي سوويت يونين کي جنگ ۾ واضح برتري ڏياري جو سبب بڻي هئي. استالن جي مجرماڻي پاليسين ۽ بيوقوفين سبب سوويت يونين جنگ دوران انهدام جي ويجهو پهچي چڪو هيو پر منصوبہ بند معيشت سبب سوويت يونين کي بحالي جو موقع ملي ويو ۽ هن پنهنجي صنعتي ۽ عسڪري صلاحيت کي ٻيهر کڙو ڪيو. روسين مغرب ۾ موجود پنهنجي سڀني صنعتن کي ختم ڪري چڏيو. 1500 ڪارخانن ۽ ڏيڍ ڪروڙ ورڪرن کي ريل ۽ بحري جهازن ذريعي يورال جي مشرقي علائقي منتقل ڪري چڏيو جتي اهي جرمنن جي دسترس کان ٻاهر هئا. ڪجهہ ئي مهينن جي اندر سوويت يونين، جرمني کان ٽينڪن، بندوقن

۾ جهازن جي پيداوار ۾ گهٽو اچڻ نڪري ويو. ان منجهان بغير ڪنهن شڪ جي نيشنلائيز ڪيل منصوبہ بند معيشت جي برتري ثابت ٿي وڃي ٿي. ان باوجود جو اها استالنسٽ ڪامورا شاهي جي زير انتظام ئي هئي. ٻي مهاپاري لڙائي دوران سوويت يونين جا 2 ڪروڙ 70 لک موت جو ڪاڄ ٻڌيا جيڪو ان جنگ دوران پوري دنيا ۾ مجموعي طور مئلن جو اڌ ٻڌجي ٿو. ان جي (سوويت يونين) صنعت ۾ زراعت ۾ شديد تباهي جي ور چڙهي وئي. ان باوجود ڏهن سالن جي اندر اندر هر شئي ٻيهر تعمير ڪئي وئي ۽ ان جي لاءِ ٻاهران ڪوئي سرمايو ۽ فراهم نہ ڪيو ويو هيو جهڙي ريت مغربي يورپ کي آمريڪا مارشل پلان تحت فراهم ڪيو. عالمي جنگ کانپوءِ جو حقيقي معاشي معجزو جاپان ۽ جرمني نہ. سوويت يونين ڪري ڏيکاريو هيو.

بغير ڪنهن شڪ جي سوشلزم کي جمهوريت جي بنيادن تحت بيهڻ گهرجي پر هيءَ اها مصنوعي جمهوريت ناهي جيڪا آمريڪا ۽ برطانيہ ۾ رائج آهي. تہ جنهن ۾ ڪوئي بہ ڳالهائي تہ سگهي ٿو پر اتي سمورا فيصلا وڏيون بينڪيون يا وري هڪ هٿيون ڪنديون آهن. ان جي برعڪس هڪ اهڙي حقيقي ۽ خالص جمهوريت جنهن ۾ ڪنٽرول ۽ انتظام سماج وٽ هجي ۽ جنهن ۾ ڪم ڪندڙ خود شريڪ هجي. ان ڳالهہ ۾ ڪجهہ بہ خيالي ناهي. ان جا بنياد پهرين ئي موجود آهن. هتي هڪ مثال اوهان جي سامهون رکون ٿا. مون لئہ اها هڪ ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ حيران ڪندڙ ڳالهہ آهي تہ ٽيسڪو (Tesco) جهڙي هڪ وڏي سپر مارڪيٽ ڪهڙي ريت ايڏي وڏي مقدار ۾ ڪنڊ، ڊبل روٽي ۽ ڪير گڏ ڪري ٿي جيڪو لنڊن شهر جي هڪ اهڙي علائقي جي لاءِ ڪافي هوندو آهي جنهن ۾ لکين ماڻهو رهن ٿا. اهو سڀ ڪجهہ سائنسي منصوبہ بندي جي ذريعي ممڪن بڻايو ويندو آهي ۽ ان ۾ ڪا بہ رنڊڪ ناهي ايندي. جيڪڏهن هڪ سپر مارڪيٽ جي لاءِ ان سطح تائين منصوبہ بندي ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿي تہ منصوبہ بندي جو طريقيڪار پوري سماج جي لاءِ چو قابل عمل نہ ٿو ٿي سگهي؟؟

سوشلزم ۽ بين الاقوامیت:

جنهن بہ ڪميونسٽ مينيفيسٽو جو مطالعو ڪيو آهي ان کي علم هوندو تہ مارڪس ۽ اينگلز ان صورتحال جي 150 سال اڳڪٿي ڪري ڇڏي هئي. انهن واضح ڪيو هيو تہ سرمائيدارٹو نظام لازمي طور تي هڪ عالمي نظام تحت ترقي ڪندو. اڄ اهو تجزيو واقعن ۽ حالتن بلڪل درست ثابت ڪيو آهي. اڄ جي موجوده ڪيفيت ۾ ڪو بہ شخص عالمي منڊي جي بي رحماڻي غلبي کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. جڏهن اهو (ڪميونسٽ مينيفيسٽو) لکيو پئي ويو تڏهن اهڙا ڪي انگ اکر بہ موجود نہ هيو جيڪي ان مفروضي کي درست ثابت ڪرڻ جي لاءِ مددگار ثابت ٿين. تڏهن صرف برطانيہ ئي واحد حقيقي ترقي يافتہ سرمائيدار معيشت هيو. فرانس ۽ جرمني تہ ان وقت تائين گڏيل وحدت بہ نہ هئا ۽ فرانس جون نيون صنعتون تڏهن انتهائي بلند ٽيرف جي گهيري ۾ قيد هيون ۽ ان حقيقت کي اڄ مڪمل طور فراموش ڪيو ويو آهي. مغربي معاشي ماهر اڄ سموري دنيا کي اهي پرجوش ليڪچر ڏيندا رهن ٿا تہ اهي پنهنجي پنهنجي معيشتن کي کولي ڇڏن. گذريل ڪجهہ عرصي دوران اهي ماهر "گلوبلائيزيشن" جي باري ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون ڪندا رهيا آهن ۽ اهو چوندا رهيا آهن تہ اِهو ئي اُهو ڪيميائي نسخو آهي جنهن جي مدد سان اهي عروج ۽ زوال جي چڪرن منجهان نجات حاصل ڪري ويندا. 2008ع جي انهدام انهن سمورن خوابن کي چڪنا چور ڪري ڇڏيو جنهن جا شديد اثر سموري دنيا تي مرتب ٿيا. ان گلوبلائيزيشن جي بي رخ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو سرمائيداراڻو نظام ترقي جي جنهن سطح تائين عالمي معيشت کي وٺي ويندو آهي ايڏي ئي سطح جي لاڙ جا سبب بہ اهو پيدا ڪندو ويندو آهي. ڪنهن بہ هڪ ملڪ ۾ جنم وٺندڙ بحران جلد ئي ٻين ملڪن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندو آهي. عروج ۽ زوال جي چڪرن منجهان نجات تہ پري جي ڳالهہ آهي. اڳ جي ڪنهن بہ دؤر جي مقابلي ۾ گلوبلائيزيشن وڌيڪ برباد ڪندڙ ۽ عالمگير اثرن جوڳي ثابت ٿي آهي.

بنيادي مسئلو خود هي نظام آهي. مارڪس جي لفظن ۾ "سرمائيداراڻي پيداوار جي رستي جي حقيقي رڪاوٽ خود سرمايو ئي هوندو آهي." (داس ڪيپٽال جلد 3 حصو ٽيون) معاشي پنڌت جيڪي مارڪس کي غلط قرار ڏيندا رهيا ۽ چوندا رهيا تہ عروج ۽ زوال هاڻي ماضي جو قصو بڻجي چڪو آهي ۽ اهو تہ اسان هاڻي نئين معاشي دؤر ۾ قدم رکي چڪا آهيون. سندن اهڙا سموراً فرمان غلط ثابت ٿيا. موجوده "عروج" پنهنجي اندر معاشي ڦيري جا اهي سڀ خدوخال رکي ٿو جن جي نشاندهي مارڪس ڪيترو ئي عرصو اڳ ڪري ڇڏي هئي. سرمائي جي ارتڪاز جو عمل تصور کان مٿانهين بلندين تي پهچي چڪو آهي. هڪ بي کي پوئتي ڌڪڻ جي ڊوڙ پنهنجي بلندي تي آهي تہ جيئن هڪ هٿي ۾ اضافو ڪري سگهجي ۽ هي عمل پيداواري قوتن کي ترقي بہ نہ پيو ڏي جهڙي ريت ماضي ۾ ٿيندو هيو. ان جي بلڪل ابتڙ ڪارخانہ ان انداز ۾ بند ٿي رهيا آهن جيئن اهي ماچيس جو ڊبيون هجن. ان جي نتيجي ۾ هزارين پورهيتن کي روزگار منجهان ٻاهر ڪڍيو پيو وڃي.

مانيٽر ازم، جنهن کي نيو لبرل ازم جو بائيبل قرار ڏنو پيو وڃي، کي جان ڪينيٿ گلبرائٿ اهڙي ريت ڪوڙي ۾ بند ڪري پيش ڪيو هيو تہ "غريبن وٽ بي پناهہ دولت آهي جڏهن تہ ويچارن اميرن وٽ انتهائي ناڪافي آهي." ريڪارڊ منافع، پنهنجي اندر ۾ ريڪارڊ نابرابري بہ سڻيون پيو آهي. "اڪانومسٽ" رسالي جي مطابق "پوئين پنجويهن سالن جي دوران جيڪو حقيقي رجحان گهٽائي طور روان دوان رهيو آهي اهو وڌن وڌن عهدن تي ويٺل ماڻهن جي آمدني ۾ وڌ کان وڌ اضافي جو آهي." هڪ انتهائي محدود اقليت انتهائي امير ترين آهي. جڏهن تہ محنت ڪندڙن جو ملڪي آمدني ۾ حصو گهٽ کان گهٽ ترين ٿيندو پيو وڃي. سامونڊي طوفان ڪترينا سموري دنيا کي اهو ڏيکاري ڇڏيو تہ ڪهڙي ريت ٽئين دنيا جي ماڻهن جيان آمريڪي شهري ٻئي درجي جي محروم انسانن وانگر زندگي گذارن پيا. اڄ آمريڪي پورهيت ڏهہ سال پهرين جي نسبت کان بہ 30 سيڪڙو وڌيڪ پيداوار ڪري رهيو آهي جڏهن تہ سندن اجرتن ۾ مشڪل سان ئي ڪو اضافو ٿيو آهي. سماجي جوڙجڪ تيزي سان ٻاهہ ڏوهہ طرف

وڌي رهي آهي. سماج اندر مسئلا نهايت تيزي سان وڌندا پيا وڃن ۽ اها ڪيفيت امير ترين ملڪن ۾ بہ موجود آهي. اهو سڀ ڪجهہ طبقاتي جدوجهد جي هڪ وڌي ڏماڪي جي لاءِ راهہ هموار ڪري رهيو آهي. اهو صرف آمريڪا جو معاملو ناهي. سموري دنيا ۾ "عروج" پاڻ سان گڏ تمام وڏي بيروزگاري سميت موجود آهي. پهريان ڪيل اصلاحتون ۽ ڏنل مراعتون واپس ورتيون پيون وڃن.

عالمي منڊي ۾ واپسي جي لاءِ ۽ مقابلي جي دوڙ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ اٽلي کي پنج لک مزدورن کي روزگارن منجهان ڪيڏو پوندو ۽ جڏهن تہ بچي ويلن جي اجرتن ۾ 30 سيڪڙو تائين گهٽتائي ڪرڻي پوندي. هڪ وقت تائين تہ سرمائيداراڻو نظام عالمي تجارت (گلوبلائزيشن) کي وڌائيندي پنهنجي تضادن کي دٻائڻ ۾ ڪامياب رهيو. تاريخ ۾ پهريون دفعو ائين ٿيو آهي سموري دنيا ڇڪجندي عالمي منڊي جو حصو بڻجندي وئي. سرمائيداران کي نيون منڊيون ۽ چين سميت ٻين ملڪن ۾ سرمائيڪاري جا موقع مليا. پر هاڻي اهو سڀ ڪجهہ پنهنجن حدن کي پهچي چڪو آهي. آمريڪي ۽ يورپي سرمائيدارن ۾ هاڻي گلوبلائزيشن ۽ آزاد تجارت متعلق پهريون وارو جوش ۽ جذبو باقي ناهي رهيو ڇو جو سستي چيني شيون جا انبار انهن جي گهرن ٻاهران لڳل آهن. آمريڪي سينٽ ۾ پروٽيڪشنسٹ (Protectionist) مطالبہ بلند ٿيڻ شروع ٿيا آهن ۽ سندن اصرار ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي تہ چيني شين مٿان پابندي نافذ ڪئي وڃي. "دوحہ" ۾ رڌيل ٻالهيون معطل ڪيون ويون. تضاد ايترو وڌي چڪا آهن جو ڪوئي سمجهوتو ممڪن ناهي رهيو. موجود غير مستحڪم "عروج" جي ڦوڪڻي منجهان بہ هوا نڪرڻ شروع ٿي چڪي آهي. آمريڪا ۾ صارفيت جو "عروج" بنيادي طور گهٽ وياج جي شرح جي ڪري آهي جيڪو وسيع پيماني جي ڪريڊٽ ۽ قرضن تي ٻڌل آهي. اهي عنصر پنهنجي الٽ ۾ تبديل ٿي ويندا. عالمي سطح تي هڪ نئون بحران سموري دنيا کي پنهنجي پڪڙ ۾ آڻڻ لاءِ تيار آهي. اهڙي ريت گلوبلائيزيشن پنهنجو اظهار سرمائيداراڻي نظام جي گلوبلائزيڊ بحران جي شڪل ۾ ڪري رهي آهي.

ڇا ڪوئي متبادل آهي؟؟

بورجوا معاشي ماهر ان حد تائين تنگ نظر ۽ انڌا ٿي چڪا آهن جو اهي متروڪ ٿيل سرمائيداراٽي نظام سان اڃان تائين چنبڙيا پيا آهن جڏهن ته هو اهو به اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿي چڪا آهن ته هن نظام جو سمورو بدن موتمار بيمارين جي پڪڙ ۾ اچي چڪو آهي ۽ ڪنهن به وقت ڍهي پٽ پوندو. اهو سوچڻ يا چوڻ ئي انسانيت جي توهين ڪرڻ برابر آهي ته ڪو نسل انساني ان قابل ئي ناهي ٿي سگهي جو ان (سرمائيداراٽي نظام) ڳريل سڙيل، بدعنوان، زوال آفرين نظام جو ڪوئي بهتر متبادل نظام تخليق نه ٿي ڪري سگهي. ڇا واقعي اها ڳالهه درست آهي ته سرمائيداراٽي نظام جو ڪوئي متبال ڪونهي؟ جي نه! اها ڳالهه درست ناهي. هڪ متبادل نظام موجود آهي جيڪو ڪجهه ماڻهن جي منافعي خوري جي لاءِ نه پر سڀني جي لاءِ پيداوار جوڳو هوندو. اهو نظام (سوشلزم) انتشار ۽ بي يقيني جي جڳهه هم آهنگي تي ٻڌل منصوبه بندي کي متعارف ڪرائيندو. هي نظام (سوشلزم) چند امير طفيلي ماڻهن جي حڪمراني جي جڳهه ان اڪثريت جي حڪمراني قائم ڪندو جيڪو سماج جي سموري دولت کي پيدا ڪندو پيو اچي. ان متبادل جو نالو سوشلزم آهي. ڪجهه ماڻهو ان لفظ بابت سوال ڪري سگهي ٿا پر سچ اهو آهي ته ان نظام جو نالو ئي سوشلزم آهي. هي اهو ڪامورا شاهي ۽ مطلق العنان نظام ناهي جيڪو اسٽالنسٽ روس ۾ هيو. سوشلزم هڪ خالق جمهوريت آهي جيڪو پيداواري قوتن مٿان پورهيت طبقي جي حاڪميت، ڪنٽرول ۽ انتظام تي ٻڌل هوندو آهي. ڇا هي نظريو واقعي ايترو مشڪل آهي جو ان کي سمجهي به سگهجي؟ ڇا هي تجويز واقعي ڪا يوٽوپيائي (خيالي) آهي ته انساني نسل پنهنجي قسمت پنهنجي هٿن ۾ نه ٿي وٺي سگهي ۽ سماج کي پيداوار جي جمهوري منصوبي جي تحت نه ٿي هلائي سگهي!

هڪ سوشلسٽ منصوبه بند معيشت جو نظريو مارڪس يا ڪنهن بي مفڪر جي ايجاد ناهي پر اها معروضي ضرورت منجهان ايرندڙ حقيقت

آهي. هڪ عالمي سوشلزم جا امڪان خود سرمائيداراڻي نظام جي موجوده حالتن منجهان ئي سامهون پيا اچن. ان لاءِ پورهيت طبقي کي سماج کي هلائڻ لاءِ واڳون پنهنجي هٿ ۾ ونڻ جي ضرورت آهي. پورهيتن جو اقتدار جيڪو بينڪن، وڏين وڏين هڪ هٿين کي بي دخل ڪندي موجوده ۾ هينئر تائين ڪم ۾ نه آيل پيداواري صلاحيت کي استعمال ۾ آڻيندي سماج جا سمورا مسئلا حل ڪري سگهي. مارڪس لکيو هيو ته "ڪو به سماجي نظام ناهي ٽيندو ته جيسيتائين اهو پيداواري ذريعن کي ترقي ڏئي سگهندو آهي. (ڪارل مارڪس، مهاڳ: سياسي معيشت تي تنقيد) سرمائيداراڻي نظام جي تشڪيل ڏنل ترقيءَ انساني سماج جي هڪ نئين ۾ بلند ۾ برتر صورت جي لاءِ معروضي حالتون تيار ڪري ورتيون آهن. گذريل 200 سالن جي صنعت، زراعت، سائنس ۾ ٽيڪنڪ جي ترقي اهڙي رفتار ۾ شدت اپنائي ورتي آهي جو جنهن جي تاريخ ۾ ڪا مثال موجود ڪونهي.

"بورجوازي طبقو پيداوري اوزارن ۾ ۾ ان جي ڪري پيداواري لاڳاپن ۾ ۾ ان سان گڏوگڏ سماج جي سمورن لاڳاپن ۾ لڳاتار انقلابي تبديلين ڪرڻ کان بغير پنهنجو وجود برقرار نه ٽو رکي سگهي. ان جي ابتڙ پيداوار جا پراڻا طريقن کي جيئن جو تيئن بغير ڪنهن ردوبدل جي قائم رکڻ، پهرين زماني جي سمورن صنعتي طبقن جي بقا جو بنيادي شرط هوندي هئي. (مطلب سرمائيداري کان اڳ جيڪي به نظام آيا آهن انهن جي بقا ان ۾ هئي ته اهي پيداوار جي ان وقت جي طور طريقن کي جيئن جو تيئن قائم رکن تڏهن ئي قائم رهي سگهيا پئي پر انهن جي ابتڙ سرمائيداراڻي نظام ۾ اهو ضروري ٽي پيو ته هي نظام پيداواري ذريعن توڙي لاڳاپن ۾ ترقي آڻيندو رهي: مترجم) پيداوار ۾ لڳاتار انقلابي اٿل پٿل، جملي سماجي لاڳاپن ۾ لڳاتار خلل اندازي، دائمي عدمِ استحڪام ۾ هلچل بورجوازي جي دؤر کي پهرين جي سمورن وقتن کان ممتاز ڪري ٽي." (ڪميونسٽ پارٽي جو مينيفيسٽو باب 1، بورجوازي ۾ پرولتاريه، مارڪس ۾ اينگلز)

مارڪس جا اهي لفظ ڪيڏا نه درست آهن ۾ اڄوڪي حالتن ۾ ڪيترا وقتي آهن! جيڪي مسئلا اسان سڀني کي سامهون آهن انهن جو

حل ۾ موجود آهي. گذريل ۽ سئو سالن دوران سرمائيداراٽي نظام ديو هيڪل پيداواري قوت تعمير ڪئي آهي پر نظام ان جي پوري صلاحيت مان لاپ ونڊ ڪان قاص آهي. موجوده بحران ان حقيقت طرف اشارو ڪري ٿو ته صنعت، سائنس ۽ ٽيڪنڪ ان مقام تي پهچي چڪي آهي ته جتي هاڻي انهن کي نجي ملڪيت ۽ قومي رياست جي حد بندين ۾ محدود نه ٿو رکي سگهجي. بي مهاياري لڙائي کان پوءِ ٽيل ترقي ته خاص طور تي تاريخ ۾ پاڻ جو ڪو ٻيو مثال ئي نه رکي. نيوڪليئر توانائي، مائيڪرو اليڪٽرونڪس، ٽيلي ڪميونيڪيشنز ڪمپيوٽرز صنعتي روبوٽس.... انهن سيني جي مدد سان پيداواري صلاحيت کي ڪم ۾ آڻيڊي انهن بلندين تائين پهچائي سگهجي ٿو جن جو مارڪس جي دؤر ۾ تصور ۽ ممڪن نه هيو جنهن منجهان اسان کي واضح اندازو ٿي وڃي ٿو ته مستقبل ۾ سوشلزم تحت ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جا امڪان موجود ناهن يا ڇا نه ڪري سگهبو ڪڏهن معيشت منصوبہ بند هوندي ۽ اها ۽ عالمگير سطح تي. موجوده بحران حقيقت ۾ پيداواري قوتن جو انهن مٿي بيان ڪيل رڪاوٽن جي خلاف اعلانِ بغاوت آهي جن جي ڪري انهن قوتن جو ساهہ ٻوساتجي رهيو آهي. هڪ دفعو جڏهن صنعت، زراعت، سائنس، ٽيڪنڪ سرمائيداراٽي نظام جي انهن رڪاوٽن کي عبور ڪندي آزاد ٿي ويندیون ته پيداواري قوتون ٽوري ئي وقت ۾ آساني ۽ سهولت سان سمورين انساني ضرورتن کي پوري ڪري سگهنديون. تاريخ ۾ پهريون پيرو ائين ٿيندو جو انسانيت پنهنجي ڪامل صلاحيت احساس منجهان مستفيد ۽ لطف اندروز ٿيندي. ڪم ڪرڻ جي وقت ۾ هڪ عمومي ڪمي، هڪ خالص ثقافتي انقلاب جون حقيقي مادي بنيادون فراهم ڪنديون. ثقافت، فن، موسيقي، ادب ۽ سائنس ناقابل تصور بلندين کي ڇهي سگهنديون.

واحد رستو:

ويهه سال اڳ "فوڪوياما" تاريخ جي خاتمي جو اعلان ڪيو هيو پر تاريخ ختم ناهي ٿي. حقيقت ته اها آهي اسان جي مطلب انسانن جي تاريخ ان وقت شروع ٿيندي جڏهن اسان انسان طبقاتي غلامي منجهان نجات حاصل ڪري ونڊاسين ۽ جڏهن اسان پنهنجي قسمتن ۽ زندگين تي دسترس حاصل ڪري سگهنداسين. سوشلزم اهو ئي هوندو آهي ۽ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. انسانيت جي ضرورت جي دنيا کان آزادي جي دنيا جي طرف وڌي ڇلانگ ايڪيهين صدي جي ٻي ڏهاڪي ۾ انسانيت هڪ ٻي واٽي تي بيٺي آهي. هڪ طرف جديد سائنس ۽ ٽيڪنيڪ جي حاصلات اسان کي اهي ذريعا ميسر ڪيا آهن جن کي استعمال ۾ آڻيندي اسان انهن سڀني مسئلن ۽ محرومين منجهان نجات حاصل ڪري سگهون ٿا جن شروع کان وٺي هڪ طاعون جيان انسان کي جڪڑي رکيو آهي. اسان بيمارين کي ختم ڪري سگهون ٿا. جهالت منجهان جان ڇڏائي سگهون ٿا. ٻي گهري منجهان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون ٿا. صحرائن کي گلزار بڻائي سگهون ٿا.

ٻي طرف اهو رستو آهي، جتي اهي سمورا خواب مذاق ۽ المياي ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا. جتي سائنس جون ڪوجنائن کي وسيع تباهين جي سامان جي تياري لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. جتي غربت، بک، جهالت ۽ بيماري عام آهي، جتي انسانن جي اذيتن ۽ ذلتن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي، جتي وڏندڙ اميري محرومي جي دلدل کي اڃان به وڌيڪ وحشي بڻائي رهي آهي، جتي اسان هڪ انسان کي ته چند تي موڪلي سگهون ٿا پر اتي ئي هر سال 80 لک انسان صرف بک جي ڪري موت جو ڪاڇ ٿي وڃن ٿا. جتي 100 ملين ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ گهٽين ۾ ئي زندگي گذارن ٿا ۽ اتي ئي مري وڃن ٿا ۽ جن کي ان دوران ان ڳالهه جي به خبر ناهي هوندي ته "ڇت" (گهر) نالي به ڪائي شئي هوندي آهي.

موجوده صورتحال جو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ترين پهلو انتشار ۽ بي چيني آهي جنهن پوري ڌرتي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

معيشت، سياست، سماجيات، سفارتڪاري ۽ عسڪريت، غرض هر سطح تي عدم استحڪام غالب اچي چڪو آهي. ماڻهن جي اڪثريت ان سموري بربريت کان بي خبر ٿي چڪي آهي ۽ اها عاجز ٿي ڪري ان کان منهن موڙي چڪي آهي. پر ان قسم جي ردعمل سان ڪوئي فرق نه ٿو پوي پر الٽو ان جا خراب اثر پئجي رهيا آهن. مارڪسزم اسان کي باور ڪرائي ٿو ته تاريخ ڪڏهن به بي معنيٰ ناهي هوندي. موجوده صورتحال ڪنهن طور ڪجهه ماڻهن جي پاڳل پڻي يا انهن جي ڪنهن موروثي برائي جو نتيجو ناهي. عظيم فلسفي اسپينوزا چيو هيو ته "نه ته روئڻو آهي نه ئي کلڻو پر سمجهڻو آهي." اها هڪ بلڪل درست نصيحت آهي. ڇو جو جيڪڏهن اسان هن دنيا کي نه ٿا سمجهون ته جنهن ۾ اسان زنده رهون ٿا ته پوءِ اسان ان تبديل ڪرڻ جي ڪڏهن به قابل نه ٿا ٿي سگهون.

جڏهن مارڪس ۽ اينگلز ڪميونسٽ مينيفيسٽو لکي رهيا هئا ته اهي ٻئي 29 (مارڪس جي ان وقت عمر) ۽ 27 (اينگلز جي ان وقت عمر) سالن جا نوجوان هئا. هو اهو سڀ ڪجهه هڪ تاريڪ (ڪاري) رجعتي دؤر جي دوران لکي رهيا هئا. تڏهن پورهيت طبقو بظاهر بي عملي جي حالت ۾ هيو. مينيفيسٽو برسلزم ۾ لکيو ويو جتي ٻئي ليکڪ (مارڪسز ۽ اينگلز) جبري سياسي جلاوطني جي نتيجي ۾ رهائش پذير هئا. جڏهن ڪميونسٽ مينيفيسٽو پهريون دفعو فيبروري 1848ع تي منظر عام تي آيو ته ان وقت پيرس جي گهٽين ۾ انقلاب سرگرم ٿي چڪو هيو ۽ ڪجهه ئي مهينن ۾ ان پوري يورپ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هيو.

سوويت يونين جي انهدام کان پوءِ سرمائيداري جا محافظ فتح جو جشن ملهائيندي خوشي ۾ نه پئي ماپيا. هنن سوشلزم جي خاتمي، ايسيتائين جو تاريخ جي ئي خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو. هنن (سرمائيدارن) اسان سان اهو واعدو ڪيو ته هاڻي اسان سيني کي، امن، خوشحالي ۽ جمهوريت جي نئين دؤر سان روشناس ڪرايو ويندو ۽ اهو معجزو آزاد منڊي جي معيشت جي هٿان سامهون اچڻ وارو آهي. هينئر صرف 15 سالن کانپوءِ اهي سڀ دعوائون هوا ٿي چڪيون آهن. صرف خيالن يا حوالن جي واري جون ديوارون نه ٽيون تعمير ڪري سگهجن.

ان سموري عمل جي معنيٰ چا ٿي نڪري؟ اسان هڪ سماجي نظام کي هڪ دردناڪ مرندڙ حالت ۾ ڏسي رهيا آهيون جيڪو نه ته جيئڻ جي حالت ۾ واپس اچي سگهي ٿو نه ئي پنهنجي موت مرڻ جي لاءِ تيار پيو ٿئي. جنگيون، دهشت گردي، تشدد ۽ موت اهو سڀ ڪجهه هن دؤر جون خاصيتون آهن جنهن ۾ اسان جي رهيا آهيون. پر ان ئي دؤر ۾ اسان هڪ نئين سماج، هڪ نئين انصاف پري سماج جي جنم جا اثر به محسوس ڪري رهيا آهيون ته جنهن ۾ هر انسان حقيقي زندگي بسر ڪري سگهندو. انهن تباهي آڻيندڙ واقعن ۽ حالتن جي اندران هڪ نئين قوت پيدا ٿي رهي آهي، نوجوانن، هارين ۽ مزدورن جي انقلابي قوت. اقوامِ متحده جي اجلاس کي خطاب دوران وينزويلا جي مرحوم صدر هوگو شاويز چيو هيو ته "ماڻهو جاڳن پيا ۽ ماڻهو اٿي رهيا آهن." اهي لفظ هڪ نوس سچائي بيان ڪري رهيا آهن. ڪروڙين ماڻهو عمل جي ميدان ۾ اچي رهيا آهن. عراق جي جنگ کان پهرين، ان جي خلاف ڪروڙي انسان روڊن رستن تي ڪاهي پيا هئا. اهو بيداري جي شروعات جو اعلان هيو. پر تحريڪ سماج کي تبديل ڪرڻ جي مربوط پروگرام سان ليس نه هئي ۽ اها ان جي هڪ وڏي ڪمزوري هئي. تبديلي کان بدگمان ۽ بدخواهه ماڻهن جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. هاڻي وقت اچي چڪو آهي جو اسان پنهنجي رستن منجهان انهن سيني کي هٽائيندا وڃون ۽ لڙائي کي اڳتي وڌائيندا رهون. نئون نسل پنهنجي نجات لاءِ تڙپ ۽ آرزومندي سان لبريز آهي. ان کي هڪ نعرو هڪ نظريو ۽ هڪ پروگرام گهربل آهي جيڪو ان کي متاثر ڪندي ڪاميابي طرف وٺي وڃي سگهي. عالمي سوشلزم جي جدوجهد ئي اهو گهربل نعرو، نظريو ۽ پروگرام آهي.

ڪارل مارڪس درست چيو هيو "انساني نسل اڳيان به رستا آهن جن مان ڪيس چونڊ ڪرڻي آهي، بربريت يا سوشلزم!"



اسان هڪ سماجي نظام کي دردناڪ موت واري ڪيفيت ۾ ڏسي رهيا آهيون" جيڪو نه ته جيئڻ جي حالت ۾ واپس اچي سگهي ٿو ۽ نه ئي پنهنجي موت مرڻ لاءِ تيار آهي. جنگيون، دهشتگردي، تشدد ۽ موت جي راند اهي سڀ هن دور جون خاصيتون آهن جنهن ۾ اسان زندگي بسر ڪري رهيا آهيون. پر انهيءَ ساڳي دور ۾ اسان هڪ نئين ۽ منصفاڻي سماج جي جنم جي اثرن کي به محسوس ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ سڀئي انسان حقيقي زندگي بسر ڪري سگهندا. انهن تباهي سان پرپور واقعن ۽ حالتن جي اندران ئي هڪ نئين قوت جنم وٺي رهي آهي، نوجوانن، هارين ۽ مزدورن جي انقلابي قوت. ڪروڙين انسان عمل جي ميدان ۾ لهن پيا، تبديلي کان بدگمان ۽ بدذهن همراهن جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. هاڻي وقت اچي چڪو آهي ته انسان پنهنجي راهن منجهان انهن سپني کي هٽائيندا ۽ ويڑهه کي اڳتي وڌائيندا وڃون. نئون نسل پنهنجي نجات جي تڙپ ۽ آرزو سان لبريز آهي. انهن کي هڪ نعرو، هڪ نظريو ۽ هڪ پروگرام گهربل آهي جيڪو کين متاثر ڪندي ڪاميابي طرف وٺي وڃي. عالمي سوشلزم ئي اهو گهربل نعرو، نظريو ۽ پروگرام آهي.

(ايلن ووڈز)



لال سلام پبليڪشنز

10 ايبٽ روڈ، لاهور، فون: 042-36311122

marxist.pk

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.